# وڪر سو وهاڻ....

موهن گيهاڻي

# Vakhar so Vahaai...

**By**
Mohan Gehani
Type 7, Tower 4, 2nd Floor
East Kidwai Nagar
Opposite AIIMS
New Delhi - 110023
mob.: 8920176689
All rights with the author
**Year** : 2021
**Copies** : 500
**Pages** : 190
**Price** : 400
**ISBN** :
**Published by** :
Indian Institute of Sindhology
P.O.Box 10, Adipur(Kutchh)

**Printed By :**
Scan Computers,
3, Radheyshyam Apartment,
Nr. Navdurga Society, Patia,
Naroda Road, Ahmedabad - 382345
(M) 9327007002

## فهرست

١. خليفي گل محمد جي فيلسوفي
٢. ديوان ڏيارام گدومل
٣. لاکيٽو لعل
٤. پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ناٽڪن جو منچ هنر
٥. فانيءَ جي شاعريءَ جا فڪري لاڙا
٦. ديو قد شخصيت - حشو ڪيولراماڻي
٧. پريو وفا - سندس زندگي ۽ شاعري - هڪ نظر
٨. هري دلگير 'موج ڪئي مهراڻ' جي حوالي ۾
٩. گوبند پنجابي - سو سال يادگار سيمينار
١٠. ڪيرت ٻاٻاڻي - زندگي - ادب - هڪ نظر
١١. شيخ اياز سنڌ جو 'عظيم' شاعر
١٢. اي.جي.اتم ۽ سنڌي ادب
١٣. ڪرشن کٽواڻي ۽ سنڌ
١٤. موتي پرڪاش - زندگي ۽ اديب
١٥. سنڌي ادب ۾ ترقي پسند دور

## پہ اکر

موهن گيهاڻي ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ لاءِ اُسرندڙ جنوني اديبن طرفان هلايل هلچل جي آخرين ۽ هڪ ئي ڪڙي وڃي رهيو آهي.

هو هڪ ودوان، مفڪر، تاريخ نويس ۽ اديب طور سنڌي ادب ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل نالو آهي. سندس قلم وڏي ڄمار جي باوجود اڄ بہ رڪجڻ جو نالو نٿو وٺي. سنڌي ساهت ۾ ٣٠ کان مٿي ڪتاب رچيا اٿائين. سنڌيءَ کان سواءِ انگريزي ٻوليءَ تي بہ دست رس اٿس. ساهت اڪادميءَ طرفان سندس چار مونوگراف سنڌي ساهتڪارن بابت انگريزيءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن. سندس ڪوتائن جا ٢ مجموعا انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇاپي هيٺ آيل آهن.

موهن گيهاڻيءَ ناول کي ڇڏي ادب جي اڪثر هر صنف تي قلم آزمائي ڪئي آهي. هنجي ناٽڪن جي مجموعي 'تہ خوابن جو ڇا ٿيندو ۽ ڪپلا واتساين جي' 'ڀرت ناٽيہ شاستر' جي ترجمي لاءِ کيس ساهت اڪادميءَ طرفان انعام سان نوازيو ويو آهي.

مذڪور ڪتاب سندس مقالن جو مجموعو آهي، انهن سنڌي اديبن ۽ سندن ادب بابت، جن سنڌي ساهت ۾ امٽ ڇاپ ڇڏي آهي.

اميد تہ سنڌالاجيءَ طرفان هيءُ ادبي تحفو سنڌي ادبي تاريخ ۾ چاھ وندڙن لاءِ نهايت ئي عمدو ثابت ٿيندو.

صاحب بجاڻي

## خليفي گل محمد جي فيلسوفي
## (پسمنظر ۽ تخليق)

ٻن صدين گذري وڃڻ بعد خليفي گل محمد جي شاعريءَ جي اهميت تي ڳالهائڻ ۽ سندس شاعريءَ مان ڦٽندڙ زندگيءَ جي ملهن ۽ رجحانن جي اوک ڊوک ڪرڻ هڪ صحيح موقعو آهي. ٻن سون سالن ۾ ايتريون تہ تبديليون آيون آهن جو هاڻي پسمنظر ۾ ان جو جائزو وٺڻ سان سندس شاعريءَ ۾ سمايل ابدي ۽ عالمي ملهن جي سڃاڻپ سولي لڳندي.

جڏهن ملهن جي ڳالهہ ڪبي تہ ڪنهن هڪ ڍانچي (وٿليو اسٽرڪچر) ۽ ان سان وابستہ فيلسوفيءَ جي بنيادن جي ڳالهہ ڪرڻ پڻ ضروري ٿيو پوي. هونءَ اهو ضروري نہ آهي تہ هرڪو شاعر ڪو فيلسوف هجي ۽ هرڪو فيلسوف شاعر. پر روايت تہ اهو ئي ڏيکاري ٿي تہ هر ڪنهن فيلسوف کي شاعر ڪري تسليم ڪرڻ جي روايت تمام ڪهني آهي. هن حالت ۾ اهو ضروري ٿيو پوي تہ هتي مختصر ۾ شاعريءَ ۽ 'الهام' جي رشتي بابت ذڪر ڪيو وڃي.

دنيا جي سڀني مذهبن جا ڪتاب (گرنٿ) شاعريءَ ۾ آهن، تنهن ڪري شاعري 'الهام' ۽ شاعر پيغمبر ۽ مهارشي ٻڌجيو پوي. هندن جو رگويد شاعريءَ جو هڪ نمونو آهي، جنهن کي جهوني ۾ جهوني شاعريءَ جو مثال ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. يوناني اپولو ۽ ڊائونسس کي 'الهام' (پريرڻا - انسپائريشن) جو سرچشمو ڪري مڃيندا هئا.

اسرائيلي - هيبرو ٻوليءَ جا گرنٿ خدائي آواز ڪري تسليم ڪن ٿا ۽ ڪرستان وري بائيبل کي پوتر آتما (هولي اسپرٽ) جو آواز ڪري تسليم ڪن ٿا. اها تہ ٿي آڳاٽي زماني جي ڳالھہ، پر انگلنڊ جا ڪوي جي لڳ ڀڳ خليفي گل محمد جا وقت جي لحاظ کان همعصر چئي سگهجن ٿا، ڪالورج ۽ شئلي پڻ شاعري پريرڻا الاهي وٽ ڪري مڃين ٿا.

هن ڳالھہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي شاعري پيغمبريءَ سان شروع ٿي ۽ ڪافي وقت تائين ولين، درويشن، برهمڻن ۽ بعد ۾ ڀڳتن جي ’ملڪيت‘ ٿي رهي. ڪنهن هڪ شخص جو شاعر ٿي اڀرڻ وقت جي لحاظ کان هاڻي جي ئي ڳالھہ آهي. خاص ڪري هن برصغير جي سمجهڻ اهو سماج جي ٻن جدا جدا سطحن تي هلڻ جي ڪري ٿيو آهي.

هن جدا جدا سطحن تي چر پر کي سمجهڻ جي لاءِ هتي سدا حيات محمد ابراهيم جويو جي ڪتاب، ’شاهہ، سچل ۽ سامي‘ ۾ ڏنل ڇيد ڏيڻ نيڪ ٿيندو. جنهن جي پسمنظر ۾ ’هڪ شخص‘ جي شاعر ٿي اڀرڻ جي ’ڪرشمي‘ کي سمجهڻ ۾ سهوليت ٿيندي. جناب محمد ابراهيم جويو موجب هن سماج جي رچنا هڪ ٽڪنڊي جيان آهي جنهن ۾ هڪ طرف آهي سياست، ٻئي طرف مذهب (خدا جي طاقت) ۽ ٽئين طرف عوام. جيستائين اهو ٽڪنڊو ميزان ۾ رهندو آهي، پنهنجن اندروني تناون ۽ ٽڪراون جي باوجود، زندگي پنهنجي وهنواري رفتار تي هلندي رهندي آهي، پر جيڪڏهن هن ٽڪنڊي جا ٻہ پاسا - زماني جي طاقت (سياست) ۽ خدائي طاقت (مذهب) پاڻ ۾ گڏجي ويندا آهن تہ وقت پئي اهو تضاد شديد ٿيندو ويندو آهي ۽ حالت هڪ قسم جي زلزلي کي وڃي رسندي آهي. زلزلي ۾ جيئن زير زمين طاقتون پاڻ ۾ ٽڪر ۾ اينديون آهن ۽ ان ٽڪر جي ڪري انهن ۾ تمام گهڻي طاقت پيدا ٿيندي آهي. ان اٿل پٿل جي ماحول ۾ ڪي شخص تخليقي قوت جي حد نشان کي



رسندا آهن ۽ عوام جي دکن دردن، خوشين ۽ غمن کي اظهاريندا آهن. شاهہ سچل ۽ سامي هڪ اهڙي تاريخي دؤر جا شاعر پيدا ٿيا.

هن سچي روئداد جي برعڪس هڪ ٻئي سلسلي کي بہ ڏسڻو پوندو. هڪ اهڙو سماج جتي ’علميت‘ جو سلسلو سماج ۽ عوامي نہ پر شخصي ٿو هجي. علميت ڪنهن شخص جي ذاتي حاصلات ٿي ٿئي، سندس ذهن ۽ ذوق ڪنهن خاص ماحول ۾ اسرن ٿا، ۽ ان جا علمي بنياد پڻ مخصوص ٿين ٿا. اهڙي حالت ۾ عالم راجائن ۽ حاڪمن جي دربار ۾ پهچڻ ٿا، ۽ پنهنجي محنت سان حاصل ڪيل علم راجائن هنر کي بهتر بڻائي فن جي سطح تي رسائين ٿا. اهڙا عالم ڪيترن ئي شعبن ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ ڪي انهن مان شاعريءَ جي ڪيتر ۾ پڻ پاڻ موڪين ٿا. اتي فن ۽ ڪاريگريءَ جا واچا نمونا پيدا ٿين ٿا ۽ اهي شخص بذات خود هڪ مخصوص سڃاڻپ قائم ڪن ٿا.

پر خليفو محمد هنن ٻنهي سلسلن مان ڪنهن بہ سلسلي جو نہ آهي. ان لحاظ کان هن جي حالت يگاني چئبي، سدا حيات پروفيسر اياز قادري پنهنجي ڪتاب - سنڌي غزل جي اوسر ۾ گل کي ايتري اهميت ڏني آهي جو هن هڪ دؤر کي ’گل جو دؤر‘ قرار ڏنو آهي. هو صاحب چوي ٿو، ”خليفي گل محمد جو جنم ٽالپرن جي شروعاتي دؤر ۾ ٿيو...“ ’ديوان گل‘ ١٩٣٣ع واري ڇاپي جي شروعات ۾ خاڪسار عبلغفور هالائيءَ سندس زندگيءَ جو بيان هن طرح ڪيو آهي.

”ديوان گل جو ناهيندڙ مرحوم خليفو گل محمد سانوڻي آخوند هو. هيءُ هالا پراڻي تلقہ هالا ضلع حيدراباد جو وينل هو. کين سانوڻي آخوند چو ٿا چون، تنهنجو سبب هيءُ آهي تہ عام طرح سڀ پڙهيل ۽ درويش ۽ فيض وارا هوندا هئا ۽ علم جو وٽن گهڻو چرچو هوندو هو، انهيءَ ڪري گهڻا طالب علم پڙهڻ ۽ فيض پرائڻ لاءِ ايندا هئا ۽ سندن مڪتبن مان فيض پرائي خدا رسيدا ۽ عالم ٿي ويندا هئا. انهيءَ ڪري

ڪنهن ڪامل بزرگ چين ته اوهان جي علم جي پالوٽ سانوڻ جي مينهن وانگر آهي. جا ڪنهن کي به وانجهي نٿي. ان کان پوءِ کين سانوٽي ملا يا آخوند ڪري ڪوٺيندا اچن.... هڪ روهڙيءَ واري پير پاڳاري جو مريد ۽ خليفو هو ۽ اهو خلافت جو سلسلو اجا تائين آخوندن ۾ جاري آهي....'

گل محمد کي نه پيري فقيريءَ ۽ نه ئي وري ڪنهن دربار جي دٻدٻي جي وراثت ملي. هڪ معمولي ننڍي شهر جو يا ڪنهن ڳوٺ جو آخوند ايتري بلند معيار کي رسيو جو سنڌي شاعريءَ جو هڪ سڄو دؤر سندس نالي سان منسوب ٿيو، جيتوڻيڪ ان وقت جا حڪمران پاڻ پڻ شاعريءَ جي ميدان ۾ شهوار هئا.

اها خليفي گل محمد جي جريت هئي جنهن صدين کان سنڌ ۾ ٻوڏ جيان آيل تصوف جي فلسفي کي جنهن جي بيتن، واين، ڪافين ۾ ٻوڏ ٻوڏان هئي، ان سامهون، ان وهڪري کي روڪڻ لاءِ سينو سهائي ايو تي بيٺو. هن غيبي ۽ روحاني دنيا کي ڇڏي هن دنيا جي ڳالهه ڪئي، الاهي عشق جي ڳالهه پاسيري ڪري هڏ ۽ چم جي هن دنيا ۾ رهندڙ معشوق جي ڳالهه ڪئي ۽ ثابت ڪيو.

”ڪر تڪمل تي جبل، چر ڪيم ڪنهن چور تي
هيڏي هوڏي ٿوڪ تي واءَ تي ڪک جيئن ۾ ڪچ“.

ائين فن شاعريءَ جو سفر لهوارو لڙهي نه پر اوڀارو تري طئه ڪيو.

خليفي گل محمد جي غزل ۾ دين، ان جي زندگي ۽ وقت، سندس فني پهلو، اهي سڀ دلڪش پهلو منهنجي مضمون جي دائري کان ٻاهر آهن، تنهن ڪري مان انهن تي ڪجهه به چوڻ کان پاڻ بچائي پاڻ سان زوري ڪري به پاڻ کي روڪيندس ۽ خليفي گل محمد جي شاعريءَ جي نسبت ۾ صرف هيٺين ڳالهين جو مختصر ۾ ذڪر



ڪندس.

- گل محمد خليفو هن دنيا جو شاعر آهي.

- هو پنهنجي ملڪ سنڌ - سنڌي ٻولي ۽ سنڌي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندڙ شاعر آهي.

- هن  پل تصوف جي لهر کي روڪيو پر هو هر ڪنهن قسم جي ڪٽرپڻي کان آزاد آهي ۽ ان مذهبي ڪشاده دلُ جا ڪيترا ئي شعر سندس غزل ۾ جابجا نظر اچن ٿا.

- هو ڪٽرپڻي کان آزاد هوندي پڻ پنهنجي مذهب سان پيار ڪندڙ آهي.

- هڪ استاد طور هن جي شاعريءَ ۾ ناصحانو شعر پڻ جابجا آهي جو زندگيءَ جي شفي خصلتن کي ترجيع ڏئي ٿو ۽ هو غزل جو شاعر آهي. غزل کي گفتگو ڪرڻ پڻ مڃيو ويندو آهي. گل بخوبي فرمائي ٿو:

آءُ ته اوريون ويهي اندر جي اور
مصرت گڏجي لهن هنئين سان هور.

جيئن اڳ چيو ويو آهي خليفي گل محمد جي شاعري ان نوع جي نه آهي جا 'نيئي پريان سندي پار.' هن جي شاعري هن دنيا جي معشوق جي شاعري آهي. هتي وري به مان سدا حيات اياز قادريءَ جون هي جاجنائون دهرائڻ چاهيندس. ”خليفي جنهن وقت غزل جي زمين ۾ سخن سنجي ڪئي ان کان گهڻو اڳ سنڌ ۾ عربي ۽ فارسي بحرن وزنن تي شعر چوڻ جو رواج پئجي چڪو هو.... ”نبي بخش خان جي حوالي سان هو چوي ٿو، ”خليفو گل محمد پنهنجو پاڻ ۾ يگانو هو هن پنهنجي ڪوشش سان جڻ نج سنڌي غزل جو مجسمو پيدا ڪيو ۽ ان ۾ ساهه وڌو....“ اڳتي مرحوم اياز قادري فرمائي ٿو، ”غزل شاعريءَ جي اها صنف آهي، جنهن ۾ عشق ۽ محبت جي مختلف جذبن، ڪيفيتن، وارداتن کي نهايت دلپذير پيري ۾ بيان ڪيو ويندو آهي.“

”غشق ۽ محبت انسان جو اهو جذبو آهي، جنهن سان هن جي زندگيءَ ۾ باغ و بهار پيدا ٿئي ٿو، تنهن ڪري انسان ڪيترن ڏکن ڏسڻ جي باوجود به عشق جي دامن ۾ پناهه وني ٿو. خليفي گل محمد کي پڻ عشق جي چوٽ آيل هئي، تنهن ڪري هن سنڌي غزل ۾ مجازي عشق جي ترجمانيءَ جو بنياد رکيو.“

ڪجهه مثال ئي ڏيئي سگهجن ٿا :
مٺا جي محبت نه ماريا سي مؤت
وقت جال جيئرا، فنا ڪيا نه فوت
۽ آخر ۾،
خوش ڪريون دل پانهنجي کي جڳ
پلي پيو ماري جڪ.

شيخ عبدا لرزاق ’راز‘ چواڻي، ”گل جي شاعري سنڌ ۾ غزل جي شاعري آهي...“ ’غزل جي بنيادي وصفن کي اپنائيندي گل ان کي سنڌي تهذيب جو ويس پارايو آهي. اتي گل اردوءَ جي غزلگو شاعرن کان نرالو ٿي بيٺو آهي.‘ (پروفيسر ارجن شاد جي ’سنڌي غزل‘ مان کنيل) مرحوم اياز قادريءَ پڻ اهو محيو آهي ته ’هن جي غزل جون به خوبيون نمايان آهن، هڪ پنهنجو ماحول ۽ ٻي پنهنجي ٻولي.‘ هو چوي ٿو، ”فطرت نگاريءَ يا منظرنگاريءَ کي غزل ۾ ڪو درجو، يا مقام خاص نه آهي، تنهن ڪري غزلگو شاعرن ان کي ايتري اهميت نه ڏني آهي.“ مان سندس راءِ سان بنهه شامل نه آهيان، منهنجي خيال ۾ منظرنگاري عڪاسي غزل جي خوبي آهي ۽ شعر کي نهايت خوبصورتي بخشي ٿي ۽ اهڙو هنر ڪنهن غزلگو شاعر ۾ ڪافي مشق بعد ئي پيدا ٿي سگهندو آهي. اڳتي هلي اياز قادري صاحب ڪي مثال ڏنا آهن، جن جو هتي ذڪر ڪرڻ بي جاءِ نه ٿيندو. جڏهن ٿر ۾ برسات وسندي



آهي ته ٿر ڪيئن ٽڙندو آهي ان جا ڪي مثال :
ويو سيارو وسي بهار بوند
گل ٽڙيو ڦل ٽڙيو ٿيو ٿر باغ.

آئي رت سانوڻ سندي مينهن وسي ڪٽڙا ملار
ڍٽ وسيا ۽ پٽ وسيا سرها ٿيا سانگي سنگهار
بيشڪ گل پنهنجي ڌرتيءَ جو شاعر آهي.

پاڳيون پاڻ تي پٽن سرهيون
مال ٽن جا ڪرين ٽارون ٿيا

گل ڪليا گل باغ ۾ سرها
گل چنيو سورنگهه ۾ پٽ ڪڪ ڪاڏ.

ڪبير وانگر گل پڻ روزمرهه جي زندگيءَ مان ڪيترا مثال ڏنا آهن. گل سنڌي وستين واهڻن، هنڌن ماڳن، هنرن ۽ ڌنڌن، ڪمين ڪاسبين ، ڪاريگرن ۽ هنرمندن، هارين نارين جو خوب مشاهدو ماڻيو ۽ انهن جي ڪرت ۽ اٺڻي ويهڻي بخوبي ويني جاچي آهي، ان سببان سندس ڪلام ۾ انهن سڀني جو ذڪر اچي ٿو ۽ ائين سندس ڪلام زمين سان جڙيل لڳي ٿو.

جڏهن رنگريز کي ڏنو اٿائين ته سندس قلم مان نڪتو آهي :
’نيررنگ واڌو ڪيڍي جڳهه جهپ
عشق وارو وڌ وڌي منجهه لوس لپ

نيروٽي نير جي ڪن ۾ روڙهو وجهي پوءِ ان کي لٺ سان جهڳيندا آهن، ته نير جو رنگ تيز ٿيندو ويندو آهي.

وري

پائي پيٽ تاجيءَ ۾ پيرن پڌار
ٿيا ڳنڍجي گل مڙيئي گدپ ڳوٺ

تاجي، پيٽو، پير پدارڻ، (هٿيو هلائڻ) ڳوٺ - نار هلائڻ ۽ ڳنڍجي گل بڻجڻ اهي سڀ ڪورين جا وهنوار آهن.

هو هارين کي زمين ۾ ڪرڙا ۽ روٽ هٽندي ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو :
لڏيو هڪ جاءِ مان وهن جاءِ ٻي،
هٽن ٿا هاري ڪرڙا ۽ روٽ.

اهو ٽرانسپلانٽيشن جو مثال آهي - يا وري هڪ جنم ڇڏي ٻئي جنم ۾ داخل ٿيڻ جو مثال. جيئن ته اسلام جنم جنمانتر جي فلسفي ۾ وشواس نٿو رکي، تنهن ڪري هن شعر کي هيءَ دنيا ڇڏي هڪ ابدي دنيا وسائڻ جي حوالي سان سمجهايو ويو آهي.

قدرتي سونهن جوهيءُ بيان ڏسو :
جيئن ڪري تارو تنوارون، ڪوئل ڪڇ ۾ ڪونج روهه،
لاءِ تو لاءِ عاشق پڪارن، هند سنڌ ڪابل قلات.

اهڙيءَ طرح گل پنهنجي شعر کي مڪاني دائري مان ڪڍي جدا جدا موضوعن سان وابسته ڪيو آهيءَ پنهنجي وسيع ڪلپنا شڪتيءَ جو مثال پيش ڪيو آهي.

خليفي گل محمد پل ته سنڌ اندر شاعريءَ تي غالب ’صوفي‘ فلسفي کي پني ڏيئي غزل جي تخليق ڪئي پر بذات خود هن تصوف جي فيلسوفيءَ کي نه نڪاريو آهي. ان جا پڻ ڪيترا مثال سندس غزلن ۾ ملن ٿا. سندس هينيون شعر ته نج تصوف جي فيلسوفي ظاهر ٿو ڪري.

رنگ هڪ ۾ روپ ڪيئي آهن تجليون سو هزار
منجهه ڪکر لڙهه، واچ، آهي مينهن آهي گاج.
ذات پنهنجي غيب چائين پوءِ چوي ٿو ايمنا. (جتي ڪٿي



منهنجي ذات آهي)

(الله جي ذات لاءِ ثم وجهه اللهه اي چا آءُ ڏسان ڇٿو ٺوکي ڪٽ.

(هتي برجستو ۽ دلڪش رديف، آءُ ڏسان ڇٿو ٺوکي ڪٽ‘ ڏيان ڇڪائي ٿو.)

تصوف کي قبولڻ بعد خليفي گل محمد جي شاعريءَ ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو پڻ ذڪر آهي. هن انهن لوڪ آکاڻين جي ڪردارن کي پڻ پنهنجي غزلن ۾ جاءِ ڏني آهي.

ميهر سهڻيءَ چا ڏنو، چا ڪير هو ڪنهن جو انو
جهوري وڏي جنهن جهول ۾ سالڪ سچا ڏي مون خبر.

ڪيچي ويا ڪيچ کي ڇڏي سسئي
ننڊ ۾ رات کي چڙهي سرچانگا (هن غزل جي سلاست ته ڏسو)

سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن وانگر گل پڻ راڳ جو چاڻو ۽ شونقين هو. هونءَ راڳ کي ’مالار‘ غير اسلامي ڪري ليکيندا آهن. پر گل ڪنهن به نموني جي ڪٽر پٽي ڪان آجو هو.

سر ڪلياڻ ۽ جمن (يمن) جو جوڙ
پوءِ ڪنيات ۾ منو آواز
منجهه سر راڳ ساموندي، سهڻي،
سسئيءَ رات ۾ منو آواز
جوڳ، بروو، ڪاهوڙي، رامڪلي
رپ پرڀات ۾ منو آواز،
مانجهه بلاول مارئي راڻي
گل ڳدات ۾ منو آواز
مٿي ذڪر ڪيل سر سڀ لطيف جي شاعريءَ جا آهن.

گل صوفي شاعرن جيان مذهبي ڪٽرپڻي کان بنهہ آجو آهي. چئجي ڪٿي تہ هن شاهہ ۽ سچل جي ورثي کي بخوبي اپنايو آهي. هو هندو، مسلم، سک سيني مذهبن جو احترام ڪري ٿو.

تنهنجو تابع ڇا جي مسلم، تنهنجو هندو ٿيو مطيع (تابعيدار)
امر ڏاران تنهنجي عالم ۾ ڇري نہ ڊور ڊيپ.

سڀ سلامي آهن صاحب جا
گل مسلمان، ڇا جي هندو، سک.

مهتن ۾ مل پڙهن مسئلا
واسين هندو بتن جا ڏيرا

سوئي زيور ۾ سوءِ انجيل، سوءِ توريت ۾ سو منجهہ تنزيل (قران پاڪ)
سوئي منجهہ سمر، سوئي منجهہ جا دوعملهہ لاالله الله هو.

منهنجي خيال ۾ يهودين جي پاڪ ڪتاب زيور جو هتي ذڪر ڪافي معنيٰ خيز آهي.

مهت ۾ ٿا پڙهيو پڙهن مومن، مڙهيءَ ۾ بت پرست برهمڻ
ساک سوڳنڌ ۾ چون ساڌو وحده لاالهہ الاهو.
شاهہ لطيف جيان گل پڻ جوڳين جو ذڪر ڪري ٿو
جوڳي وڃن جانت کي ڇڏيو مڙيئي مت مائٽ
خوش نہ ڪيا ڪنهن جي دعائن نا ڏکويا ڪنهن جي پٽ

ان جي مڪتب ۾ وهي ويراڳ ۽ بيراڳ ٿو
الف آين اڳ ۾ هوءَ جا پڙهيائون پهرين سٽ



سچل سرمست پنهنجي مخصوص انداز ۾ اعلان ڪيو.

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٺي نہ وٺي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻٽي نہ ٻٽي.

پر گل هن دنيا جو شخص آهي. هو هيءَ دنياداري خوب نباهي ڄاڻي، تنهن ڪري چوي ٿو :

هت اڻ پڇيو ڪنهن کي چوڻ آهي غلط آهي غلط
اڻ ڪوٺيو پٽ ۾ پوڻ آهي غلط آهي غلط.

اهو گل پڻ محسوس ڪيو تہ صرف ڪي آيتون ياد ڪري طوطي وانگر دهرائيندڙ ڪند فهم ملو اڪثر وڏيري جو چاڙتو ٿي ڪم ڪندو آهي ۽ غريب ڳوٺاڻن لاءِ عذاب جو باعث آهي، تنهن ڪري ملن ڏانهن سندس ڪلام ۾ پڻ ظاهر ٿيو پوي.

ضمان جي ذلت جي منصور جي ملت جي
ملن سان مام ٻولڻ آهي آهي عبث آهي عبث
وري
ملان ميٺ سان ننڍڙي ڳيروءَ کي پاڙهہ
ڪرين تاب توجي ڪري ورچ راڙهہ

آهہ وحدت وصال ڪرياني
گل سمجهہ رک، نہ ڏي ملن کي منجهہ
سڪ ۽ صبر، سينگ کي هرگز
ناهہ ويجهو ملو، معبادر راغ*

اٹين سمجهڻ غلط ٿيندو تہ گل کو انقلابي شخص هو. هو پنهنجي وقت جو شخص هو ۽ وقت جي عقيدن ۾ اوشواس رکندڙ هو. هن جو پنهنجي مذهب دين طرف صدق قائم هو ۽ اٹين اسلام جي رسول جي شان ۾ پڻ سندس غزلن ۾ ڪيترا شعر ملن ٿا قران شريف جي ڪن آيتن جو اثر پڻ سندس شاعريءَ تي نمايان آهي.

ٿي سڪي ساري سدا دل منهنجي توليءَ سيدا
ڏک ۾ راتيون ڏينهن سچا دل منهنجي توليءَ سيدا

پسون پَٽ ۾ ڍور ڍٽ ۾، روهہ ۾ روجهون هرڻ،
جيئن سڪايا مينهن لا دل منهنجي توليء سيد
تو چٽي ڪوڙ ڪفر ترڪ بنا جو پڙهي لاالله، الله،

---

* ان وقت جي مذهبي شخصن جي هيٺن وهم وسوڙن ڳوناٺن جي لوٽ ڪسوٽ جو منظر پير حسام الدين راشديءَ پنهنجي ڪتاب ’هو ڏوتي هو ڏينهن‘ ۾ ڏنو آهي ڪافي دلچسپ ۽ تاريخي اهميت وارو آهي جو هيٺ ڏجي ٿو.

سنڌ جا پير، سيد ۽ سجاد نشين سياري جي موسم ۾ پن تي نڪرندا هٿا، ان کي سفر چئبو هو. ڪن جي ڪافلي اڳيان گهنڊ ۽ گهڙيال وڄندا هلندا هٿا، ۽ ڪي پنهنجي اڳيان بلند آواز سان ڪلمو استرين پڙهائيندا هلندا هٿا. اٺ گهوڙا ۽ گڏهہ ساڻ، ڪي پگهاردار تہ ڪي چڙاحانر، ڪي چاڪ تہ ڪي چوڪر ۽ ڪي چڙوچل ڪمترين، ڪي خليفا ڪڙا تہ ڪي ڪامي ڪڙا مطلب تہ جنهن درتي وچي لهندا هٿا تہ چڻ ماڪڙ اچي پيئي. غزيب جو ارڪو ٿرڪو اگهي اٿندا هٿا. تقريبا ٽي مهينا ڪن اها گداگري هلندي هئي ۽ انهن ٽن مهينن ۾ سنڌ اندر نہ ڇڙو مذهب جي نالي ۾ پيسي جي لُٽ ڦر ٿيندي هئي، بلڪ مسلمانن جي گهرن ۾ جيڪا سياهہ ڪاري ٿيندي هئي، ان جو ڇڙو تصور بہ انسانيت سوزيءَ لاءِ ڪافي ٿئي ٿو. (صفحہ ٽيون)



ٿئي مسلمان سچ صدق ڳنا جو پڙهي لا الله، الله،
(اهو سڄو غزل هڪ طرح مسلسل غزل آهي.)

۽ اڳتي
جنين کي شوق حق جو سي نہ ڦرن مشرق نہ مغرب
خدا دل ۾ محمد دل ۾ ات مڪو اتي يشرب

خليفو گل محمد تہ هڪ آخوند هو. شاگردن کي تعليم ڏيڻ هن جو پيشو هو ۽ گذر سفر جو ذريعو هو. سماج ۾ استاد تي ڪيتريون ئي اخلاقي جوابداريون آهن. انجو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ سندس هر ڪلام مان لڪل معنيٰ ڪڍي ويندي آهي. حقيقت ۾ ٿيو اٹين تہ اسان جو جديد تعليم جو سرشتو جو برطانيہ سرڪار جاري ڪيو. اهو ملڪا وڪٽوريا جي ايامڪاريءَ ۾ ٿيو. ملڪا وڪٽوريا جي وقت جا اخلاقي معيار سخت رهيا ۽ برطانيہ جي عوام کي ڪي قدر ڪرام ويل جي (پيوريٽنزم) زماني جي يادگيري اچڻ لڳي. ان جو اثر هندستان جي تعليم تي پڻ پيو. ماسترن کي اخلاق جو علمبردار ٿي سماج اڳيان اچڻو پيو. هن حالت ۾ ’نج‘ ادب عدم پيدا ٿي ويو ۽ اندروني معنيٰ تي زور رکيو ويو. ظاهر معنيٰ کي ڪابہ اهميت نہ هئي.

خليفي گل محمد پنهنجي وقت جي گهرج کي پورو ڪرڻ سانگي ڪي خوبصورت شعر پڻ لکيا آهن. جن مان چند هن ريت آهن.

جيڪو پنهنجي ريج کي ٿو ڪين اٹڪل ۾ رکي
ان کي ڏرتيءَ کي ڊکي ڊوڙي ڪريندا ڍور ڪاٻ

ماريو جن کي مارين تن جو توتي پيئڙو پاپ

ڏاريو ڏاريو جن کي ڏارين تن جو توتي پيئڙو پاپ

وجهہ وک واڏو وڏائي دل رکيسين ڏيان درس
ڪرم پاسو هيڏي هوڏي وچ سنئون چال چپ

سنگتي دين جا سيپئي کڻ ساڻ
آهي موڏيءَ جي فوج ڏاڍي روٺ

سخن کي ٻول سهڻو سرت مان سال (سالم)
ڪچو ڳالهائي ڪنهن کي ڪيم ڪي ڦاچ (پڏرو)

سدا حيات تنوير عباسيءَ نارايڻ شيام جي غزلن جي مجموعي. ’بوند، لهر ۽ سمنڊ‘ جي مهاڳ ۾ لکيو هو تہ شيام جي غزلن کان اڳ ائين پئي لڳو تہ غزل جي گهاڙيتي لاءِ ڪا نئين زمين رهي نہ آهي، پر شيام جي غزلن اهو انديشو غلط ثابت ڪيو آهي منهنجي خيال ۾ خليفي گل محمد جا غزل هڪ اها زمين ٿا غزلگو شاعرن لاءِ مهيا ڪن، جنهن کي وري کيڙڻ سان نئون فصل پيدا ٿيڻ جا گهڻا امڪان کلي ٿا پون.

(ساهتيہ اڪادميءَ جي دهلي سيمينار ۾ پڙهيل - بشڪريہ ساهتيہ اڪادمي)



## ديوان ڏيارام گدومل

جاگيرداري دور ۾ هندستان ۾ انگريزن جي اچڻ کانپوءِ نئين جاڳرتا آئي. حياتيءَ جي جهوني ڍانچي مٿان نوان قدر غالب پوڻ لڳا. ملڪ جاگيرداري دور مان نڪري هڪ وڏي دنيا ڏانهن اک پٽي ۽ مغربي وگيان جو فائدو وٺي، دنيا سان اڳتي قدم وڌائڻ جا سانباها ساهي رهيو هو. اهڙي جاڳرتا جا پرياتي ستارا هئا راجا رام موهن راءِ،ڪيشپ چندرسين وغيره ۽ سنڌ ۾ اها لهر ١٩ صديءَ جي پوئين حصي ۾ پهتي، جتي هن لهر جو پهرين ديوان ڏيارام، راءِ صاحب ڪوڙومل چندن مل، ساڌو هيرانند ۽ ساڌو نولراءِ تي اثر ٿيو.

ديوان ڏيارام جو جنم ان وقت ٿيو جنهن وقت هندستان جو اتهاس ڪروٽ بدلي رهيو هو ۽ ڏيارام تاريخ جي تقاضا تي پورو اُتري آيو. هن پنهنجو پاڻ چڱي پر ملهايو. ائين ڪندي سنڌي قوم لاءِ مثال قائم ڪيائين. سندس جيون هر هنڌ ۽ هر سنڌيءَ لاءِ روشن منار ٿي رهندو. ڏيارام جو جنم ١٨٥٧ع ۾ ٿيو. ۽ سندس ديهانت ١٩٢٧ ۾. ستر سالن جي عمر ۾ هن، ساهتڪ، پنگتي ۽ علمي دين سان سنڌي قوم جا خوب گهڙا يري پاڻ ملهايو. هڪ هنڌ چوي ٿو، ”منهنجو جنم بلوي واري سال ۾ ٿيو آهي، شايد انهيءَ ڪري تہ مان پنهنجي ملين من جي برخلاف بلوو ڪريان.“ پر حقيقت ۾ هن سماج جي ملينتا ۽ زندگ يءَ جي گندگيءَ خلاف بلوو ضرور ڪيو. سندس حياتيءَ جو مقصد هو، ”هن ايشور جي جڳت جي ڪانہ ڪا ڪنڊ بهتر ڪري وڃان.“

قوم جي سيني بزرگ هستين وانگر هو پنهنجي وقت کان اڳرو هو جنهن ڪري کيس ڪيترين ئي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو. پر هن مانجهي مڙس ٿي منهن ڏنو. ائين پاڻ اڳتي وڌيو ۽ هن سان

ڳڌ سماج پڻ اڳتي وڌي.

ديوان کي اها ڄاڻ هئي تہ ڪنهن قوم جو واڌارو سندس تعليم تي آهي ۽ هو هن ڏس ۾ سدائين اڳرو رهيو. ڏيارام کي سنڌ ۾ تعليم ماهرن جو اَبو ڪري ڪوٺجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. هنڪان اڳ ۾ سنڌ ۾ تعليم يا تہ آخوند ڏيندا هئا ۽ يا وري ٻانيڻ ۽ ڪِ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪرستاني اسڪول. اوچي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شاگردن کي بمبئيءَ وڃڻو پوندو هو ۽ ڪيترائي مائٽ پنهنجن ٻارن کي ٻاهر وڃڻ نہ ڏيندا هئا، تنهنڪري سنڌ ۾ اوچي تعليم خير ڪا هئي. ڏيارام سنڌ ۾ ڪاليج برپا ڪرڻ جي سر ٽوڙ ڪوشش ڪئي. هن هڪ اپيل ڪئي جنهن ۾ ڏيکاريائين تہ سنڌ کي ڪاليج جي ڪيتري نہ ضرورت آهي. پر ڳالهہ ڪا سولي ڪانہ هئي. هنکي سخت مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو. سن ١٨٨٥ ۾ هن مخالفتين کي جواب ڏيندي ٻي اپيل ڪئي، جنهن ۾، بمبئي، مدراس، ۽ بنگال جي پرڳڻن تي اوچي تعليم جو سٺو ۽ فائديمند اثر ڏيکاريندي لکيائين، ’سکيا نوجوانن کي ڌرم جي برخلاف ۽ سرڪار سان بيوفا نٿي ڪري، بلڪ ڌرمن ۾ جيڪو سچو حصو آهي، تنهن کي اوچ سکيا مان تقويت ٿي ملي ۽ انڌي وفاداري بدران سمجهو وفاداري ماڻهن ۾ پئدا ٿي ٿئي.‘‘ ائين سنڌ آرٽس ڪاليج برپا ٿيو جو پوءِ ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ڪوٺيو ويو ۽ حيدرآباد جو نئشنل ڪاليج ڪوٺيو ئي، ’ڏيارام گدومل نئشنل ڪاليج‘ ويندو هو. هڪ هنڌ لکي ٿو، ’’اسڪول اسان جا باغيچا آهن، جتي انساني گل پئدا ٿيندا آهن.‘‘ ’اسانجو تعليم سرشتو‘ نالي ڪتاب ۾ لکي ٿو، ’’شاگردن جو وقت بچايو، هرڪنهن کي پنهنجي قدرتي ڏات جو فائدو وٺڻ ڏيو....هرڪنهن کي پنهنجي ماتر ڀاشا ذريعي گيان ڏيو.‘‘

’يونين اڪيڊمي‘ جا پوءِ ’نولراءِ هيرانند اڪيڊمي‘ بڻي، پڻ هنجي ئي محنت سان برپا ٿي. زناني تعليم جي پرچار ۽ اسڪولن کولڻ ۾ بہ هنجو وڏو هٿ هو.

ديوان ڏيارام، جا ’سماج سڌارڪ‘ ۽ ’ليکڪ‘ جا رول هڪ ٻئي



سان جڙ ڳنڍيا پيا آهن. اهو شايد انڪري آهي، جو ڏيارام ساهت کي سماج کي بهتر ڪرڻ جو واهڻ ڪري ڪم آندو. هن اهو محسوس ڪيو تہ جيڪو ساهت سماج جو سڌار نہ ٿو ڪري، انهيءَ کي ايتري اهميت ڪانهي تنهن ڪري ئي شايد سندس ڪيترا ڪتاب وقت جي ٻرندڙ مسئلن تي لکيل آهن.

زالن جي قياس جوڳي حالت ڏسي، ڪين ڏاڍ ۽ ظلم جو ستايل ڏسي، هن هڪ ڪتاب لکيو، ’زال ذات خلاف ست پاپ،‘ جنهن ۾ هن ننڍپڻ جي شادي، وڏوا وواهہ تي روڪ ۽ ٻين ڪيترين ڪرسمن خلاف بلوي جو جهنڊو بلند ڪيو. هن ڏيکاريو آهي تہ زالن کي جمڻ کان وٺي موت تائين ڪيئن نہ ظلم ڻا سهڻا پون. سندس سماج سڌار جي چاهنا، صرف ڪالمن ڪارن ڪرڻ ۽ قلمي گهوڙن هلائڻ تائين محدود نہ رهي پر هنجي چاهنا، ’سماج سڌار سڀا‘ جو چٽو روپ ورتو، جنهن زالن جي واڌاري لاءِ ۽ ڏيتي ليتي خلاف ڪم ڪيو.

ديوان ڏيارام جو سماج سڌاري جو نظريو صرف ڌرمي ڪرسمن کي ننڊڻ تائين محدود نہ رهيو پر هن سماج جي آرٿڪ حالت سڌارڻ جي بہ ڪوشش ڪئي، جنهن ڪانسواءِ هرڪو سماج سڌارڻ جو ڪم چڻ واريءَ جي قلعي مثل آهي. هنڪان اڳ داني پرش ڪنهن هڪ شخص کي دان ڏيئي، هنکي مدد ڪندا هئا، پر تنهنڪري سماج مان نابرابري نڪري وڃي يا آرٿڪ واڌارو ٿئي ۽ پڙهيل شخص هميشهہ لاءِ آرٿڪ تڪليف کان آجو ٿي وڃي، ائين ٿيڻ مشڪل هو. پر ڏيارام جديد ويچارن موجب هنري مرڪز کوليا، جنهن ۾ هر ڪنهن شاگرد کي پنهنجي پسنديءَ جي هنر ۾ سکيا ڏني ويندي هئي. سندس خيال هو، ’’هر هڪ کي دان ڏيڻ جو ڪم ائين هلائڻ گهرجي، جو ٿي سگهي تہ پاڻ مرادو هميشه هلندو رهي ۽ منجهانئس گهٽيکان گهڻو فائدو پهچي. اُنهيءَ طرح سچي قربانيءَ سان سچي سمجهہ بہ هلائڻ گهرجي.‘‘ سندس خيال موجب شاهوڪار غريبن جا ٽرسٽي آهن ڇاڪاڻ جو سچي پيدائش سندن ئي آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو، ’’شاهوڪار نہ ٿو سمجهي تہ مان فرضي

آهيان، عالم نٿو سمجهي ته مان قرضي آهيان، ٻئي ٻي فرض، بيغرض ۽ ٻي قرض آهن. نٿا سمجهن ته مٿن مسڪينن ۽ نادانن کان وڏيڪ قرض آهي ۽ وڏيڪ جوابداري. نه ٿا سمجهن ته نوڪر آهن ۽ نه خاوند، ته ڏن وٺن ڏروات طور آهي چڱن ڪمن ڪرڻ لاءِ ۽ نه پنهنجي تن پروري ۽ سرخروئي لاءِ.''

سڀ کان وڏيڪ اهم ڳالهه سندس سماج جو نظريو آهي جو صرف وچولي طبقي تائين محدود نه آهي، پر اڳتي وڌي وڏيڪ اونهو پيهي سماج جي هيٺ ڪريل انسانن کي ڇهي ٿو. ٣٠ جنوري ١٩١٣ تي راءِ بهادر مرليڌر ڏانهن خط ۾ لکي ٿو، ''منهنجي دل ۾ اُمنگ آهي ته ڪڙمين جي اوستا سڌارجي ۽ اُنهنجي شيوا لاءِ سيلاني سورما مقرر ڪجن، جي ڪين نندين وڏن ظلمن کان بچائين.''

ديوان جو ساهتڪ درشٽي کان پهريون ڪتاب آهي. 'ڪجهه سنڌڙيءَ بابت'، جنهن ۾ شاه عبداللطيف ۽ سندس ڏاڏي عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو احوال اچي ٿو. هن ان ڪتاب ۾ سيوهڻ، ڪافر قلع، سوا لک پير، پڳو نوڙهو، سهڻي سنڌو وغيره جو سهڻو بيان ڪيو آهي. جڻ سچي سنڌي جي آتما کولي رکي اٿس، پل ته پيا ڏسن ۽ ڏسي خوش ٿين ۽ قدر ڪن.

مٽيان ڪتاب گهڻو ڪري انگريزي ۾ آهن پر سنڌي ساهت کي پڻ هن پنهنجي قلم سان مالامال ڪيو.

ديوان ڏيارام تي ننڍي هوندي کان ڌرمي خيالن جو اثر هو، پر اهي خيال ڪٽرپڻي کان ٻنهه آجا هئا. ڌرم جو اهو نظريو، اُن وقت ڪافي حد تائين ترقي پسند هو ڇو ته اَهو نظريو سماج سڌار جو واهڻ هٽجي آيو. هن پهريون ڌرمي ڪتاب جو ڪڍيو سو آهي 'جپ صاحب'. جنهن ۾ جپ صاحب جي هرهڪ پؤڙي جي معني ۽ ٽيڪا ڏني اٿائين. اُن ۾ سامي جا سلوڪ ڪبير جي ٻاڻي ۽ 'رومي جي ٻاڻي' پيٽ طور ڏنل آهي. هن ڀڳوت گيتا پڻ سنڌي ۾ ڇپارائي جنهن ۾ هرهڪ سلوڪ جي اُپٽار ڪيائين. سندس 'يوگ درشن' يا 'راج يوگ' پڻ ساڳئي قسم جو



ڪتاب آهي جنهن ۾ ويدانت بابت ڳوڙهي ۾ ڳوڙها ويچار ٻه سليس ٻوليءَ ۾ ويهي سمجهايا اٿس. مطلب ته سني ۾ سنو ڌارمڪ خزانو سنسن پرمن ۽ ڏند ڪٿائن کان آجو ڪري، سهڻي نموني سنڌيءَ ۾ سمجهايو ويو آهي.

هن ساڌو هيرانند کان روز وهي (ڊائري) لکڻ جي عادت پرائي هئي. سندس روز وهيون ٽن سلسلن ۾ آهن. پهريون ١٩٠٣ کان ١٩١٢، ٻيون ١٩١٢ کان ١٩٢٠ تائين ۽ ٽيون ١٩٢٠ کان ١٩٢٧ تائين. اُهي East and west اخبار ۾ ڇپيون هيون ۽ پوءِ 'هڪ هندو ڀڳت جي روز وهي مان ڪي ورق' ۽ 'پٽت جي روزنامي مان ڪي ورق' جي سري هيٺ ڇپايون ويئون. هو روزنامي ۾ ڌرم، ايشور، ويدانت ۽ ايشور بابت پنهنجا آتمڪ اَنڀو لکندو هو، جن مان ڪيترا ته رواجي هوندا هئا ۽ ڪيترا ڳوڙهي فيلسوفيءَ سان ڀريل. هنن روزنامن ۾ ٻيون ٻه ڪيتريون ئي ڳالهيون آيل آهن ۽ ڪي راجنيتي خيال ٻه اچي وڃن ٿا. مثلا ''سرڪار ڪيئن نوڪرشاهيءَ جي سرشتي تي پيئي هلي ۽ ڪيئن شاهوڪار پئسن جا پوڄاري آهن. ڪئين هزارين ماڻهو ڪارخانن ۾ ڪلن هينان چيٿارجيو وڃن ته ٻه ڪا پرواهه ڪانهي... ڪيئن ماڻهن جي حياتيءَ جو قدر ڪونهي، فقط ڪاٽن ڪرڙن تي ڏيان اٿن. گلئڊسن لکيو آهي، آزادي ئي ماڻهن کي آزادي جي لائق بڻائي سگهندي، پر اُنجي اُبتڙ آهي ڪن راجائن جو متو ته ماڻهو لائق ٿين ته ڪين آزادي ڏجي!

سنه ١٩٢٣ کان وٺي ڏيارام سنڌيءَ ۾ روزنامو لکڻ لڳو ۽ سندس روز وهيون 'چابڪ (من لاءِ) ۽ رهاڻ' جي سري هيٺ ڇپايون ويون. جنهن ۾ هن پنهنجا آتمڪ انڀو سنڌي شعرن جي صورت ۾ لکيا آهن. ٽن ورهين جون داخلائون ڇپيل صورت ۾ موجود آهن ۽ هر هڪ جلد ۾ ٧ ڀاڱا آهن يعني ڪل ٢١ ڀاڱا آهن، جنجا سرا جدا جدا ڏنل آهن. جيتوڻڪ ڏيارام هننکي شعر ٿو ڪوني، پر اهي شعر نه آهن. منجهن نه آهي پرواز، نه تصور ۽ نه ئي وري بحر وزن آهي، آهي ويچارن جي وهڪ، سا پڻ گهڻو ڪري ڌرمي ۽ آتمڪ. ها پر هننکي شعر نه چوندي ٻه سنو نظمي نثر ته چوڻو ئي پوندو. هن ۾

ڪيترائي وگيان ۽ تاريخ بابت ويچار آهن. مثلا هو چوي ٿو:

'جنگ سان نہ جنگ هٽائي سگهي.'

اها تاريخ جي فتويٰ آهي...

شاه عبداللطيف وانگر هن بہ سنڌي جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ ڏٺيءَ در پراٿنا ڪئي آهي جا سندس حب الوطنيءَ جي ساک ٿي پري. هڪڙي هنڌ لکيتو:-

سنڌ غريبڙيءَ ۾ سٺگرو- ڏياري پنهنجيءَ جو ڏيو ٻارج.

سنڌ غريبڙيءَ ۾ سٺگرو -مناٺي پنهنجيءَ جو ياڳ وراهج.

ديوان صاحب جا 'ماءُ ۽ ڌيءَ' 'لوپ جو مهاتم' ۽ 'ست سهيليون' زوردار ۽ سليس نموني ۾ لکيل آهن، جن ۾ ادبي عناصر قائم رکندي کين نہ صرف وندر جو پر سماج سڌار جو بہ واهڻ بڻايو ويو آهي.

پرنسيپال اجواڻي هنجي نثر بابت نيک چيو آهي،''انهيءَ نثر ۾ اُها اُتاهين آهي، سوکيمتا آهي، اُها فصاحت ۽ بلاغت آهي جا 'سامي جي سلوڪن جو سار' ۽ 'عمر خيام جو سار' (جي ٻئي مهاڳ آهن) ۽ يوڳ درشن پڙهڻ کانپوءِ ڪنهن کي بہ دانهن جو سبب نہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳوڙهي ۾ ڳوڙها ۽ باريڪ ۾ باريڪ مسئلا ورنن نہ ٿي سگهندا يا اُنهن تي وياکيا نہ ٿي سگهندي.''

اها حقيقت آهي تہ سندس خيال آدرشوادي آهن ۽ ڪٿي ڪٿي چيد حقيقتي آهي تہ حل آدرشوادي ۽ ڪٿي حل حقيقي آهي تہ چيد آدرشوادي، پر اها تہ وقت جي خصوصيت آهي. جن حالتن ۾ ديوان ڏيارام رهيو، تن حالتن پٺاندر ٿي هن حالتن سان چڪري کاڌي، حالتن کي موڙي، سماج کي اَڳتي وڌايو.

(ساهت سڳنڌ ١٩٥٨)



## لاکيڻو لعل

بمبئيءَ جي اپريل مهني جي ٿاک منجهند گرمي. ايتري جو ڪانو جي اک پيئي نڪري. ١٨ تاريخ، سانتاڪروز (اوپر) ۾ هڪ رواجي گهر جو رواجي ڪمرو. هڪ شخص، سمهيل آهي. سندس سرير ڪمزور، پر ڪنهن وقت رشت هٽڻ جي ساک پريندڙ، زرد چهرو، اکين ۾ چمک ۽ چپن تي مرک...

'... ڪراچي .... حيدرآباد..... سنڌوءَ جو ڪنارو .... پٽ شريف... سنڌ جا سادا سودا غريب ڳوٺاڻا.... پنيور ... ملير.... لهندڙ چڙهندڙ لاهہ واريون پٽون.... اُنَ جا قافلا.... هڪ انوکو سنگيت.... پنهنجا چاتل سچاتل دوستن جا چهرا...'

هو شخص هي سڀ نظارا اکين ۾پورڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. نظارا جي سندس آتما جي گهراين ۾ چڻ چٽيل آهن. سنگيت، جو سندس آتما ۾ سمي چڪو آهي ۽ درد بڻجي سندس نس نس ۾ گهمي رهيو آهي؛ وري نہ چاڻ ڪٿان پرگهٽ ٿي سندس ڪنن ۾ پيو ٻري. نظارا سندس اکين آڏو اچي بيٺا آهن ۽ هو وري هڪوار اُنهنکي سدائين لاءِ پنهنجي اندر سمائڻ لاءِ اکيون پوري ٿو ڇڏي. سدائين لاءِ...

٦٩ سالن جي ڪايا ڇڏي شري لعلچند امرڏنومل ڄڳتياڻي سدائين لاءِ اکيون پوري ڇڏيون ۽ ائين سنڌي ساهت جو هڪ دؤر ختم ٿيو. سنڌي ساهت جي اُن دؤر کي ختم ٿئي ڏهہ سال گذري چڪا آهن ۽ اڄ اهو ضروري آهي تہ اسين سنڌي ساهت جي ان دؤر جي معني ۽ اهميت کي وري سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

موجوده وقت جون اسانجون سنستائون، اسانجا قدر ۽ ذهني توڙي ادبي روايتون مغرب جي تعليم جو نتيجو آهن. هن جو مطلب

اهو نہ آهي تہ اسانکي پنهنجي پرمپرا نہ آهي، پر ’خيال‘ کنهن بہ ملڪ جي حدن ۾ روڪي نٿو سگهجي. خيال، تعليم ۽ ادب رستي پکڙجندو ويندو آهي ۽ سيني ملڪن تي پنهنجو اثر ڄمائيندو آهي. هندستان ۾ سنڌ جو پرڳڻو انگريزن آخر ۾ کٽيو. تنهنڪري سنڌ ۾ انگريزي تعليم ۽ انگريزي خيال جو ڦهلاءُ ٻين پرڳڻن جي ڀيٽ ۾ دير سان ٿيو. سنڌ تي انگريزي قدرن کي کٽي ڪن خيالن جو ڦهلاءُ ۽ سوچڻ جي طريقي جو اثر سڌو انگريزي اَدب مان ۽ اڻ سڌو ٻين پرڳڻن جي ادب مان بہ ٿيو.

جنهن وقت انگريزن سنڌ فتح ڪئي، اُن وقت انگلنڊ ۾ مهاراڻي وڪٽوريا انگلنڊ جي تاج جي مالڪڻ هئي. انگريزي تاريخ ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جو سمو ڪن مخصوص روايتن، سوچڻ جي طرز ۽ قدرن جو نمائيندو آهي، جنهن دؤر ۾ ’ڇو؟ ڇا؟ ڇاڪاڻ؟‘ اهي سوال پڇڻ بنا ئي مذهب ۽ ڌرم جي نالي ۾ جيڪو ڪجهہ چيو ويندو هو سو ويسوڙن جيان قبول ڪيو ويندو هو. هرڪا ڳالهہ اڳوات ئي طئہ ٿيل هوندي هئي. صرف ڪتاب کڻي معلوم ڪرڻ جي دير هوندي هئي. فيلسوفيءَ جي کيتر ۾ مذهب ۽ ديول جي فتويٰ آخرين لفظ هو. ۽ اهڙين آدرشوادي فيلسوفي ۽ اُن سان وابستہ قدر قبوليا ويندا هئا. پر پونجيواد جي تضاد ۽ کوکلائيءَ ڪري، آدرشواد حقيقي زندگيءَ سان وابستہ نہ هوندو هو تنهنڪري وڪٽوريا يگ جي پوين، مٿانئن ڀهروپي پٽي جي تهمت هنئي اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ جي ٢٠ سالن ۾ وڪٽورين قدرن ۽ پرمپرا خلاف بغاوت شروع ٿي ۽ ’خيال‘ بدليو ۽ دليل ۽ عقل، منطق جو يگ شروع ٿيو، جڏهن هرڪا چيز، هر گفتو ڦيرائي گهيرائي جاچي پوءِ ٺوڪتا ڪيو ويندو هو يا قبول ڪيو ويندو هو. ڪابہ سند هئڻ ڪري قبولي نہ ويندي هئي. اُن يگ جو اهم ڪتاب آهي ڊارون جو، جنهن اِنساني اتهاس بابت سڄو پس منظرئي بدلائي ڇڏيو.

پونجيواد ۽ سامراجواد جي تضاد وڌڻ ڪري پهرين مهاڀاري لڙائي ڪري ليڪن تي راڄنيتي، اقتصادي، ۽ سماجي پهلو جو اثر



هندستان تي پڻ پيو. اها حقيقت آهي تہ ڪوبہ خيال سدائين پراڻو يا اوپرو نٿو رهي سگهي پر خيال نئين زمين حاصل ڪرڻ وقت پنهنجون ڪيترين ئي خصوصيتون وڃائي اُن نئين زمين سان لاڳو خصوصيتون حاصل ڪري ڪجهہ قدر بدلجي ٿو وڃي. تڏهن اهو خيال ان دؤر ۽ اُن ملڪ جي شخصن جو بڻجي ٿو. اهڙين وڪٽوريا جي دؤر جو آدرشواد اسان جي ملڪ جي روايتي آدرشواد سان مليو ۽ پونجيواد جي غير موجودگيءَ ۾ کوکلي آدرشواد بدران معنيٰ ڀريو آدرشواد ٿي پيو، جنهنجي بنياد تي ڪيترين ئي هلچلون هليون، جن ۾ دانشور اڳرا هئا. ملڪي حالتن جي اثر ڪري سماجي، اقتصادي ۽ راڄنيتي پهلن جو اثر هندستان جي دانشورن تي انگلنڊ جي دانشورن کان پهرين ئي ٿيو.

هنن سيني جو اثر سنڌ تي پڻ نمايان آهي. شروعات ۾ سنڌي نثر جي ابن ڀاڻ کي صرف پنگتي سڌاري ۽ علمي هلچل تائين محدود رکيو. پر ٻئي دور جا نثر نويس يعني ڄيٺمل پرسرام، لعلچند امر ڏنومل ۽ ڀيرومل مهرچند سماج سڌارڪ، ليکڪ ۽ راڄنيتي ڪم ڪندڙ پڻ هئا. گورڪي جي لفظن ۾ چئجي تہ هنجي ’زندگيءَ لاءِ لگن،وسيع نظر ۽ دنيا ڏانهن هم آهنگيءَ وارو رخ هو.‘ اهڙين ان دور جي ساهتڪارن قلم کي صرف وندر جي شغل تائين محدود نہ رکيو پر پنگتي ۽ راڄنيتي سڌاري جو واهڻ ڪري ڪتب آندو. ادب براءِ ادب جو نعرو ڇڻ هنن لاءِ هڪ اوپرو ۽ عجيب نعرو هو. هنن زندگيءَ کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ ئي قلم کنيو.

ان وقت جي راڄنيتي حالتن جو اندازو شري لعلچند جي لفظن ۾ هن ريت پيش آهي: ”انگريزي راڄ جا پهريان ورهيہ، لحاظ کان اهڙين چئجي تہ لوڪ جيئرا نہ هئا. ويهين صديءَ جي منڍ ۾ انهيءَ ڏس ۾ جان تان ماڻهن جي اک کلي. هيڪاري بنگال جو ورهاڱو ٿيو تہ ملڪ ۾ ممڻ مچي ويو. انهيءَ اثر کان سنڌ بہ وانجهي ڪانہ رهي.“

شري لعلچند جي سياسي زندگيءَ جو پهريون ڏاڪو هو حيدرآباد

۾ وندي ماترم منڊلي ٺاهڻ. هو هڪ هنڌ انگريزن جي ظلم ڪي بي نقاب ڪندي لکيتو، ”پري ڏيڍ صدي نبري ويئي آهي، پاڻ تہ اسان وٽ رهي چٽائي منگوچا ماٽيا اٿن، اسانکي رڳو انسانيت جا معمولي حق بہ نصيب نہ ٿيو آهي! قومي تعصب ڏار، رنگ روپ جو ڀيد ڏار، اسانجي نکو ٿو ٻڌي نکو ٿو سٺي! وري انڌير ڪهڙو! مني جيجل جو هيءُ حال ڏسي اسان مان ڪو واتون حرف ڪڍي ٿو تہ مٿس راڄدوهيءَ جي تهمت ڌري ٿي وڃي.“

سرڳواسي لعچند امرڏنومل ڀهريون سنڌي ليکڪ هو، جنهن قومي ناٽڪ لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس ناٽڪ ’هند جا جاوا‘ ۽ ’سوديشي‘ جئن نالا ظاهر ٿا ڪن، سوديشي هلچل کي هٿي ڏيڻ ڪاڻ لکيل هئا. ۱۹۰۷ع جي زماني جي هڪ ڪافي پڻ سندس ٺاهيل چئي وڃي ٿي. جا پڙهندي ائين پيو محسوس ٿئي جڻ موجوده حالتن کي ڌيان ۾ رکي لکي ويئي آهي.

ماٺهو وڃن ٿا مفت مري، پر آئي آفت ڪهڙي ٻري،
اَن گيهہ هوندي اگهہ بہ ڳرا ٿيا، پيٽ پنين ڏي ويا لڙي...

اُن وقت جي ٻي ڪافيءَ جو ذڪر ڪندي هو صاحب فرمائي ٿو. اُنهيءَ ٺاٺي هڪ ٻي بہ ڪافي ٺهي. انهيءَ ۾ وري ڪانگريس جي نرم ڌر وارن تي طنز ٺيل هئي. نرم ڌر جڻ شڪايت ٿي ڪئي تہ اسان حاڪم کي ڪيڏو سمجهايو، پر اسانجي مت هن نہ ورتي.

چيوسين: ٻئي ٻڌي هٿڙا، اڳيان حاڪم تو آياسين..
چيائين، آيا ڇا ٿيندو؟ اها ٻي ٻي نہ ٻڌنداسين.
چيوسين: هت اللهہ آنديءِ، صلح جو ڪر ڪڙو جهنڊو.
چيائين: صلح سا شامل، پيا هيءُ ملڪ ڏهنداسين.

مٿئين حوالي ڏسڻ مان ئي سندس راڄنيتي طور همدردي ڪهڙي ڌر سان هئي تنهنجو اندازو لڳائڻ ڏکيو نہ آهي. اسهڪار واري دؤر ۾ ڪيس (۱۹۲۲ع ۾) جيل ياترا ڪرڻي پيئي ۽ هو صاحب ڪراچي



ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو. پر سنت ئي سرگرم راڄنيتيءَ کان پاسو ڪيائين جو هو حرفت جي هنر جو ڄاڻو نہ هو. سندس عقيدو ’سچہ تہ بينو نچہ‘ هو. پاڻکي سڏائيندو ئي ڏکر هو، جو راڄنيتيءَ ۾ رنڊڪ ثابت ٿيس. پر سندس حب الوطنيءَ جي جذبي کي ٻيو موڙ مليو. هو سنڌ جو ورڊسورٿ ٿي پيو. جيئن پنهنجي ڪتاب ’لريڪل بئلڊس، جي مهاڳ ۾ ورڊ سورٿ ڪوتا جي ٻوليءَ بابت هڪ انقلابي اصول کي جنم ڏنو تہ ٻولي اها ئي ڪم آڻڻ گهرجي، جا رواجي ڳوٺاڻا ڳالهائيندا هجن تئن سرڳواسي شري لعلچند صرف وچولي سنڌيءَ کي ادبي ٻولي ڪري ڪم آڻڻ بدران سنڌ جي ڳوٺاڻن جي ٻولي ڪم آندي، جنهن مان سندن زندگيءَ ۽ ماحول جي جهلڪ ملي ٿي. پوءِ اها ٻولي پڙهيلن کي ڏکي لڳي تہ شڪ نہ آهي پر سندس ٺيٺ سنڌي پڻءَ جي ٻولي، ڌرتيءَ جي لالن لاءِ تہ سندن روح جي راحت آهي- ٻولي جا سندن روح ۾ سدائين سمايل آهي.

سرڳواسي لعلچند جي عبارت اسانجي اُنهن نوَن ساهتڪارن کي پورو جواب آهي، جيڪي منهن ۾ گهنج وجهي چوندا آهن”سنڌي ٻوليءَ ۾ جيستائين هنديءَ جا لفظ نہ وجهبا، تيستائين ميناج پيدا نہ ٿيندو.“ شري لعلچند جي سنڌي عبارت ۾ جا لچڪ آهي، جا لوڏ ۽ لئہ آهي، جو منو ڏيمو ڏيمو ترنم آهي، اُهو هنديءَ جي اُڌاري ’ميناج‘ کان گهڻو گوءِ کڻي ٿو وڃي. سندس ’سدا گلاب‘ ڪتاب مان ئي ڪي ٽڪرا پيش آهن:-

ساهيڙي! آءُ سچ ٿو چوان، محنت جي مکڙي جيئن ڀهريت ٽڙي ٻهي، تنهنجا چپ بہ اُنهيءَ وانگر منا ٿين.

بسنت بهار نبريو وڃي، تہ بہ تنهنجن انگن مان، سچ، سندس واس پيو اچي! تون پنهنجا قدم پدم اُتس گهمائين، تہ پونءِ، سچ، تنبوري وانگر پيئي وڃي!.... آءُ سچ ٿو چوان تہ پرهہ جون باکون گڏ گڏ بہ تڏهن ٿيون ٿين، جو توکي ٿيون جهارين. ساهيڙي! آءُ سچ پچ پريم وس ٿي، جڳان جڳ هنڌين ماڳين، اڪيلي سر تنهنجي لاءِ ئي

پٽي ڦريو آهيان.‘

يا ’آءٌ توکان موڪلائڻ اچان ته تنهنجي اکين ۾ شڪ واري مرڪ پيئي نچي. تون سمجهين ٿي ته هيءُ ته ستت ئي موٽي ايندو، جو ڪڏهانڪر اها منهنجي پر ٿي ويئي آهي...

ٻوليءَ جي لحاظ کان سندس مضمون ’هر مکيءَ جا‘ سنڌي ادب ۾ يگاني جڳهه والاري ٿو. سندس خواهش هئي ته ڪو ناول نويس هنن تي ڪو ناول لکي. ان ڏس ۾ شري گوبند مالهيءَ قدم وڌايو، پر سندس ڪوشش سرڳواسي لعلچند جي مضمون جي ڀيٽ ۾ نراس ڪندڙ آهي. ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ مان بزرگ اديب جناب م- ع- ڏيپلائي هن هُر هلچل بابت هڪ طويل ناول ’سانگهڙ‘ لکي ڇپايو آهي جيڪو پڙهندي ٽالسٽاءِ جو ’وار ائنڊ پيس‘ پيو ياد پوي.

شري لعلچند جو ڏنل مکي ڍنڍ جو بيان تمام سهڻو آهي. چي. ”ڇوڏاري ڍنڍ جي ڪنهان، ليون، ڪنڊ، ڀتر جا گل، ڪرنجهه، ٻڪن ڪکرو، ڪانڊيرو، ٻهڻ، تن جا ته ٻارهوئي جواب لڳا پيا آهن. باقي سانوڻيءَ ۾ جو ٿئي پاڻيءَ جي ڀرتي، سو منجهس پٻڻ، لوڙهه، ٻهيه ائين اچيو چمن جو ڪائيندڙن جا آهن ٿورا.“

سندس مضمونن جي ڪتاب ’ڦلن مٺ‘ ۾ روايتي انگريزي مضمونن جيان ڪيترائي نصيحت آميز مضمون آهن، جيڪي بيڪن جي مضمونن جي طرز تي آهن، جن ۾ ٿوري مقدار ۾ گهڻي ۾ گهڻو دنيوي عقل ۽ نصيحت ڏنل آهي.

سندس ڪيترائي مضمون تاريخي ۽ ادبي پڻ آهن. سندس مضمونن مان جدا جدا وشين تي خيال جي ڄاڻ پوي ٿي. هنجي هڪ مضمون ’بک جا چڪ‘ مان لڳي ٿو، هو غريبيءَ کي تڙي ڪڍڻ لاءِ ڏاڍو خواهان آهي. چويٿو. ”هاڻ گذراني سرشتو ڪو اهڙو بيهارجي جو دنيا پر مان بک جو ٻڻ به نڪري وڃي ته پوءِ ڳالهه بي آهي. باقيهئن جئن دنيا جو چرخو هلي پيو، تئن بک جو سوال حل ٿيندو ئي ڪونه.

’اُنهي ڏس ۾ ڪي ڄاڻو هي ٿا ڏس ڏين:-



چي، گذراني سرشتو جيڪڏهن هي چالو ڪجي، جو هرهڪ بني بشر کي ملي سندس گهرج آهر ۽ هرهڪ بني آدم ڪم ڪري پنهنجي سگهه سارو ته قصو نهي پوي.“

پر اُن بعد سندس آدرشوادي بنياد ۽ پونجيواد جو ’اُتساهه‘ (Incentive) جو دليل ڪيس اها حقيقت قبول ڪرڻ کان روڪي ٿو ۽ پڇاڙيءَ جو پاڻ مونجهاري ۾ پويٿو، ”تڏهن وري سوال ٿو اُٿي ته ڪجي سو ڪجي ڇا؟ جنڊ ڪڻ ته جنڊ ڳورو، پڙ ڪڻ ته پڙ ڳورو!‘ سندس آدرشوادي فيلسوفي، سندس هيٺ ڏنل اِنسان‌ني سڀاءَ ۽ جنگ جي اڻ ٽر هئڻ جي دليلن مان پڻ ظاهر آهي، چي، ”ائين مڃڻ ته اهڙو سمو ايندو جو هن لوڪ جا سڀ رهواسي هڪ ٻئي سان کير کنڊ ٿي پوندا يا جنگ جدل هن دنيا مان ڪنپ ڪري اُڏامي ويندو، سو ته حالتن مان ڏسجي ائين پيو ته ڇڻ واڇ کي ڪنا ڏيئي مينهن وسائڻو آهي.“ ياد رهي ته هي مضمون ١٩٢٧ کان اڳ جو لکيل آهي. تنهن بعد بي مهاڀاري لڙائي ٿي گذري آهي ۽ هاڻي مس مس وڃي انسان امن لاءِ مجبور ٿيو آهي.

پر هو آدرشوادي فيلسوفيءَ جو حامي هوندي ۽ شخصي ملڪيت ۽ اُتساهه جا دليل ڏيندي به رواجي زندگيءَ ۾ ٻين سڌارڪن جيان اقصادي لوٽ کسوٽ جي برخلاف آهي. چويٿو، ”اهڙا جيوَ جنکي جيري ڪاتر ٻڪريءَ کهندي کهڪاءُ نٿو پوي، سي سچ پچ ڪاسائن کان به پري چئبا.“

وري هڪ هنڌ سندس دليل آدرشوادي فيلسوفيءَ جي بنهه برخلاف آهن. چويٿو، ”پر ائين به آهي ته اِنسان کي ڏنگو يا ڏاهو گهڻو ڪري وجهه ٿو ٻڻائي. اِنسان جي طبيعت اهڙي ڦلهڙي ٿي ٿئي، جو وجهه کيس پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي، پنهنجي مطيع ڪيو ڇڏي. سچ پچ هن ڌرتيءَ جو رهندڙ ڪو ڇڏو ليندو، جو وجهه جي ونگ کان وانجهيل هوندو.“

پنهنجي رچيل آکاڻي ’ننڍڙي نينا‘ ۾ هڪ هنڌ چويٿو...

”جيوت ۾ درد سور پلي هجن ته به جيوت ڏاڍي رسيلي آهي. اُن تان آهو ڪو ورلي جيوَ گُهٽي سگهندو.“ ائين بنيادي طور آدرشوادي ۽ سڌاروادي هوندي پڻ هو ترقي پذير خيالن کان ونءُ ڪونه ويندو هو. البت سندس خيالن ۾ محڪمتا (Consistency) ڪجهه گهٽ آهي ۽ متضاد خيال هڪ ٻئي جي پر ۾ جڻ بي ترتيبيءَ سان پيا آهن. ان باري ۾ سندس ڏيءَ ڪيڪئي هڪ هنڌ لکيتي، ’لالچند هو سک درسي. جئن زماني اڳتي وک وڌائي، تئن هنجا خيال به زماني سان وک وڌائين. تنگ خيالن جو نه هو. سندس دل وسيع هئي.

سندس ناول ’چوٽ جو چنڊ‘ سنڌي ناولن جي اوائلي دؤر جو ناول آهي، جنهن ۾ هن حيدرآباد جي هندن جي زندگي چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هاڻي ته ناول کي صرف تاريخي اهميت آهي. هونئن ناول جي رفتار جهوڳ واري ۽ ڪردار نگاري ۽ واقع نگاري ڪمزور آهي، تنهن هوندي به سندس ٻولي ناول کي ڪُٽي تي بيهي. ’ڪشنيءَ جو ڪشٽ‘ جنهنکي آڪاڻيءَ بدران ناولٽ چوڻ بهتر ٿيندو، جو سندس چوڻ موجب سندس لکيل آهي، پر عالمن جي راءِ موجب انگريزيءَ تان ورتل آهي، ٻولي ۽ ڪردار نگاريءَ جي لحاظ کان ’چوٽ جو چنڊ‘ کان بهتر آهي. ٻيا ڪتاب جي هن لکيا يا ترجمو ڪيا سي هئا:- سچ تان صدقي، سون ورنيون دليون، بردنو، ڏکن ڏڏي زندگي، رام بادشاهه، پريم جو ٻل، لڳ ننڍو جيءُ گهڻو، ماتمين کي دلداري، حضرت محمد رسول، شاهاڻو شاهه، سچل سرمست، مسافريءَ جو مزو، سنڌي چمن، سر ڪيڏارو، سيڻ ڪين ويڻ، نقد ڌرم (ناٽڪ) عمر مارئي ۽ سهڻي ميهار (ناٽڪ). سهڻي ميهار ناٽڪ حقيقت ۾ شري ڍنگومل ٽڌاڻيءَ جو لکيل آهي، پر شري لعلچند جي پنهنجي لکيت موجب، ’ٻوليءَ لاءِ جس مون لهڻو باقي شاباس منهنجي دوست کي.‘ سندس اٺيپيل ڪتاب به ڪيترائي هئا، جن مان ’سنڌي ساهت جو نچوڙ‘ مکيه آهي، جو اڃا ڪنهن ڇپائي پڌرو نه ڪيو آهي.

سرڳواسي شري لعلچند سنڌي ساهت جي شيوا صرف قلم



هلائي نه ڪئي، پر هو صاحب سنڌي ساهت جي بهبوديءَ لاءِ سنڌي ساهت سان وابسته سنستائن ۾ به سرگرم رهيو ۽ پاڻ ڪافي پتوڙيائين. هو سنڌي ساهت سوسائٽيءَ ۽ ٽاگور ناٽڪ منڊلي جي پايي وجهندڙن مان هو. هو ورهاڱي کان اڳ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ۽ ’مهراڻ‘ رسالي جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ سنڌي ڊڪشنري جوڙڻ لاءِ ڪاميٽيءَ تي پڻ هو. هو P.E.N سنستا جو ميمبر پڻ هو ۽ جنهن وقت پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي سندس مضمون پي. اي. اين جي مدراس واري ڪانفرنس ۾ پڙهي رهيو هو، عين اُن ئي وقت سندس پراڻ پکيئڙو اُڏاڻو.

ورهاڱي بعد جڏهن سنڌين جا نيتائون سنڌي جاتيءَ کي جذب ٿي وڃڻ جون نيڪ صلاحون ڏيڻ لڳا ۽ ڪيترائي اهل قلم مجبورين ڪري خاموش ٿي پيا، تڏهن فاقا ڪڍي هو صاحب نوجوانن سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو ۽ آخر تائين قلم چوريندو رهيو. نوجوانن سان هنجا اِختلاف ضرور هئا پر اهي اختلاف ڪيس سندن رهبري ڪرڻ کان روڪي نٿي سگهيا.

ڏسو ته نوجوانن جي ساهت بابت ڪهڙي ساک ٿو ڀري: ’نئين سنڌي ساهت ۾ اهڙا ڪئين مضمون پيا آهن جي رت کي جوش ڏيارين ٿا.

ساميواد ۽ ڪميونواد جو پرچار منجهس ريل ڇيل آهي. هن پرڪار جو ساهت اها ڪا اندر واري تند چوري ٿو، جو رڳون پيئون رباب جيئن وڄن.

سهسين سنڌ جا هندو نرواسي اهڙي کي رچيءَ سان آت اُمنگ سان واچين ٿا.

هاڻ، انهيءَ ۾ شڪ ئي ڪونهي ته ڪنهن ڪنهن سگهڙ جي لکڻيءَ ۾ ڪجهه مڙيائي ڪاڻ رهيل آهي ۽ ات ممتا منجهانئس ڇٽي ڇٽي ٻکي ڪانه ٿي، پر چرپر جو جوهر هرهڪ جي لکڻيءَ ۾ اهڙو آهي جو پڙهندڙ انهيءَ وکري جي وهه ۾ گهلبو وڃي.

انهيءَ جو ڪارڻ پڌرو پيو آهي. جئن ته ڪنهن ڪنهن سگهڙ

جي ويچارن سان ڪنهن جو ڪٽي متپيد آهي ٻ، تہ بہ جنهن شاهاڻيءَ آساني سان هو قلم هلائي ٿو، انهيءَ ڪي ڏيان ۾ رکي هيءُ ڳالهہ مڃڻي پوي ٿي تہ هو جيڪي لکيتو تہ نہ هن نيت سان تہ لوڪ کيس عطائي لکندڙ ڪري ليکين، پر پاڻ بہ جو ٻين جيون جھڙو جيو آهي، سو پاڻ جھڙن سان سنمک ٿي ساڻن انهيءَ ئي حيثيت ۾ ڳالهيون ٿو ڪري. هن کي لڳن هڪڙي ئي لڳل آهي تہ اهي لوڪ سڄاڳ پنهنجي ڏمر تي ڏاها ٿين تہ جن سندن ئي جھڙن جيون کين پٽت ڪيو آهي تن جو ڪٺن تڪ مان ور لاهي پنهنجي آرٿڪ جيوت کي اهو ور ڏيارين، جنهن جو هرهڪ جيوَ کي جنمي اڌڪار آهي.'

چون ٿا تہ هڪ ميڙ ۾ ڪُلي طرح چئي ڏنائين تہ غريبيءَ ڪري بليدُ وني سگھڻ جي سمرٿي نہ هئڻ ڪري ڏاڙهي نٿو لاهيان. پنهنجي غريبي قبولڻ ۽ اپنائڻ لاءِ جريت گھرجي، خاص ڪري جڏهن هت هرڪو چمات هٽي ٻُٽو ٻاڙهو ڪرڻ ۾ شان سمجھندو آهي. اهو ڏيکاري ٿو تہ هن پڇاڙيءَ ۾ بورجيا سماج جي ڏيک ويک وارا قدر ڦٽا ڪري حقيقت پرست ٿي حقيقتن کي اپنايو ۽ بنا للي چپيءَ جي.

سندس وصيعت اسان لاءِ روشن منار آهي. جڏهن اڄ سنڌ جو نالو وٺڻ تي ڪي صاحب ڪفر ۽ وطن پرستيءَ تي ٽڪو ٿا سمجھن، تڏهن اهو ياد ڪرڻ گھرجي تہ سرٻواسي جينمل جا ٻار سندس سنک ناسڪ ۾ پرواهہ ڪري آيا تہ شري لعلچند جي دل مان دانهن نڪري ويئي ''اسان جا سنک سنڌوءَ ۾ پرواهہ ٿي ٿيندا ؟' ۽ سندس وصيعت موجوب سندس سنک ١٧ اپريل ١٩٥٦ تي سنڌوءَ ۾ پرواهہ ڪيا ويا. هن سنڌ جي يادگيري ۽ سنڌ، سنڌوءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي بنياد تي سنڌيت جي هلچل ٻڌل آهي، پوءِ ڀل ڪو ڪافر چوي يا ديش دروهي چوي، سڀ ملامتون قبول آهن.

(نئين دنيا ١٩٦٥ تان)



## پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ناٽڪن جو منچ هنر

مان ڀرت جي ناٽيہ شاستر تي شرح لکندڙ ڪپلا واتساين جي ڪتاب مان هن ٽڪري سان شروعات ٿو ڪريان.

''ڀرت منيءَ جي ناٽيہ شاستر مان اهو بخوبي ٿو ظاهر ٿئي تہ ناٽڪ بذات خود ڪيترين ڪلائن کي پاڻ ۾ سميٽي ٿو هلي. جي هونءَ پنهنجي ليکي خود مختيار آهن، جيئن ڪوتا، سنگيت، نرتيہ، معماري، سنگتراشي ۽ چترڪاري وغيره. اهي جدا جدا هوندي پڻ اندروني تهن ۾ پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. ڪلاتمڪ مشاهدو ۽ اظهار، جنهن ۾ لفظن جي چونڊ، ڊائلاگ جي ادائگي، سريري ٻولي، پوشاڪ سينگار اهي سڀ درشڪن تائين رسڻ جا واهڻ بڻجي پون ٿا.''

مان پنهنجي وشيہ پروفيسر رام پنجواڻي جي ناٽڪن جي منچ هنر (اسٽيج ڪرافٽ) تي اچان ان کان اڳ مختصر ۾ منچ بابت پسمنظر ڏيڻ ضروري ٿو ڀانيان.

هندستان جي ناٽڪ جي پرمپرا جھوني آهي. عيسوي صديءَ کان ٽي سؤ سال اڳ سيتا بينگا نالي هڪ غفا ۾ ناٽڪ ڪيا ويندا هئا. تنهن بعد سنسڪرت ساهت ۾ ڀرت جي ناٽيہ شاستر ۾ منچ ۽ ناٽڪ گھر جا ذري پرزي تفصيل ڏنل آهن. منچ جون ماپون، ڊيگھہ، ويڪر، مرڪز ۽ اٺن ڏسائن ۾ ان منچ جي ورڇ جا بيان ڪيل آهن ۽ اسٽيج ڀنيان جي جاءِ جا پڻ تفصيل ڏنل آهن. ڏکڻ هندستان ۾ مندرن ۾ ناچ گھرجي جاءِ لازم سمجھي ويندي هئي. اها مندر جي معماريءَ جو حصر هوندي هئي ۽ راجائن ۾ سمراٽ پنهنجي محلاتن ۾ رنگ شالائن جي تعمير ڪرائيندا هئا.

وقت پٺي اهو ناٽڪ جو سلسلو ٽٽي پيو ۽ عوام لاءِ ناٽڪ ۽ رام ليلائون کيل ميدانن ۾ ٿيڻ لڳيون. جتي ڪنهن نموني ڪن تختن ۽ بانس جي لڪڙين ذريعي منچ ٺاهيندا هئا ۽ اهو رواج اڃ پڻ ڪيترين جاين تي هلي رهيو آهي.

منچ جنهن حالت ۾ اڄ اسان ڏسون ٿا، ان جي شروعات ٻين ڪيترين ڳالهين جيان، هندستان ۾ مغربي اثر هيٺ ٿي آهي، ائين ڪيترا ناٽڪ گهر، يورپين لاءِ ۽ ڏيهي ماڻهن لاءِ پهرين ڪلڪتي ۾ پيدا ٿيا ۽ پوءِ ممبئيءَ مان ٿيندا، پارسي ٿئيٽر جي زير اثر ان طرز تي ناٽڪ سنڌ ۾ ٿيڻ لڳا.

سنڌ ۾ ناٽڪ منچ ۽ ناٽڪ گهرن جي تاريخ پڻ ڪافي دلچسپ رهي آهي ۽ هتي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي ڪتاب ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ مان ڪي سٽون پهرئين حوالي طور ڏيان ٿو.

”اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ ڏيتي ليتي منڊلي برپا ٿي. حيدرآباد سنڌ جي گادي هوندي هئي ۽ ان جي سڏي شاهي بازار مشهور هئي. تختن واري اسٽيج جو اڃا رواج ڪونہ پيو هو. سو ڏيتي ليتي منڊليءَ ائين ڪيو جو سر بازار ۾ مشهور ڪڪڙ ڪمپنيءَ جي دڪان جي ڪڏ تي، ان روڳ جي برخلاف وندرائيندڙ ڇهچٽا ڪري ڏيکاريندا هئا، جي انبوهہ ماڻهن جي وچ مان هينان بازار مان ڏسندا هئا.“ اهو تہ ٿيو اوائلي سنڌي اسٽريٽ ناٽڪ جو روپ ۽ منچ.

ساڳيو ليکڪ لکي ٿو، ”شروع ۾ ٻاهران ايندڙ ناٽڪ منڊليون، اڪثر پسگردائيءَ ۾ ڪنهن کليل ميدان جي هڪ حصي کي ڪوٽي، منچ لاءِ ڪڏ ٺاهينديون هيون ۽ نڪتل مٽيءَ کي ڪڏ سامهون وجهي لاهہ ٺاهيندا هئا. ائين منچ هيٺائينءَ تي ۽ درشڪ لاءِ جڳهہ لاهہ تي ٿورو مٿيرو هوندي هئي.“ اهو ٿيو هاٽوڪو پرٿوي ٿئيٽر.

۽ اڳتي، ”ڊاڪٽر جئڪسن ۽ پارسي وائيس پرنسيپال پادشاهہ



جي ڪوشش سان سال ۱۸۹۴ع ۾ ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي برپا ٿي هئي، جنهن ۾ هر سال ٽي راتيون ۳۵ سالن تائين ناٽڪ ڏنا ۽ انهن ناٽڪن لاءِ هنن خاص ’پادشاهہ‘ هال نالي هڪ شاهي مانڊو ٻڌو هو ۽ انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو.

اهڙيءَ طرح اسان کليل زمين، کڏ کان ناٽڪ کي ڪاليج تائين ٿا ڪٽي اچون. جتي ٿي پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ناٽڪن کي منچ مليو.

مٿي اهي تفصيل ان ڪري ڏنا ويا آهن تہ پڙهندڙن کي ان وقت جي منچ جي اوسر جو انومان ٿئي ۽ ناٽڪن جي منچ هنر کي پڻ پس منظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. جنهن وقت ۾ اهي ڪيليا ويا هئا ۽ منچ هنر منچ جي اوسر جي نسبت ۾ ٿي ڏسڻو پوندو.

مٿي ڀرت جي ناٽيہ شاستر مان حوالو ڏنو ويو آهي تہ ناٽڪ جي پيشڪش ۽ ان جي ڪاميابي ناڪاميابيءَ ۾ ليکڪ جو رول ڀل بنيادي هجي پر ان سان گڏ ٻين ڪلائن جي ڄاڻ ۽ آزمودو پڻ ضروري آهي. ائين ناٽڪ پيش ڪرڻ لاءِ نرتيہ، چترڪاري، سنگيت، اداڪاري آواز کي درشڪن تائين پهچائڻ لاءِ آواز وڌائڻ، روشني ۽ ويس وڳن جو بندوبست اهي سڀ اچي ٿا وڃن ۽ وقت پٺي انهن سڀني ۾ ترقي پئي ٿي آهي.

جيئن اڳي چيو ويو آهي تہ هندستان ۾ مغربي ٿئيٽر جو پڻ پيشڪش تي اثر ٿيو. جهڙي نموني سنسڪرت ناٽڪن ۾ سيٽ نہ هوندا هئا، مغربي ٿئيٽر جي اثر هيٺ ناٽڪن ۾ جدا جدا درشيہ ڏيکارڻ لاءِ پردا ڪم آندا ويندا هئا. ائين انهن پردن کي تيار ڪرڻ لاءِ چترڪارن جو خوب دخل رهيو. ڪي ناٽڪ منڊليون پنهنجا پردا پاڻ تيار ڪرائينديون هيون، جي سندن ناٽڪن جي پيشڪش کي سونهن بخشڻ سان گڏو گڏ اثرائتو پڻ بڻائيندا هئا. پڙدا اسٽيج جي آخر ۾

ڏنڊن سان ٻڌي چرخي ذريعي هيٺ مٿي لاهيا چاڙهيا ويندا هئا. اهڙي نموني پوشاڪون، راڄائن وغيره جي ڏيکاءَ لاءِ ۽ جڏهن مرد زال جو رول ڪندا هئا تہ انهن لاءِ نقلي وار (وگ) ۽ نقلي ڏاڙهيون مڇون وغيره تيار ڪندا هئا.

رام پنجواڻيءَ جا ناٽڪ هن ريت آهن :

١. سنڌ جون ست ڪهاڻيون (شاهہ لطيف جي ڪنيل لوڪ ڪهاڻين کي ڪٺي ناٽڪي ويس ڏنل)

٢. پکي ۾ پدمڻي

٣. تياڳ ۽ مڪتي

٤. آيو نئون زمانو

٥. سماج شيوڪ (ايڪانڪي)

٦. يا ڪندا (ترجمو)

پروفيسر پنجواڻي شاهہ جي لوڪ ڪهاڻين، عمر مارئي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، مومل راڻو، راءِ ڏياچ، ڄام تماچيءَ کي ناٽڪي روپ ڏيئي پيش ڪيو. مون کي پکي ۾ پدمڻي ناٽڪ نہ ملي سگهيو آهي ۽ مون کي شاهہ لطيف جي لکيل آکاڻين تي لکيل ناٽڪ ١٩٥٢ع ڌاري ڇاپي وارا نہ پر مون کي ١٩٧٧ع ۾ سنڌي ٽائيمس پاران ڇپايل مليا آهن.

١٩٤١ع ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو پهريون ناٽڪ 'مومل راڻو' پيش ٿيو ۽ ١٩٤٤ع ۾ 'پکي ۾ پدمڻي' پيش ٿيو. باقي ٻيا پنج ناٽڪ ڪهڙي سلسلي ۾ پيش ٿيا ان جو احوال هٿ نہ اچي سگهيو آهي. ورهاڱي بعد ممبئيءَ ۾ جئہ هند ڪاليج سنڌي سرڪل پاران، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو پهريون ناٽڪ ١٩٤٩ع ۾ پيش ڪيو ويو، جيڪو ايلفنسٽن ڪاليج جي حاطي ۾ ڏنو ويو ۽ ١٩٥١ع ۾ جئہ هند ڪاليج کي پنهنجي بلڊنگ ملڻ بعد هڪ هڪ ڪري ٻيا سڀ ناٽڪ پيش ڪيا ويا،



ائين هنن سڀني ستن ناٽڪن کي منچ تي جدا جدا پسمنظر ۾ ڏسي ناٽڪ اسڪرپٽس ڪنهن وٽ بہ مؤجود نہ آهن، جنهن جي آڌار تي منچ ڪاريءَ لاءِ ڪجهہ ڳالهائي سگهجي. جڏهن مون ڪن انهن شخصن بابت سوچڻ شروع ڪيو جن اهي ناٽڪ ڏٺا هوندا تہ مون کي ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو نالو ذهن تي آيو. موتي پرڪاش چواڻي، هن پنجواڻي صاحب جا بہ ناٽڪ ڏٺا. ان وقت جئہ هند ڪاليج جي هال ۾ گجراتي نيم پيشيور سنسٿا انڊين نئشنل ٿئيٽر باقاعدي ناٽڪ پيش ڪندي هئي، جنهن وٽ ڪافي ناٽڪي سامگري مؤجود هئي ۽ مسواڙ تي وٺڻ جي ذريعن جي پڻ ڄاڻ هئي، انهن لائيٽنگ، ڊريسن ۽ ميڪ اپ، آواز ۽ پردن کي حاصل ڪرڻ ۽ انهن جو اپيوگ ڪرڻ ۾ پنجواڻي صاحب کي گهربل مدد ڪئي ۽ ائين ناٽڪ ڪافي اثرائتا ثابت ٿيا. پر ڪنهن بہ مواد مؤجود نہ هئڻ ڪري ١٩٥٠ع بعد هند ۾ پيش ڪيل ستن ناٽڪن جي منچ هنر بابت ڳالهائڻ ممڪن نٿو لڳي ۽ مون لاءِ صرف انهن ناٽڪن کي آڌار بڻائي، سنڌ جي پس منظر جو انومان لڳائي ئي ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي ٿي.

هاڻي اسان کي سنڌ جي منچ ۽ ان وقت سهوليتن بابت تصور ڪري ڪن ڄاڃنائن ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ اهو پڻ ان مواد جي بنياد تي جيڪو اسان وٽ ميسر آهي.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا ناٽڪ پردن جي پس منظر ۾ پيش ٿيل آهن. تنهن ڪري جيڪو ماحول پيدا ڪرڻو پيو هوندو، اهو پردن ذريعي ڪهڙي طور پيدا ڪيو ويو هوندو. ڇاڪاڻ تہ اهي ناٽڪ ڪاليج پاران پيش ٿيل هئا ۽ نہ ڪنهن پيشيور ناٽڪ منڊليءَ پاران. ان ڪري خاص پڙدا تيار نہ ڪرايا ويا هوندا ۽ مسواڙ تي ورتا ويا هوندا ۽ ممڪن آهي تہ تز چٽ جيڪي لکيل آهن اهي نہ مليا هجن ۽ ائين ڪنهن نموني ٺاهہ (ڪامپرومائيز) ڪرڻو پيو هجي.

ناٽڪ عمر مارئيءَ جي شروعات ڪجي. ڇاڪاڻ جو اهو ناٽڪ پهريون ڏنل آهي. (مون وٽ جا ڪاپي مؤجود آهي ان ۾). ناٽڪ ٢٧ ڪان ٦٢ صفحي تائين آهي. ائين ڪل ٣٥ صفحا آهن جنهن ۾ هدايتون پڻ شامل آهن. ان جو مطلب اهو آهي تہ هيءُ ناٽڪ وڌ ۾ وڌ ٤٥ منٽن جو آهي. هن ناٽڪ ۾ ٻارهن پردا آهن. ١. ملير جي ڳوٺ ۾ چوِنڪ، ٢. عمر ڪوٽ ٣. رستو، ٤. ٽاٽو ٥. دربار ٦. عمر جو محل ٧. ملير جي ڳوٺ ٻاهران کوهہ، ٨. عمر ڪوٽ ٩. ملير ۾ پالڻي جو گهر ١٠. عمر جي محل ۾ عمر جو ڪمرو ١١. مارئيءَ جو ڪمرو ١٢. ملير جي ٻاهران.

هاڻي هڪ هڪ پڙدو کڻي، هڪ هڪ نظاري جي ڳالهہ ڪريون.

پهريون نظارو چانڊوڪي - سانوڻ جي رات جو آهي. اڄ اهي سولائيءَ سان سائيڪلورا تي پيش ڪري سگهجن ٿا پر ان وقت اهي طريقا مؤجود نہ هوندا، تنهن ڪري اهو تاثر پردي جي چترڪاريءَ مان پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هوندي. ناٽڪ نرتيہ سان ٿو شروع ٿئي. وچ ۾ مارئي آهي ۽ چوگرد سندس ساهيڙيون آهن. ائين گهٽ ۾ گهٽ مارئيءَ سميت پنجن جو گروپ تہ هوندو ۽ انهن کي نرتيہ جي پوشاڪ ميسر ڪري ڏيڻي پيئي هوندي.نرتيہ ضرور ڪنهن راڳ تي هوندو. اڳي ٽيپ رڪارڊر نہ هئا. راڳ يا تہ حقيقي طور سازيندڙن ۽ ڳائيندڙن ذريعي پيش ڪيا ويا هوندا. جن لاءِ اسٽيج تي يا اسٽيج جي شروعات ۾ ڪا لڪل جاءِ تيار ڪئي ويندي هوندي ۽ انهن کي لائوڊ اسپيڪر لاءِ مائيڪ ڏنو ويو هوندو. هن نظاري ۾ ٻہ ٻيا ڪردار آهن پالڻو ۽ ڪيت، جن جي پوشاڪ جو بندوبست ڪيو ويو هوندو. گيت، نرتيہ ۽ گفتگو سڀ ساڳئي وقت هلن ٿا. اهو تاثر ڪيئن پيدا ڪيوويو هوندو اهو سوچڻ ڏکيو آهي. جڏهن آواز کي پهچائڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪر جي ضرورت هجي، ائين اٽڪل پنجيتاليهن منٽن جي ڏيک ۾ ستن ڪردارن ۽ ڳائيندڙن جي ٽوليءَ جي ضرورت پوي ٿي. ان وقت تہ صرف پيليون (لائيم لائيٽس)



هونديون ۽ فلڊ لائيٽس ڪم آنديون ويون هونديون، جيئن درشڪ، نرتيہ جو مزو چڱيءَ طرح ماڻي سگهن.

پردو ٻيون : عمر ڪوٽ جو نظارو : وقت رات جو اسٽيج تي بسترن سميت ٻہ کٽون مؤجود. هن درشيہ ۾ ٻہ ڪردار آهن. راجا عمر ۽ سندس راڻي. رات جو وقت آهي (لائيٽ گهٽ ڪئي ويئي هوندي). هي درشيہ هڪ صفحي کان ٿورو وڌيڪ تي هلي. اٽڪل ٻہ منٽ.

پردو ٽيون : رستو اوندهہ جاري آهي. هن درشيہ ۾ ٻہ ڪردار آهن. بادشاهہ ۽ ڪوٽوال. ٻنهي جي لباس ۾ نمايان فرق آهي. بادشاهہ، چمڙا پوش پائي ڪنهن ڪانير جي لباس ۾ آهي. ائين عمر کي لباس بدلائڻ يا مٿان ٻيو ڪجهہ پائڻ لاءِ لباس اڳوات ئي ٻئڪ اسٽيج تي تيار رکڻو پيو هوندو. هيءُ درشيہ پڻ سوا صفحي جو آهي.

پردو چوٿون : ٽاٽو : هن ۾ هڪ ٻڍي مائي ڪوٽوال، چمڙا پوش بادشاهہ ۽ ٽاٽيدار، ائين ڪل چار ڪردار آهن ۽ هڪ ڪردار آخر ۾ ٽاٽي مان ٻاهر ٿو نڪري. ائين ڪل پنج اداڪار آهن. هيءُ درشيہ پنجن صفحن جو آهي. (اٽڪل ڇهہ منٽ)

پردو پنجون : دربار: هن درشيہ ۾ جوابدار ۽ وزير ٻہ نوان ڪردار پيش ڪيل آهن، هن دربار جي سين ۾ ضرور ٻيا درباري پڻ مؤجود هوندا. بادشاهہ عمر جو تخت رکيل آهي. دربار جو سينگار پردي تي ظاهر ڪيل هوندو. ٻين درٻارين ۽ وزيرن لاءِ ويهڻ جون جايون هونديون. هن سڄي ماحول کي تيار ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳو هوندو. هيءُ درشيہ اٽڪل اڍائي صفحن جو آهي. ائين اٽڪل ٽي چار منٽ هليو هوندو.

پردو ڇهون : عمر جو محل : ڳاني جي محفل گرم آهي. عمر خانگي لباس ۾ ويٺو آهي. ڦوڳ سين پنهنجي بنسري وينو وڄائي. بنسري آخر بند ٿئي ٿي. پوءِ ڦوڳ سين گيت ٿو ڳائي، جنهن ۾ مارئيءَ جي سونهن جي ساراهہ ڪيل آهي. عمر بادشاهہ موتين جي مالها ڪيس

انعام طور آچي ٿو. هن سين ۾ ڦوڳ سين جو نئون ڪردار پيش ڪيو ويو آهي. خانگي محفل ۾ ٻڌندڙ ڪيترا آهن، اهو ڄاڻايل نہ آهن، گهٽ ۾ گهٽ چار يا پنج تہ هوندا. بنسري وڄائڻ ۽ گيت ڳائڻ واري ڪان ڪم ورتل آهي. هتي ڳائيندڙن ۽ وڄائيندڙن جو تعداد ڪيترو هوندو ان جو صرف اندازو ئي لڳائي سگهجي ٿو. گيت جا ڪي لفظ ڏنل نہ آهن. بادشاهہ عمر خانگي پوشاڪ ۾ اچي تہ سندس ٻيا ٻڌندڙ پڻ سندس لباس ڪان گهٽ حيثيت واري لباس ۾ هوندا. راڄا جي گلي ۾ موتين جا هار پاتل هوندا. هيءُ درشيہ ڇهن صفحن جو آهي. جو اٽڪل گيت سنگيت ڪي ملائي پندرهن منٽن ڪن جو ٿيندو.

پڙدو ستون : ملير ڳوٺ ٻاهران کوهہ : سين هيٺئن ٿي شروع ٿئي. ڪئين ٿر ڄايون پيون پاڻي ڀرين. ڪي اچن پيون تہ ڪي وڃن پيون. هرڪا پنهنجو وارو وٺي پاڻي ڀريندي پيئي وڃي. عمر سوداگر جي پوشاڪ ۾ ڦوڳ چارڻ ، رستي واري لباس ۾ ڀريان لڪي انن تي اک ٽيٽ رکي بيٺا آهن. هنن سيني ۾ جڏهن مارئي پاڻي ڀرڻ ٿي اچي تہ ساڻس گڏ ٻہ ساهيڙيون پڻ آهن. هن درشيہ ۾ اهو سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اسٽيج تي اُٺ ڪيئن ڏيکاري ويا هوندا ۽ انن کي پاڻي پيئڻ لاءِ جهڪائڻ جو درشيہ ڪهڙي نموني پيش ڪيو ويو هوندو. اهڙين مارئي، ٻن ساهيڙين ۽ عمر ۽ ڦوڳ سين جا پنج ڪردار تہ آهن ۽ کوهہ تي پاڻي ڀرڻ واريون ڇوڪريون تنهن ڪان سواءِ، هيءُ درشيہ اٽڪل پنجن صفحن جو آهي. اهڙين پڻ ڏهن منٽن جو هئڻ گهرجي.

پردو اٺون : عمر ڪوٽ جو پڙدو : درشيہ اٺون ٿو شروع ٿئي. ’تيز مينهن ٿو وسي. هوا جا گوگهاٽ آهن. بجليءَ جا ڪڙڪا ٿا پون. مارئي هڪ نهايت سهڻي ڍنگ سان سينگاريل ڪمري ۾ ڏرتيءَ تي ويٺي سڏڪا ڀري، روئي پيئي ڳائي.‘ ورهاڱي ڪان اڳوات اهي تاثر ڪيئن پيدا ڪيا ويا هوندا، ان جو مون کي انومان نہ آهي، جيتوڻيڪ اڄ



اهي سائونڊ ۽ لائيٽ افيڪٽ عام رواجي آهن. خيال رکڻو آهي تہ اڳيون پردو ملير جي ٻاهران کوهہ جو هو ۽ ان بعد سهڻي ڍنگ سان سينگاريل ڪمرو آهي. جنهن ۾ ڪيتري پراپرٽيءَ جي ضرورت پيئي هوندي، اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن درشيہ ۾ مارئيءَ پاران ڳايل گيت جا لفظ البت ڏنل آهن. هن درشيہ ۾ اڳتي هلي هيءَ ذڪر ٿو اچي. آسمان ۾ گجگوڙ ٿي ٿئي. وڄ جو ڀيانڪ چمڪاٽ ٿو ٿئي. ٻيڍيءَ جي خيالي تصوير، عمر جو عدل ۽ انصاف وڃي نالي ۾ رهيو آهي. وري بادل جو ڪڙڪاٽ ٿو ٿئي ۽ وري ڪيس ڏڪاءُ ٿو اچي. ٽاڻيدار کي خيالي تصوير ۾ ئي اڳيان اچي : تصوير گهمائي اکيون ٿو مهٽي. اهڙين خيالي تصوير اسٽيج تي ڪيئن پيش ڪئي ويندي هوندي. اهو سوچڻ ڪجهہ ڏکيو آهي. (صعح ۵۲) هيءَ درشيہ اٽڪل ڇهن صفحن جو آهي. اٽڪل ڏهہ پندرهان منٽ.

پردو نائون : ملير ۾ پالڻيءَ جو گهر : ميراڏي ۽ پالڻو ڏک ۾ آهن. ميراڏي منجيءَ تي ليٽيل آهي. پالڻو ننڍي منجيءَ تي ويٺو آهي. ڪيت سين دريءَ وٽ بيٺو آهي. ٻاهر مينهن زور سان پيو وسي. هيءُ درشيہ هڪ صفحي ڪان ٿورو مٿي آهي. هيءُ درشيہ وڌ ۾ وڌ ٻن منٽن جو آهي.

پردو ڏهون : عمر جي محل جو ڪمرو : هن درشيہ ۾ ٻيڍيءَ جي خيالي تصوير ۽ ٽاڻيدار جي خيالي تصوير جو ذڪر ۽ انهن پاران ڊائلاگ آهن. هن ۾ تي ڄڻا نوان ڪردار ٿي اچن ٿا. هي درشيہ ٽن صفحن جو آهي. اٽڪل ڇهہ منٽ.

پردو يارهون مارئيءَ جو ڪمرو : ٻانهيون پڻ مؤجود آهن. هيءُ درشيہ ٽن صفحن جو آهي. اٽڪل ٽي منٽ ٿيندو.

پردو ٻارهون : ملير جي ٻاهران : مارن جو ميڙ بيٺو آهي. سڀ خوشيءَ ۾ آهن مرد ۽ زالون مارئيءَ جي موٽڻ لاءِ آتر ويٺل آهن. پالڻي،

ميراڏي ۽ ڪيت سين جي اکين ۾ ڳوڙها آهن. قافلو پريان ايندو ڏسي سڀ ڊوڙندا ٿا وڃن. مارئيءَ کي ڪجائي مان لاهي، ڏوليءَ ۾ چاڙهڻ لاءِ هيٺ ٿا ڪن. هاڻي هتي وري اٺ، ڪجائو، اٺ جو هيٺ جهڪڻ ۽ هيءُ انبوهه جو درشيه کهڙي نموني، خلقيو ويو هوندو، ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي هيءُ درشيه اٽڪل ٻن صفحن جو آهي. اٽڪل ڇئن پنجن منٽن جو ٿيندو.

هن هڪ ناٽڪ جو تفصيلوار ڇيد ڪرڻ بعد ٻين ناٽڪن ۾ صرف پڙدا ڳڻائبا ۽ ڪردار.

٢. سسئي پنهون - صفحه ٣٤ - اٽڪل پنجاهه منٽ- پردا : ڏهه- ڪردار ٢٥

٣. سهڻي ميهار - صفحه ٢٨ - اٽڪل ٩٠ منٽ - پڙدا : اٺ - ڪردار : ١١

٤. ليلا چنيسر - صفحه ١٨ - اٽڪل ٢٠ منٽ - پڙدا : اٺ - ڪردار : ١٥ ۽ ڇهه ڊانسر

٥. مومل راڻو - صفحه ٢٨ - اٽڪل ٥٠ منٽ - پڙدا : ڏهه - ڪردار : ١٢

٦. راءِ ڏياچ - صفحه ٢٧ - اٽڪل ٤٥ منٽ - پڙدا : ست - ڪردار : ١٢

٧. ڄام تماچي - صفحه ٥٧ اٽڪل ٻه ڪلاڪ - پڙدا -ڇهه- ڪردار : ١٢ ۽ انبوهه جا درشيه.

مٿين ناٽڪن ۾ شاهه جي بيتن جو چڱو استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن کي سازيندڙن جي سنگت سان ڳائڻ ڪري ڪافي تاثر پيدا ٿيو هوندو. پر اسٽيج جي هنر منديءَ ڏانهن سجاڳيءَ طرف ڪو خاص فرق ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

هاڻي اسان اچون پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي اصلوڪي ناٽڪ



’تياڳ ۽ مڪتي‘ سال ١٩٧٨ع ۾ سنڌي ٽائيمس پاران ڇپايل، پروفيسر ايم.يو.ملڪاڻيءَ هن کي هندستان ۾ لکيل خود ساخته (دليان نڪيل) اصلوڪن (اوريجنل) سنڌي ناٽڪن ۾ ورهاڱي بعد پيدا ڪيل ٿو ڄاڻائي. هن ناٽڪ جا اسٽيج شوز ڪتي ۽ گهڻا ٿيا آهن، اها ڄاڻ ڪٿي به ميسر نه آهي. البت پروفيسر رام پنجواڻيءَ پنهنجي هڪ ٻئي اصلوڪي ناٽڪ ’آيو نئون زمانو‘ سال ١٩٨٥ع ۾ ڇپيل جي مهاڳ ۾ لکي ٿو، ”ٻڌ ڀڳوان جي جيون تي رٿيل ته فصلو ناٽڪ همايون ڪبير جهڙي اپياسيءَ ۽ ڪلا پريميءَ کي به پسند پيو.

هتِي وقت جي پابنديءَ جي لحاظ کان، منهنجي هنر ي ڪٽي صرف ڪي چند مثال ٿي ڏيندس. ناٽڪ جي شروعات ۾ ڪپلوستوءَ جي راجا جي محل جي وشرام گهرجي درشيه سان ٿئي ٿي. رشي اچي ٿو. ائين اتي ويهڻ جي جاءِ جو پڻ جوڳو بندوبست ڪيل هوندو ۽ ڇهن صفحن بعد ليکڪ پاران لکيو ويو آهي. ”اچانڪ اوندهه ٿي وڃي. محل جون ديوارون لڏنديون ٿيون نظر اچن. شمعدان هوا ۾ ٿا لڏن. مهاراجا ۽ مهاراڻي هي ٻئي جي طرف نهاري اٿڻ جي ڪوشش ٿا ڪن ته بيهي نٿا سگهن.“ ائين اوچتو زلزلي (ڀوڪنمپ) جو تاثر ڪيئن پيدا ڪيو ويو هوندو ؟ ٻيون ڀاڱ ديو لوڪ جي درشيه جو پيش ڪيو ويو آهي. ان جو بيان ليکڪ هن ريت ڪيو آهي ته :

ديو لوڪ ۾ ديوتائون ويٺا آهن، کليل ميدان ۾ دربار لڳي پيئي آهي. هڪ سر ديوتا سنگهاسن تي آهي. ٻيا ديوتائون به سنگهاسن تي ويٺا آهن. وشو ڪرما به حاضر آهن. دلفريب نظارو آهي. چوگرد ساوڪ لڳي پيئي آهي. عجيب و غريب ميون جا وڻ بيٺا آهن، پريان صاف پاڻيءَ جو چشمو پيو وهي. غيبي سازن مان من موهڪ آلاپ پيا ٻڌڻ ۾ اچن. سر ديوتا جنهن جي مک مان جوت پئي بکي سو ڳالهائي ٿو. اهي ليکڪ جا ڏنل ڊائريڪشن آهن. هيءُ نظارو هڪ ڪويءَ يا ساهتڪار جي ته

سني ڪلپنا ٿي لڳي پر ان کي منچ تي اتارڻ ڪيتري قدر ممڪن ٿيو هوندو. ان بابت مان ڪجهه چوڻ کان اسمرٿ آهيان. هاڻي ڏسون ته سڌارٿ جي دنيا جي دک درد جي نظارن ڏيکارڻ لاءِ ڪهڙو رستو ٿو اپنايو وڃي. وشو ڪرما تاڙي ٿو وڄائي. درشيه ڦري ٿو. ديو لوڪ گم ٿو ٿي وڃي. مرتيو لوڪ ۾ راجڪمار سڌارٿ آرام گاهه ۾ سمهيو پيو آهي. چوطرف شانتي ڇانيل آهي. اچانڪ ڪمري ۾ روشني ٿي ڦهلجي وڃي. هڪ نربل انسان ظاهر ٿو ٿئي. ان بعد ڪوڙهيو ۽ جوان ۽ يوڳيءَ جا ڪردار داخل ٿين ٿا. صفحه ۴۲ (اوچتو محل مان ناد، توتارين ۽ مردنگ جا آواز ٿا اچن. انهن جي آواز سان محل گونجي ٿو وڃي. گوتم هتي پلنگ تي پلٿي ماري ٿو ويهي. راڄ نرتڪيون موڄ سان ناچ ٿيون نچن...)

ساڳئي ٿي نموني مارا ۽ سندس ٽن ڌيئرن امنا، واسنا ۽ ڪروڌتيءَ جا ماياوي درشيه داخل ڪيا ويا آهن. ساڳئي وقت ڪلاڪارن جي گهڻ جو خيال پڻ نه رکيو ويو آهي.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ ته فصلو ناٽڪ 'ياد ڪندا' پربوڌ جوشيءَ جي ناٽڪ 'پتاني جوڙ' مان ترجمو ڪيو ۽ سنڌو ڪلا مندر جي سايع هيٺ سنڌين جي لاڏلي ڊائريڪٽر ايس. پي. مينگهاڻيءَ اسٽيج تي ڪاميابيءَ سان ڪيترا ڀيرا پيش ڪيو آهي. هيءُ ناٽڪ ترجمو ڪندي لڳي ٿو ته پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي جديد ناٽڪ جي پيشڪش ۽ ضرورتن ۽ محدودگين جو تخليقي سطح تي احساس ٿيو هوندو ۽ ائين هن ڊرائنگ روم ناٽڪ جي بنياد تي به تمام سٺا ناٽڪ جوڙيا جن ۾ اسٽيج جي هنر جو بخوبي خيال رکيو ويو آهي. اهي ناٽڪ آهن، 'سماج شيوڪ' (ننڍو ناٽڪ) ۽ 'آيو نئون زمانو'، سماج شيوڪ، سنڌي رنگ منچ ۽ آل انڊيا ريڊيو تي سوين ناٽڪ ڊائريڪٽ ڪري آزمودگار ۽ ممبئي ڊراما اسڪول جي ترتيب ورتل موتي پرڪاش جڏهن بئنگلور سميلن وقت پيش ڪيو ته سميلن جا ڊيليگيٽ هن ناٽڪ جا ڪردار ڪيترو وقت ته پنهنجي



ذهن ۾ پاڻ سان گڏ کڻي هلندا رهيا. هن ناٽڪ جا گهڻا شوز ٿي نه سگهيا آهن. ممڪن آهي ته ايڪانڪي ناٽڪ هئڻ ڪري ائين ٿيو هجي. هن ناٽڪ جي بنياد تي آشا چاند پنهنجي سنسٿا 'سنڌي سنگيت' پاران هڪ ٽيلي فلم ٺاهي آهي جا پڻ ڪاميابي ماڻي رهي آهي.

'آيو نئون زمانو' نئشنل اسڪول آف ڊراما، دهليءَ جي تعليم يافته ۽ سنڌي منچ جي قداور شخصيت شري رميش چاچاڻيءَ ڊئريڪٽ ڪري پيش ڪيو. جنهن ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي اسٽيج جي هنر جي ڇاپ ظاهر آهي. ان لحاظ کان مان پهرين سيٽ جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس. ديوان ڪيولرام جي فلئٽ جو شاندار ڊرائنگ روم، قيمتي فرنيچر سان سجايل آهي. اسٽيج جي ساڄي طرف ٻن ڪمرن ۾ وڃڻ لاءِ ٻه دروازا آهه. هڪ دروازو رنڌڻي طرف وڃڻ لاءِ، ٻيو دروازو ديوان ڪيولرام جي پٽ منوهرلعل ۽ منوهرلعل جي ڌرمپتنيءَ جمنيءَ جي ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ آهي. اسٽيج جي ڏائي طرف واريءَ ديوار ۾ هڪ دروازو آهي جيڪو ديوان ڪيولرام جي ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ آهي. ٿورو مٿيرو، متئين ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ هڪ ڏاڪڻ آهي. هيءَ ڏاڪڻ ديوان ڪيولرام جي نؤجوان پوٽي رتنلعل جي ڪمري طرف وڃي ٿي. اڳتي فرنيچر ونڊو ۽ سائيڪلو راما ۽ دور هڪ ٽيليفون بوٿ جو ذڪر پڻ ڪيل آهي ۽ فرنيچر مان گهر وارن جي آسودگي ٻکي اهو پڻ ظاهر ڪيل آهي. ائين سيٽ ٻڌائيندي سيني مکيه ڪردارن جي پڻ واقفيت ڪرائي وئي آهي.

جيئن مٿي چيو ويو آهي ته پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سنڌ ۾ ڪيل شاهه جي آکاڻين تي ٻڌل ناٽڪن جا اسان وٽ شروعاتي مسودا ٿي موجود آهن، انهن کي وڌائي انهن ۾ ڀڳت جو انگ داخل ڪري گريڪ ناٽڪ جي ڪورس جيان، يا هندستاني ڪلاسيڪي ناٽڪ جي سوتر ڌار جيان ڪم آڻي، ڪهڙي نموني پيش ڪيو ويو، انهن بابت اسان اڻ ڄاڻ

رهجي ويا آهيون  پريم پرڪاش جو انومان آهي تہ پروفيسر رام پنجواڻيءَ انھن کي اسڪرين پلي طور لکيو هوندو تہ اڄ اهو ضروري آهي تہ اسان هنن ناٽڪن کي ڪٿي اها ساڳي گفتگو قائم رکون. ڪن گهربل تبديلين سان ٽيلي فلمون تيار ڪريون ۽ انھن ناٽڪن کي بنياد بڻائي، وچ ۾ پڳت جي اٿت ڪري، سني نموني اٿت ۽ اوساري ڪريون ۽ ائين سنڌي ڪلچر سان نئين پيڙهيءَ کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪريون جيڪا اڄ تاريخي تقاضا ۽ جوابداري پڻ آهي. ائين ڪرڻ سان پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي سنڌي قوم هن سؤ سالن جي موقعي تي شرڌانجلي ڏيئي سگهندي. مان اهو چوڻ کان هٽڪندس تہ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو سنڌي قوم تي قرض آهي. جيڪو اهڙي نموني لاهي سگهجي ٿو.

مددي ڪتاب :


١. آن انڊين ٿئيٽر ايڊيٽيڊ بءِ انندالعل آڪسفورڊ ڪمپينين.

٢. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ساهت جو جائزو - پروفيسر منگهرام ملڪاڻي.

٣. سنڌي ناٽڪ جي اوسر ١٨٨٠ کان ١٩٩٠ - ڊاڪٽر پريم پرڪاش

٤. سنڌي ناٽڪ - ڊاڪٽر پريم پرڪاش

٥. گوگل ويڪيپيڊيا

٦. پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا ناٽڪ (١) سنڌ جا ست ناٽڪ - ٢ڀاڱا (٢) تياڳ ۽ مڪتي (٣) آيو نئون زمانو (٤) ياد ڪندا (پربوڌ جوشيءَ جي گجراتي ناٽڪ جو سنڌي ترجمو)


(رام پنجواڻيءَ جي سوَ سالن جي جنم موقعي تي ساهت اڪادمي پاران ملهايل سيمنار ۾ ممبئيءَ ۾ پيش ڪيل)



# ’فانيءَ‘ جي شاعريءَ جا فڪري لاڙا

سدا حيات ڪيئلداس بيگواڻي ’فانيءَ‘ جو جنم ميان صاحب ڳوٺ (شڪارپور سنڌ) ۾ ۴ اپريل ١٩١۴ تي ٿيو ۽ سندس ديهانت ڀوپال ۾ ١٩٩٥ ۾ ٿيو. هُن صاحب اَسي سالن تائين زندگي ماڻي ۽ اُستاد جو پيشو اختيار ڪري تعليم سان وابستہ رهيو. سندس زندگيءَ ۾ راڳ، شاعري ۽ ناٽڪ نويسي سندس ڪچي عمر کان ئي شغل رهيا.

١٩۴٧ ۾ ورهاڱي وقت سندس عمر ٣٣ / ٣۴ سال هئي. سندس تعليم، ترتيب ۽ ڦوهہ جوانيءَ جو حصو شڪارپور ۾ ئي گذريو. سندس ذهني لاڙا، سوچ جا دائرا سماج، علم ۽ ادب طرف نظريا نظريو اُن وقت ۽ سماج جي پئداش هئا. هو هر طرح پنھنجي وقت جو شخص هو ۽ اُن وقت جي ’يگ ٻوڌ‘ (Ethos) سان واڳيل هو.

هتي تمام مختصر ۾ اُن وقت جي، سماج، سياسي ماحول ۽ تعليمي سلسلي ۽ طرز ۽ شهري وچولي درجي جي اخلاق ۽ گهڙن پهلن جي فطرن جو بيان ڪرڻ بي جاءِ نہ ٿيندو.

هاڻوڪي تعليم جو سرشتو انگريزن جي اچڻ بعد شروع ٿيو ۽ شروع کان ئي تعليم دان ۽ ماستر ادب سان وابستہ رهيا، يا چئجي ڪٿي تہ اُهي ئي مکيہ اديبن طور اُڀريا. انگريزن جي آمد کان اڳ اِسلامي ڪَٽر اخلاقي ماپا، پنھنجن سماجي تضادن سميت لاڳو هئا ۽ اُنھن کي ملڪا وڪٽوريا جي وقت جي سخت پوتر اخلاقي قدرن جي پٺڀرائي ملي. هن حالت ۾ هڪ ماستر لاءِ تہ سماج ۾ اخلاقي شخصيت جي علمبردار

بڻجڻ جي مجبوري هئي. اَهڙيءَ طرح سندس اظهار جي آزاديءَ تي اخلاق جو پهرو لازم ٿي ويو ۽ سنڌي ادب کي اکين تي کوپا چڙهي ويا ۽ ڪيترا موضوع سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي دائري کان ٻاهر ٿي ويا. اُن دؤر ۾ ٻن قسمن جي شاعري مروج هئي. هڪ شاهہ، سچل جي پيچري تي هلندڙ لوڪ ڪٿائن جو ورجاءُ، جن تي ’روحاني‘ شاعريءَ جو ليبل لڳل هو ۽ ٻئي طرف جاگيرداري دؤر جي هئنگ اوؤر (hangover) آخري رُجحان جي پست پيل ۽ پوين پساهن تي شاعرن جي شاعري - جتي شاعر ڏنل مصرع تي مشاعري ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ ۽ ملهون وڙهڻ ۾ مشغول رهندا هئا. اُها ٻي ڳالهہ آهي تہ فارسي لفظن، تشبيهن ۽ استعارن سان جهنجهيل شاعريءَ ۾ عوام جي خير ڪا دلچسپي رهندي هئي. هتي هڪ ماستر لاءِ خيالي مُذڪر محبوب جو ذڪر ڪرڻ روا هو.

اڳتي هلي انگريزي تعليم ۽ شاعريءَ جو اثر پڻ پوڻ لڳو. جو آزاديءَ جي جدوجهد دوران نوان پيچرا ۽ نوان موضوع تلاشڻ لڳو. هتي وري ڪي چند ستون انگريزي شاعريءَ جي تاريخ جي ڪن حد نشانن جو ذڪر لازمي ٿي ٿو پوي.

اَرڙهين ۽ اُڻويهين صدي يورپ ۾ ولوليخيزدور رهيو. سپيتا جي شروعات کان وٺي انساني پيداوار جو ذريعو زمين رهي ۽ سڄو سپيتڪ ڍانچو زمين جي ورچ تي قائم هو. هُنري اِنقلاب اِهو سڄو سرشتو مٽائي ڇڏيو . هاڻي زميني مزدور (Serf) مشين تي ڪم ڪري پنهنجو پورهيو آزاد ٿي وڪڻي ٿي سگهيو. هن جو اثر هر کيتر ۾ نمايان ٿيو. سائنسي کوجنائن عقل پرستي ۽ صدين جي چرچ پاران پاليل ’وشواس‘ کي لوڏي ڇڏيو، ائين ويچار جي سطح تي ’وشواس (ايشور ۾) ۽ عقل پرستيءَ ۾ ٽڪراءَ جي صورت اختيار ڪئي. آڳاٽا وشواس ۽ پرمپرائون ٽُٽڻ لڳيون ۽ روسو جهڙي ويچارڪ ظاهر ڪيو. ”اِنسان آزاد پيدا ٿيو آهي، پر هاڻي هرهنڌ زنجيرن ۾ آهي.“ انسان



کي قدرت جي گود ۾ واپس ورڻ گهرجي. (Back to Nature) وري وولٽائر ’آزادي، هڪ جهڙائي ۽ ڀائيچارو‘ جو نعرو بلند ڪيو.

هن صورت حال جو ادب تي اثر پوڻ لازمي هو. انگريزي ادب جي حوالي ۾ جڏهن بادشاهن جي واپس ورڻ واري دور (restoration) جي شاعري آئمبڪ ۽ ٽراڪي وزن تي سوار ٿي لفظن جي جذبات کان هٽي مڪئنيڪل ۽ مصنوعي ٿي، اُن وقت شاعريءَ ۾ پڻ تازي هوا جي ضرورت محسوس ٿي. انگريزي ساهت ۾ هڪ نئون دورجنهن کي رومانٽڪ دور سڏيو ويو اُن جو آغاز ٿيو. هن ڌارا جو سنگ ميل لريڪل بئلاڊس ٿيو ۽ وليم وردسورٿ وقت جو اهم شاعر ۽ ڪلئرج سندس ذهني لاڙن جي وضاحت ڪندي اُڀري آيو. (هتي اِهو چٽو ڪرڻ ضروري آهي تہ جنهن حالت ۾ هندستاني ٻولين ۾ رومانس جي معنيٰ پيار محبت سان ڳنڍيل آهي، اُن جو هن ڌارا سان ڪو بہ واسطو نہ آهي. اهو شاعريءَ طرف هڪ رُخ جو اظهار ٿي آهي). وردسورٿ شاعريءَ بابت چيو، ”جيڪي جذبا عام طور محسوس ڪيا ويندا آهن پر اَهڙي خوبصورتيءَ سان ظاهر نہ ڪيا ويندا آهن، اُها شاعري آهي.“ هن جي شاعري عام رواجي ماڻهن جي گفتگو جي ويجهو آئي. هن قدرتي نظارن کي پنهنجي شاعريءَ جو ۽ رواجي ماڻهن کي موضوع بڻايو. هن پس منظر ۾ جڏهن هندستان ۾ انگريزي ادب اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهيو ويندو هو تہ وڊرسورٿ، ڪيٽس شئليءَ جي شاعريءَ جو اپياس پڻ ٿيندو هو، اَهڙيءَ طرح خيال جي پيٽ ۾ جذباتي پلٽ پلٽان کي ترجيح ملي. صديءَ کان مٿي وقت جي وهڪري ۾ اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي نواڻ وڃائي چڪيون هيون ۽ اَنگريزي پڙهيل طبقي لاءِ رواجي چوٽين جي حيثيت طور رهيون. هن ڌارا جو اثر هندستاني ٻولين جي شاعريءَ تي پڻ پيو.

سنڌي شاعريءَ جي حوالي ۾ هن طرز جي شاعريءَ جو علمبردار ’ڪشنچند بيوس‘ بڻيو. جنهن ٻوليءَ جي استعمال توڙي موضوعن

جي گوناگونيت جا پيچرا ۽ ڏس پيدا ڪيا. اَهڙي نموني ’بيوس‘ جي شاعري هڪ الڳ حد نشان بڻي. بيوس هڪ ماستر هو تنهنڪري هن جو آدرشوادي ٿيڻ لازمي هو اِنڪري هن جي شاعري پڻ آدرشوادي نقطن تي هلندي رهي. اُن وقت آدرش واد سان گڏ قومي هلچل ڪري قوميت جو جذبو پڻ شاعريءَ جو موضوع بڻيو. آدرش واد جا مکيه نقطا رهيا آهن، ايشور ۾ وشواس (عقل پرستيءَ جي برعڪس) اُميد جو دامن، انسان پرستي پر انقلابي نظريي جي برعڪس سُڌار وادي نظريو. انسان پرستيءَ جي جذبي هيٺ غريبن سان همدردي، پر ساڳئي وقت ’غريبي گلزار‘ نظريي جي پيروي ڪندي غربت کي پڻ دلڪش بڻائي پيش ڪرڻ (عام مثال - الا جُهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي) اهي ملهه ڪٺي ڪي نوجوان شاعر ساڳئي ڳس تي هلڻ لڳا ۽ اهين بيوس جا شاگرد چوائڻ لڳا. مکيه طرح هوندراج ’دکايل‘، هري دلگير، پريو وفا ۽ رام پنجواڻي بيوس جي پيچري تي هلڻ وارا سندس شاگرد مشهور ٿيا ۽ کيئلداس فاني پڻ سندس پيروي ڪئي ۽ هُن کي پڻ بيوس جي شاعريءَ جي سوچ جي شاعر طور قبول ڪجي.

فاني پاڻ هڪ مشاعري جو ذڪر ڪندي لکي ٿو :

’سهڻن سان ملون ڇا اسان بس گوش گير هون (ڏنل سٽ)
باقي تہ پڌايون اَسين گهرا گنڀير هون .......‘

آخر ۾

’ڪي سال بُري حال محبت ۾ ٿيا گذشت
آهيون ڪبير راهہ عشق ۾ صغير هون.‘

”بس صوفي صاحب (آغا صوفي درازي - جنهن مصرع طرح تجويز ڪئي هئي ۽ مشاعرا ڪرائيندو هو ۽ فانيءَ جو پهريون اُستاد هو) اُٿي ئي وينل ماڻهن جي وچ ۾ چئي ڏنو، ڏسو يار ڇوڪري جي عمر ويهہ سال مس هوندي پرچويٿو ڪي سال بُري حال محبت ۾ ٿيا گذشت .....‘ اَهڙي ئي اعليٰ ۽ اڻ وسرندڙ مشاعره جي صدارت ڪري رهيو هو بيوس



سائين، اُٿي ئي مون کي مجلس جي مور، شاعرن جي سرمور بيوس صاحب جي آسيس ۽ اصلاح عطا ٿي ۽ آغا صوفي صاحب پڻ اُٿي فرمايو ’هيءُ فاني اسان جي شڪارپور جو ننڍڙو ’بيوس‘ اٿو“

(خزان جي خوشبو : پيلا پن - 9-8
(Page

کيئلداس فانيءَ جا ڪتاب آهن، ’سڪ سوز ۽ ساز‘ (1983) ، ’خزان جي خوشبو : پيلا پن‘ (1998). سندس ناٽڪن جو ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ پڇتاءَ جا ڳوڙها سال 1986 ۾ ڇپيو. ڏسبو تہ سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو سندس عُمر جي ڇهين ڏهاڪي پوري ٿيڻ تي ۽ ٻيون شاعريءَ جو مجموعو سندس عمر جي ستين ڏهاڪي جي آخر ۾ ڇپيو. البت هن سنڌ ۾ شاعري ڪچي عمر ۾ ڪئي هئي. سندس ويهن سالن جي شاعريءَ جي کيتر ۾ دين ورهاڱي کان اڳواٽ نڪرندڙ ’سنڌو‘ رسالي جي پنن ۾ ئي رهجي ويئي. تنهنڪري سندس ان وقت جي شاعريءَ بابت ڪجهہ بہ ڳالهائڻ هتي ممڪن نہ آهي.

1951 ۾ هن اَرجنداس جي. ٿارواڻيءَ سان گڏجي مٿين درجن جي شاگردن لاءِ شاعريءَ جو انتخاب شايع ڪيو جنهن ۾ اٽڪل 83 صفحا آهن ۽ ڪُل پنڌرهن شاعرن جي چونڊ ڪيل آهي جي شاهہ عبداللطيف کان شروع ٿي ’مستان‘ تائين پهچن ٿا. هن انتخاب ۾ فانيءَ جا 16 صفحا ڏنل آهن. سندس رچنائن جا عنوان آهن. (١) تنهنجي قدرت، (٢) دُکي دنيا، (٣) حضرت اِنسان، (۴) آيو ويو هليو (۵) محنت ۽ همت جو معاملو، (٦) جيوت ۽ موت، (٧) آزمودو، (٨) هستيءَ جو راز، (٩) جفا ۽ جوهر، (١٠) مظلوم جي پُڪار، (١١) اَجهل اُکير، (١٢) زندگي ۽ شام.

هڪ مثال ئي ڪافي ٿيندو.

’عجب آ منش جي حالت عجب آ سندس چرتر،
سندس دل ۾ پريل آ نيڪ بد جو هڪ عجيب دفتر

(ساموندي لهرون  Page - 49)

هاڻي سڪ سوز ۽ ساز (1983) جي سندس پهرين مجموعي کي کڻجي تہ اُتي پڻ بيوس جي خيال جا پراڏا ٿا ملن. اُهي پل موضوع جي چوند هُجي، خيال ۽ لاڙا هجن يا وري طرز بيان هجي. خيال جي لحاظ کان هتي سندس ئي مهاڳ مان هڪ ٽُڪرو ڏيڻ بي جاءِ نہ ٿيندو، چاڪاڻ تہ اُها خود زباني سندس شاعري طرف رُخ کي بيان ٿي ڪري.

’’شعر هڪ لافاني ۽ لطيف فن آهي جنهن ۾ شاعر پنهنجي شخصي اُمنگن ۽ جذبن سان گڏ عوام جي احساسن ۽ جذبن جو عُمدي ۽ اعليٰ عبارت ۾ اظهار ٿو ڪري ..... شاعر هن دنيا جي پرپور پيڙ ۾ اڪيلو هڪ ڪنائين ڪُتيا جوڙي تاجمحل جي غرور کي للڪاري ٿو. پر اڄ جو شاعر خاص طور رومانيت ۽ مصرفت جي منزلن کي وقت جي دباءَ جي بار کان ڏسندي ئي ٽڪجي ٿو پوي. (هو) جماليات ۽ جدت جي نالي ۾ نوان تجربا ڪندو ٿو رهي. هو شعر ۾ جُدا جُدا صنفون ۽ صفتون جوڙي اُن جي اسم ۽ جسم کي زيادھ ترجيح ڏيندي شعر جي روح ۽ اعليٰ آتما کي ڪي قدر نظر انداز ڪري ٿو ڇڏي.‘‘ (ليکڪ پاران گهٽايل)

هاڻي اچون هن مجموعي جي ڪن شعرن تي.

هن مجموعي جي شعرن جا موضوع آهن : ڪامل جي قدرت، شڪوه، پنڪڙيون، عيب ۽ آئينو، مدهوشي، سخاوت، بسنت بهار وغيره. گهڻو تڻو سڀني شعرن جي طرز بيان ناصحاني يا اخلاقي آهي. ايشور ۾ وشواس جو بيان جابجا جدا جدا نمونې ڪيو ويو آهي. مثلن :

مون کي ناهي منهنجي گهر ۾ تو پنهنجو گهر ناهيو آهي
تو مون کي چاهيو يا پنهنجو پاڻ کي تو چاهيو . (شڪوه Page -8)

يا وري روايتي شاعري. مثلن :

’سڀ شرابي مئہ نوش آهن
سچ سلڻ کان سڀئي خاموش آهن



مست زاهد بيئي مخمور آهڙا
هوش هوندي بہ جڻ بي هوش آهن.‘

ناصحاني اسڪولي طرز جو هڪ مثال :

’او مورک انسان!
سک جي گولا ۾ دُک پوئي هر هر ٿين حيران ڙي
سُک سپنو پاڻ دک پانئج مهمان
بنهي جي ميلاپ مان جُڙيو هيءُ جهان
سک دک پاڻ سمان تہ مونجهارو متي وڃي.‘

سندس مجموعي ’خزان جي خوشبوءِ : پيلا پن‘ جو سندس عمر جي ستين ڏهاڪي ۾ ڇپيو تنهن ۾ بيوس جي ڌارا ۾ جيڪو اُميد جو عناصر سدائين قائم رهيو آهي، اُهو دامن سندس هتن مان ڇڏائيندو ٿو نظر اَچي. هتي ڪيترين رچنائون مايوسيءَ جو اِظهار ڪن ٿيون. جيتوڻيڪ شاعريءَ جي طرز بيان ۾ ڪو اهم فرق نہ رهيو آهي. مثال سندس گيت Page - 17 تي آهي.

اهو گيت شروع آشاوادي نظرئي سان ٿو ٿئي،
’همت ۽ حوصلو نہ ڪڏهن دل مان ٿا هاريون‘

اَڳتي اُن ئي گيت ۾ ڪيترائي انترا نراسا جهلڪائين ٿا. مثلن :

’پيريءَ جو پُڇڻ آ موجن مان جي مشڪل
سمجهون ٿا ڪُنن کي ئي پنهنجو ماڳ ۽ منزل ....
فاني نہ ڪنارن کي مدد لاءِ پُڪاريون.‘ (Page - 17)

هن دور ۾ سندس آستڪوادي نظريي کي پڻ ضرب لڳل ٿي ڏسجي. مثال

’پتڪي ٿو پگوان جڳت جو والي ٿيو شيطان جڳت جو
ڪنهن کي سر انسان جهڪائي حيرت ناهي!‘ ( Page - 30)

سندس هڪ ٿي ناٽڪن جو ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپيل ’پڇتاءَ

جا ڳوڙها‘ ۾ هڪ ته فصلو ناٽڪ آهي ۽ آخر ۾ عمر مارئيءَ جي قصي کي شاعري روپ ۾ ننڍي ناٽڪ طور پيش ڪيو ويو آهي. ناٽڪ پنجاهه صفحن ۾ ڦهليل آهي ۽ ناٽڪ ۾ 16 ڪردار آهن. ليکڪ مهاڳ ۾ ناٽڪ جو پلاٽ هن ريت ٿو بيان ڪري. ’هڪ هنيلي ۽ نادان ناريءَ کي گهر هلائڻ جو هُنر هٿ نه آيو ته پنهنجي پتي، پُٽن ۽ نونهن ۽ نوڪرن سان پڻ نباهي نه سگهي. نونهن کي گهٽ ڏيب ملڻ ڪري ڪيتريون ياتنائون ٿي ڏٺي. قدرتي قانون موجب موٽ ۾ سندس ڏيءُ به ساهرن جون سختيون سهي دُکي جيون ليلا جو انت ٿي آڻي. وڏو پُٽ ته اَڳيئي گهر ڇڏي ويو هو ۽ وچون پٽ پڻ گهر جي گهپيءَ کان بيزار ٿي نڪري ويو. ننڍي پُٽ به پنهنجي من مطابق شادي ڪري پنهنجي ماءُ جو ناراضپو نه سهي اَڳ آڪيرو وسايو. گهر جي ڪلڪل ساري سمپتيءَ کي جلائي رک ڪري ڇڏيو. آخر هر پرڪار جي چوٽ کائي، مائي پڇتاءُ جا ڳوڙها ڳاڙي نماڻي ۽ نهني ٿي پويتي، جنهنڪري انت ۾ سپيئي هڪ هنڌ ملي نئين جيون جي شروعات ڪن ٿا.‘

جڏهن ڪيئلداس فاني ورهاڱي وقت سنڌ ڇڏي اُن وقت هو وچولي عُمر جا ڏاڪا چڙهي چُڪو هو. سندس دوستي ۽ قربتن جا پيچ پُختا ٿي چڪا هئا. هتي دربدر حالت ۾ پنهنجن سنن ڏينهن کي ياد ڪرڻ ۽ پنهنجن جيڏن جي حُب ۽ محبت جي کوٽ کي شديد نموني محسوس ڪرڻ سپاويڪ هو. ائين هتان جي شاعرن سنڌ جي ساروٽيءَ جا گيت، نظم لکيا - شعرن ذريعي پنهنجن ساٿين کي نياپا موڪليا ۽ اُتان پڻ ساڳئي نموني موٽ ملي. اَهڙيءَ طرح ٻنهي سرحدن کي آرپار ڪري جڻ هڪ مشاعرو شروع ٿي ويو، هڪ طرح جي ڳالهه ٻولهه، گفتگو، ڪچهري شروع ٿي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ هندستان ۾ ’ساروٽي‘ءَ جي ڌارا شروع ٿي ويئي جا ڌارا سيني پيڙهين جا فاصلا لتاڙي اڄ پڻ سنڌ جي ساروٽي جي اهم ڌارا اُيري بيٺي آهي ۽ سنڌيت



جي هلچل جو ڪرنگهو آهي. هن پس منظر ۾ ڪيئلداس فانيءَ جو هن ساروٽيءَ جي شاعريءَ ۾ اهم حصو آهي. هو لکي ٿو، ’ملڪ بدليو، ماحول بدليو، موضوع به بدليا. مون به اِها نظم لکي جا هڪ شاهڪار نظم ليکي ويئي. اُنهيءَ هڪ نظم مونکي سرحدون ٽپي سنڌ ۽ هند ۾ ناليرو ڪري ڇڏيو.

نظم جي پهرين ۽ آخرين پئرا پيش آهي.

ا. او منهنجا وطن دلدار وطن !
ڪيا ڪيڏا پلائڻ جا مون جتن
لڳي لونءَ لونءَ ۾ آهي اَهڙي لڳن
پَل ڪان نه پلن اُهي پاڻ پون.
ڪوشش ۾ ڪئي ويرٿ سا ويئي
ڳارينڊي رهي ڪرمن جي ڪئي.

........

پجي جن آ پچايو مون کي وطن!
ڇڏي جن آ ڇڏايو مون کي وطن
لڏي جن آ لڏايو مون کي وطن
جن روح رلايو مون کي وطن
فاني مان ڏسان دردن ۾ دکي
سالن ۾ ٿين ساعت ۾ سکي‘ (سڪ سوز ۽ ساز Page - 26-27)

لاشڪ پچاڙيءَ جون به سٽون پرسرام ضيا جي لافاني رچنا ’پٽي پيئي پوهوءَ ماءُ .....‘ جي يادگيري ٿيون ڏيارين.

(ڪيئلداس فانيءَ جي هڪ سو سالن جي جنم جي موقعي تي ساهت اڪادميءَ پاران ملهايل سيمينار ۾ پوپال ۾ پيش ڪيل.)

# ديوُ قد شخصيت - حشو ڪيولراماڻي

مهاڀارت ۾ هڪ ڪردار آهي ايڪلويہ جو. هو زمين جو اصلوڪو رهواسي جهنگل ۾ رهندڙ آرين جي ذات پات جي ٻنڌنن کان آزاد! هُن کي شونق ٿيو تيراندازي سکڻ جو ۽ پانڊون ۽ ڪوُرون جي راجڪُمارن کي تيراندازي سيکارڻ لاءِ گرو دروڻاچاريہ کان وڏيڪ ماهر اُن وقت ٻيو ڪو ڪونہ هو. ايڪلويہ کي پڻ هُن کان سکيا وٺڻي هئي - پر هو ڪو راجڪمار تہ نہ هو. سو هُن جهنگل ۾ ئي دروڻاچاريہ جو گاهہ جو پُتلو ٺاهيو ۽ اُن کان سکيا حاصل ڪئي ۽ دروڻاچاريہ جي لاڏلي ۽ فخر لائق شاگرد ارجن کان پڻ گوءِ کڻي ويو. بس منهنجو حوالو آڱاٺيءَ جي شروعات ۾ ئي ختم ٿئي ٿو. آڱاٺيءَ ۾ اڳتي هلي ايڪلويہ ڪيئن سياسي اٽڪل بازيءَ جو شڪار ٿيو ، تنهن سان منهنجو هتي ڪوبہ واسطو نہ آهي.

ڳالهيون ڪندي هڪ دفعي سوڀي گيانچنداڻيءَ، حشو ڪيولراماڻيءَ بابت ذڪر ڪيو تہ جڏهن حشوءَ کيس پهرين ڏٺو تہ سندس زبان مان نڪري ويو، ”هيءُ تہ هڪ ناياب هيرو مٽيءَ ۾ پيو آهي.“ پوءِ حشو ڪيولراماڻيءَ هن ناياب هيري کي تراشيو ۽ سوڀو گيانچنداڻي ڪيترن لاءِ اُتساهہ جو سرچشمو بڻيو ۽ ترقي پسند سوچ جو اِدارو ۽ روشن منار بڻيو، اها تہ عالم آشڪار ڳالهہ آهي - هن لحاظ کان سنڌ ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ جو پهريون شاگرد جيڪڏهن سوڀو گيانچنداڻي ڳڻي سگهجي ٿو، تہ مان حشو ڪيولراماڻيءَ جي چاڻ کان سواءِ سندس بي ترتيب ليڪچرن جي نچوڙ سبب ايڪلويہ جيان پاڻ کي سندس آخرين شاگرد طور مڃيندو آهيان.



ڪيرت ٻاٻاڻي منهنجو اُستاد هو ۽ شروعاتي ادبي ترتيب بہ هن وٽان حاصل ٿي. سنڌ کي ياد ڪندي ڪيترا ڀيرا سوڀي گيانچنداڻيءَ ۽ حشو ڪيولراماڻيءَ جو ذڪر گڏ ڪندو هو، ائين حشو ڪيولراماڻيءَ جي نالي کان مان واقف ٿيس. تاثر اهو ئي حاصل ڪيم تہ هو وڏو مفڪر آهي جو لنڊن مان پڙهي مارڪسوادي فيلسوفيءَ کان متاثر ٿي سنڌ ۾ سياسي ڪم ڪرڻ لاءِ آيو هو ۽ هُن شاگردن جي هلچل ۾ گرم ڏُر (Radical) عناصرن کي سماجواد ۽ ڪميونواد جي رستي طرف نيو هو. ڪيترن ئي شخصن جون ڳالهيون ٻڌنديون هيون. محمد اَبراهيم جويو، شيخ اَياز، جي. ايم. سيد ۽ حيدر بخش جتوئي بابت ذڪر ٿيندو هو.

١٩٥٦ ڊسمبر ۾ جڏهن منهنجي عمر ١٨-١٩ سال هئي تہ سنڌي اديبن جي ڊيليگيشن سان گڏ هڪ ڊيليگيٽ طور مان پڻ پهرين ايشائي ليکڪ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي ويس، جا اُن وقت تيار ٿيل وگيان ڀون ۾ ٿي هئي. اُتي پهريون دفعو روبرو حشو ڪيولراماڻيءَ کي ڏسڻ جو موقعو مليم ۽ ڄاڻ پيئي تہ هو دهليءَ ۾ هندستان ٽائيمس اخبار ۽ XRay Pakistan نالي ڪالم لکندو آهي. ۽ هندستان جو مشهور انگريزي اخبار نويس آهي. هن جي ڪالم جو ڪتاب پڻ ڇپجي چُڪو هو جنهن ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. هُن انگلنڊ ۾ هندستان جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ شاگردن پاران ’اِنڊين مجلس‘ سنستا ٺاهي هئي ۽ اُن جو صدر پڻ رهيو هو. جڏهن ڪرشنامينن اِنڊين ليگ جو صدر هو. ’اِنڊين مجلس‘، ’اِنڊيا گيٽ‘ جي شاگردن جي فرنٽ آرگنائيزيشن هئي. ڪنهن وقت اندرا گانڌي پڻ اِنڊيا مجلس ۾ والنٽيئر طور ڪم ڪيو هو ۽ ائين حشو ڪيولراماڻيءَ جي اُن وقت جي ليڊرن سان ڏيٺ ويٺ هئي.

شخصي زندگيءَ ۾ ڪنهن وقت هو جنهن ڇوڪريءَ کي چاهيندو هو، اُن وقت شادي ڪري نہ سگهيو. پر ورهاڱي بعد جڏهن هو وڏوا ٿي ويئي ۽ ٻن نياڻين جي ماءُ هُئي هن سان هُن شادي ڪري گهر وسايو هو

۽ کين هڪ پُٽ پڻ هو جنهن جو نالو ’گل‘ هو. اُن ٻارصحتمند ٻار جي چٽاڀيٽيءَ ۾ جواهرلعل نهروءَ پاران انعام پڻ حاصل ڪيو هو.

منهنجي ٻين ملاقات ١٩٥٩ ۾ بمبئي سميلن وقت ٿي هئي. اُن موقعي تي هو سنڌي ڪهاڻين جي انگريزي ترجمي جو مجموعو ’سنڌي شارٽ اسٽوريز‘ کڻي آيو هو، جنهن جو مهورت پروفيسر هُمايون ڪبير کان ڪرايو ويو، جو جواهرلعل نهروءَ جي ڪئبينيٽ ۾ وزير هو ۽ مولانا عبدل الڪلام آزاد جو ساڄو هٿ مڃيو ويندو هو. هن ڪتاب جي نقادن ڪافي ساراهه ڪئي. هڪ نقاد تہ اهو پڻ لکيو ، ”ڌرتي ڌڪاڻن جلاوطني ڀوڳيندڙ - جياپي جي جدوجهد جي دوران هُنن بهادر نوجوان ليکڪن کي مبارڪون ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، جيڪي اَهڙو اُتساهہ ڪندڙ ادب پيدا ڪري رهيا آهن. هن ڪتاب جي تور سون ۾ تِرڻ لائق آهي.“ اَهڙن راين کان اُتساهت ٿي هُن اڳتي هلي ٻيون وڌايل ڊيلڪس ايڊيشن ظاهر ڪيو. جنهن ۾ منهنجي ڪهاڻي ’بادشاهہ سلامت‘ ’His Majesty the king‘ نالي سان ترجمو ڪري شايع ڪيائين. ڪيس نوجوان سنڌي ليکڪن تي ڪافي ناز هوندو هو.

١٩٦١ ۾ ڀوپال ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو سميلن ٿيو. هُن تقرير ڪئي. اُن وقت سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي آئين شيڊيول ۾ داخل ڪرائڻ جي جدوجهد عروج تي هئي ۽ هلچل کي اڳتي وڌائڻ جي جدا جدا طريقن تي بحث پئي ٿيو. هن پنهنجي تقرير ۾ چيو ”اسان کي رواجي مظاهرن ۽ گُهرن ڪرڻ جي طريقي ۾ بدلاءُ آڻڻ گهرجي. اڄ ڏينهن تائين جيڪي مطالبا ٿيا آهن تن ۾ زور زبردستي ۽ طاقت جو استعمال ٿيو آهي. لوڪشاهيءَ جو سرشتو هڪ ٻئي سان پيهي اڳلي کي پنهنجي گُهر جي جائزگي سمجهائڻ جو آهي. اسان جي گُهر جائز آهي. اُها سنڌي جاتيءَ سان انصاف جي گُهر آهي. پوءِ ڇو نہ اسان لوڪشاهيءَ ۾ گُهرجن مڃائڻ جو هڪ نئون رستو اختيار ڪريون. سنڌ



جي ثقافت زور زبردستيءَ ۾ وشواس نٿي رکي. اَسان عالمي ڀائيچاري ۽ دوستيءَ جا علمبردار آهيون. اسان ڪنهن کي ڊيڄاري ڪري پنهنجون گهرون قبول ڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪنداسين. اسان پارليامينٽ جي ميمبرن وٽ سنڌي حلوو کڻي ويندا سين، سندن واتُ منو ڪرائينداسين ۽ پنهنجا دليل پيش ڪري پنهنجي گُهرج پوري ڪرائينداسين. اَهڙي نموني لوڪشاهيءَ ۾ جدوجهد جو هڪ انوکو مثال - هڪ نئون رستو پيش ڪنداسين. هن رٿ جي پُٺڀرائيءَ ۾ مون نهراءُ پيش ڪيو جو يڪراءِ بحال ڪيو ويو. اُن موقعي تي حشوءَ مون کي واڌايون ڏنيون ۽ اسان جي دستوري ڏيٺ ويٺ شروع ٿي.

١٩٧٧ جي ڏهاڪي ۾ گهرو اٿبٺت ڪري حشو بمبئي پهچي ويو. اُن دوران هو هڪ نفسياتي مونجهاري جو شڪار ٿي چُڪو هو. اسان کي اُن وقت ايتري ٻوجهہ ڪونہ هئي ۽ نہ ئي نفسياتي معاملن جي ماهرن بابت ڪا ڄاڻ هئي. اسان جي شناس اُن وقت محدود هئي، اسان هن جي من جي حالت کي برابر پروڙي نہ سگهياسين. هاڻي ٿي ڄاڻ پوي تہ هن بيماريءَ کي Paronia چوندا آهن. هن بيماريءَ جو سبب اندروني ڇڪتاڻ، ذهني دٻاءُ، مايوسي ۽ چنتا ٿيندا آهن. هن حالت ۾ مبتلا شخص پاڻ کي هر طرفان خوف زدهہ سمجهندو آهي. ائين ڀائيندو آهي تہ سندس دُشمن هر طرف ڦهليل آهن، تنهنڪري هرڪنهن کي شڪ جي نظر سان ڏسندو آهي ۽ کيس پاڻ بابت اَهميت جا ڀرم ۽ ڀولا ٿيندا آهن. اهو هڪ ڪامپليڪس آهي، جيڪو تضادي وهنوار مان ظاهر ٿيندو آهي. ائين حشو ڪيولراماڻي جيئن کيس سُڃاڻندا هئاسين - اُهو حشو اسان وڃائي ڇڏيو. حشوءَ بابت ڳالهائيندي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ افسوس سان چيو، ”پنهنجي زمين نہ هئڻ ڪري اسان جي سماج حشوءَ جهڙي انسان کي سنڀالي نہ سگهي.“

هو اُلهاسنگر ۾ رهڻ لڳو هو. منهنجو گهر سيان ۽ وي. ٽي. طرف

ويندڙ لوڪل ٽرين جي رستي تي ٽي هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن حشو اوچتو اَچي پرگهٽ ٿيندو. شروع ۾ سندس حالت ڏسڻ لائق هوندي هئي. آهستي آهستي اَها بدتر ٿيندي ويئي. اچڻ شرط چوندو ”هتان لنگهيس پئي - دل ٿي توسان ڪُجهه وقت گڏجي وڃان. مان صرف توکي پنج منٽ ٿي ڏيئي سگهندس. مون وٽ وڌيڪ وقت اصل نه آهي، جلد هليو ويندس.“ پوءِ سندس يڪ ڪلامي شروع ٿيندي، جا اڪثر ٻن ڪلاڪن تائين هلندي، جنهن وچ ۾ چانهه جا دور به هلندا رهندا ۽ مانيءَ جي وقت ماني روٽي پڻ ٿي ويندي. وڃڻ کان اڳ چوندو ”ڪُجهه پئسا ڏيئي ڇڏ. وٺڻ بعد چوندو مان حساب رکان ٿو. توکي سڀ واپس ڪندس صرف منهنجو ڪتاب ڇپجڻ ڏي.“

مون هن کي پنهنجو گرو ڪري ليکيو آهي. مون هن جي بي ترتيب - بنا منطقي سلسلي جي ڪلاڪن جا ڪلاڪن يڪ بيانيءَ جي بيخوديءَ ۾ جهٽيل ڪن لفظن کي ڪٺي هڪ سلسلو ڏنو ۽ مون ذهني طور پاڻ کي تمام مٿاهين سطح تي محسوس ڪيو ۽ منهنجو سياسي شعور وڌي ويو. اُن لحاظ کان مون حشو ڪيولراماڻيءَ کي پنهنجي اُستاد طور مڃيو.

حشو بين القوامي سياست جي پيچيدگين ۽ اندروني گهٽن ٿي تهن جو ڄاڻو هو ۽ سندس سياسي ڇيد تُز هوندو هو. مُلڪن جي سياسي رشتن جي بُنيادن جي کيس خوب ڄاڻ هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ وقت به وقت سندس ليڪچر ٻڌندي مون ڪي لفظ جهٽيا ۽ اُنهن کي ڪنهن حد تائين سلسلو ڏيئي سگهيس جن جو مختصر ۾ نقطن جي لحاظ کان هيٺ ذڪر ڪري سگهجي ٿو.

(١) بين القوامي سياسي نظام جاگرافيائي سياسي طاقت Geolitical جي مُساوات (Equation) تي ٻڌل آهي. اُن مساوات ۾ هرڪنهن مُلڪ کي ڪو مخصوص وزن مليل ٿئي ٿو، جنهن ۾ مُلڪ جي جاگرافيءَ جي بيهڪ، عوام جو انداز، مُلڪ جا وسيلا ۽ طاقت جنهن ۾ فوجي طاقت



کي اوليت ٿيندي آهي. جا وري اقتصادي (آرٿڪ) طاقت ۽ اُن ۾ ترقي، پنهنجا دوست ۽ دُشمن ملڪ اُهي سڀ اهم رول ادا ڪندا آهن. ٿڌي جنگ جي دوران ڪهڙو ملڪ ڪهڙي بلاڪ سان شامل آهي اُهو پڻ هڪ اهم سبب بڻبو آهي. اها عالمي مساوات سدائين مُتحرڪ رهندي آهي، ڇاڪاڻ جو هر ملڪ هن مُساوات ۾ پنهنجو وزن وڌائڻ چاهيندو آهي ۽ پنهنجي تصور ڪيل دُشمني گهٽائڻ چاهيندو آهي. هن صورتحال ۾ مُلڪن جي وچ ۾ جُدا جُدا سطحن تي ڪي ميلاپ جا ۽ وري ڪي ڇتاڇيتي ۽ تضادن جا مرڪز پيدا ٿيندا آهن. سرشتي ۾ ايتري لچڪ هئڻ لازمي آهي جو اُهي ٻئي تضادي عناصر پنهنجي ليکي ڪو ميزان حاصل ڪندا رهن، پر اها ڳالهه نه وسارڻ گهرجي ته ’ميزان‘ صرف هڪ تصوري ۽ وقتي نقطو ٿيندو آهي. شديد اختلاف ۽ جنگ جي دوران پڻ ٻن دُشمنن جي وچ ۾ عام جي اکين کان لڪل نموني ڳالهه ٻولهه جا ذريعا قائم رهندا آهن - جنهن کي Track-2 ڊپلومسي چيو ويندو آهي. ٿڌي جنگ هلندي آمريڪا ۽ سوويت يونين جا ڪي عيوضي يوروپ جي ڪنهن شهر (هاڻي مونکي نالو ياد نٿو اَچي) روز رات جو ماني گڏ کائيندا آهن ۽ ائين ڳالهه ٻولهه جو سلسلو جاري رهندو آهي (اڳتي هلي ڪسنجر جو چين وڃڻ ۽ آمريڪا ۽ سوويت يونين جي صدرن جي ملاقات حشوءَ جي هن بيان کي ثابت ڪيو)

(٢) اقتدار (طاقت) کي هڪ پنهنجي مخصوص اڏاوت هوندي آهي جا پرامڊ جي ٽُڪنڊي جيان ٿيندي آهي. هيٺ بُنياد ويڪرو ٿيندو آهي ۽ مٿي چوٽي نهايت ننڍي هڪ ٻُڙيءَ وانگر. هڪ وڏي اڏاوت (پرامڊ) ۾ جدا جدا سطحن تي ڪيترن ئي اَهڙين ننڍين اڏاوتن (پرامڊس) جون ايڪايون هونديون آهن. فئملي سماج جي ننڍي اَڏاوت آهي جنهن ۾ پڻ طاقت جو سرشتو قائم رهندو آهي. ائين طاقت جون اڏاوتون ڪيترن مختلف سطحن تي ٿينديون آهن. طاقت هينان بنياد

مان متي چوٽيءَ تي ويندي آهي ۽ وري متي چوٽيءَ تان هيٺ لهڻ شروع ڪندي آهي ۽ آخر ڪيتريون منزلون طئہ ڪندي هرڪنهن سب اسٽرڪچر(Sub Structure) سان طاقت جي ڏي وٺ جو سرشتو قائم ڪندي آهي. طاقت جا گهڻا ئي روپ ٿيندا آهن. عوام جي پورهئي جي طاقت اقتصادي مشين هلائيندي آهي جنهن مان فوجي ۽ پوءِ سياسي طاقت پيدا ٿيندي آهي. سياسي طاقت ظاهر ٿيندي آهي، جڏهن تہ عوام جي اخلاقي طاقت سدائين لڪل رهندي آهي. اهي سڀ طاقتون هڪ ٻئي ۾ بدلجي سگهن ٿيون. جيئن اقتصادي طاقت، فوجي طاقت ٿيو پوي ۽ فوجي طاقت سياسي طاقت. تاريخ ۾ سياسي طاقت کي پنهنجي جائزگيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ اخلاقي طاقت کي پڻ ڪم آڻڻو پوندو آهي، تنهنڪري اڪثر حڪمرانن مذهبي طاقت جو استعمال ڪيو آهي ۽ تاريخ ۾ سياسي طاقت ۽ مذهبي طاقت پاڻ ۾ ساٿاري بڻيا آهن. پر هر طاقت جو سياوَ ڏاڍ جو ٿيندو آهي.

(٣) ڊپلومسي State Craft (اسٽيٽ ڪرافٽ) جو حصو آهي. جنگ ۽ ڊپلومسي هڪ حصي جا ٻہ پاسا آهن. پرڏيهي ناتا ۽ پالسي ڪنهن آدرش تي نہ پر مُلڪ جي يا حاڪم جي فائدي جي بُنياد تي ٻڌل ٿيندا آهن. آدرش جون ڳالهيون صرف عوام جي اخلاقي طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ (Public Consumption) لاءِ ٿينديون آهن، اُهي آدرش نسبتي سياسي زمين تي غائب هوندا آهن. posturing - tactics - Strategy اهي ڊپلومسيءَ جا انگ ٿيندا آهن. جيئن ڪو پهلوان آکاڙي ۾ ملهہ ڪرڻ کان اڳ الڳ الڳ نموني پنهنجي سريري طاقت جو مظاهرو ڪندو آهي. سياست ۾ پڻ اَهڙو ڏيک ٿيندو آهي جنهن کي posturing چئي سگهجي ٿو.

جنگ ۾ وقتي پُٺتي هٽي دُشمن کي گمراهہ ڪري، بعد ۾ ٻيڻي طاقت سان حملو ڪري کيس مات ڪرڻ ۾ tactics ۽ Strategy ٻئي سمايل ٿيندا آهن. هتي وقتي واپس ورڻ tactics آهي ۽ آخر ۾ سوڀ



حاصل ڪرڻ حڪمت عملي (Strategy) آهي. چاڻڪيہ جنهن ٻہ هزار سال اڳ سياست تي ڪتاب ’ارٿ شاستر‘ لکيو. زميني سياست ساڳي ئي ٿيندي رهي آهي. اُن ۾ انسان ۾ ڪوبہ سُڌارو يا واڌارو ڪونہ آيو آهي.

اَهڙو سياسي مُفڪر جو ڪنهن مُلڪ جي سربراهہ جو ساٿي هئڻ جي لائق هو - يو. اين. او ۾ هن جي موجودگي ڪنهن بہ مُلڪ لاءِ فخر جوباعث ٿئي ها. پر هُن وٽ مُلڪ تہ ڇا پيرن هيٺان هڪ انچ زمين بہ نہ رهي. پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ هو ذهني ميزان ڪيئن تي قائم رکي سگهيو!

حشوءَ کي سنڌ سان اٿاهہ پيار هو. هو سدائين چوندو هو تہ جڏهن ٻار پيدا ٿيندو آهي تہ ماءُ جي پيٽ ۾ هن سان گڏ اؤر (Placenta) پڻ پيدا ٿيندي آهي. اُها اؤر حقيقت ۾ ٻار جي جاڙي (twin) هوندي آهي. روايت موجب ويم بعد اُها اؤر آڱنڌ جي چانئٺ تي پوري ويندي آهي. اُن اؤر جي ڇڪ انسان کي سدائين اُن چانئٺ تي ڪوئيندي رهندي آهي، اهو ئي پنهنجي گهر جي مٽيءَ سان پيار جو سبب بڻيو آهي. کيس سنڌ کان زوريءَ نيڪالي ڏني ويئي. پوءِ بہ هُن جي من ۾ وطن ورڻ جو اِرادو قائم هو. هُن هتي هندستان ۾ پنهنجي زندگيءَ جو هڪ عارضي باب پئي ليکيو ۽ هتي پنهنجا پير مضبوطيءَ کان کوڙي نہ سگهيو.

هُن جو اهو اٽل وشواس هو تہ دنيا کي صرف سنڌ جو صوفي خيال ئي بچائي سگهندو. سياست سدائين انسان کي ورهائي پاڻ پئي ورسايو آهي. سياست زور زبردستي ۽ ڏاڍ آهي. پر انسانيت جا مسئلا تڏهن حل ٿيندا جڏهن زندگيءَ جو ڦيٿو نياءُ، عمل ۽ ايڪي تي هلندو، جيڪي صوفي فيلسوفيءَ جا بنياد آهن. اُنهن بنيادن کي کڻي ڪا فيلسوفي، ڪا سياسي سوچ هڪ نئين اصطلاح (Idiom) نئين سائنسي سلسلي مان اُڀرندي اُن مان ئي انسان ذات کي هن ئي ڌرتيءَ کي بهشت بڻائڻ

جوموقعو ملندو. هتي مان شيخ اياز جو هن ڪتاب ۾ ڏنل حوالو ڏُهرايان ٿو.

”مان جڏهن به حشوءَ بابت سوچيندو آهيان تڏهن اٿين نظر ايندو آهي ته مٽيءَ جي ڍير ۾ ڪا سُرنگهه آهي ۽ اُن جي مٽيءَ ۾ سنڌ جون روايتون ليٽڙيون پيون آهن ۽ هو مومل جي ماڙ اوٽيءَ کي لتاڙيندو وڃي رهيو آهي. هُن کي ويندو ڏسي مان ڊوڙ پائيندو آهيان، ته هن جي پاند کي پڪڙيان، روئان ۽ ليڙائيون ڪريان ۽ هُن کان پنهنجو عظيم گناهه بخشايان پر سُرنگهه جو درُ مون لاءِ بند ٿي ويندو آهي ۽ حشو موٽي نه سگهندو آهي.“

منهنجا پاءُ اَياز! منهنجو اهو وشواس آهي ته دروازا ٿيندا ئي کُلڻ ۽ بند ٿيڻ لاءِ آهن. جي دروازا سدائين بند رهندا آهن، وقت آخر اُنهن کي ٽوڙي ڇڏيندو آهي. سُرنگهه سدائين به مُنهين ٿيندي آهي. عارضي طور سُرنگهه جي ٻئي پار جي روشني پل ڏسڻ ۾ نه اَچي پر روشني هوندي ضرور آهي.

مان هن منزل تي حشوءَ سان پنهنجي آخرين ملاقات جو ذڪر ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان. سيان مان لڏي مان انڌيريءَ اَچي رهيس. حشوءَ منهنجي اُها ائڊريس پڻ حاصل ڪري ورتي. ڪاروبار ۾ سڀ وڃائڻ بعد مون دبئي وڃي نوڪري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. اُها رات مون لاءِ گهر ۾، ٻاهر اُسهڻ کان اڳ آخرين رات هئي. حشو مون وٽ آيو هو. ماني کائڻ بعد مان کيس سوسائٽيءَ جي دروازي تائين ڇڏڻ ويس. اڳتي گهٽيءَ ۾ بلب مان روشني اَچي رهي هئي. هن جا قدم روشنيءَ طرف وڌندا ويا ۽ اُن جو پاڇو وڏو ٿيندو ويو ۽ آخر مون پاڻ کي اُن پاڇي اندر سمايل پاتيو.

اَهڙا شخص اڪثر تاريخ جي پڙدي پُٺيان گمناميءَ جي عالم ۾ هليا ويندا آهن. مان جناب مدد علي سنڌيءَ کي مبارڪون ٿو ڏيان ته



هُن حشو ڪيولراماڻيءَ جهڙي مهان شخصيت تي ڪتاب لکي هڪ تاريخي دستاويز تيار ڪيو آهي ۽ حشو ڪيولراماڻيءَ کي گُمناميءَ جي پڙدي پُٺيان داخل ٿي وڃڻ کان بچايو آهي. حشوءَ جي زندگي ايندڙ پيڙهين کي اُتساهت ڪندي رهندي اُها پڪ اَٿم.

(مدد علي سنڌي (سنڌ) جي حشو ڪيولراماڻي تي لکيل ڪتاب جي مهاڳ طور لکيل)

# پريو وفا-سندس زندگي ۽ شاعري - هڪ نظر

تُنهنجي سُرهي سرير سان لپٽي
هڪڙي پاڳر پرڻ تي دل آهي. (تون ساگر مان لهر)

تنهنجي تن جي حسين وادين ۾
ڪنهن هرڻ جيان چرڻ تي دل آهي. (تون ساگر مان لهر)

ٻنهي هٿن ۾ ٻُڪن ۾ جهلي تنهنجو مکڙو ميٽ
ڪري وڄان ڳيت، سندءِ ساري سونهن مان.

ڇاتيءَ تي هو تر
اُنجي عيوض جو ٻه گُهرين گُهر
جان ڏئي شاعر؟ (آئينا عڪس)

ڪيڏي ڍنڍ شفاف
انگ انگ مان تنهنجو نينگر
ڏسي سگهان ٿو مان. (آئينا عڪس)

ململ جو پهراڻ
ڇاتي ساري ڇوليون ڇوليون
موجن ۾ مهراڻ. (آئينا عڪس)



پنگهٽ تي پڻيهار
ڇاتي، ڇيلهه، مٿي تي مٽڪيون
هڪ جند هيڏا بار. (آئينا عڪس)

هٿڙن تي ميندي
پياري هيءَ نه پسائج جل ۾
آگ لڳي ويندي. (آئينا عڪس)

۽ پڇاڙيءَ جو هڪ ڪتڪتائي ڪندڙ teaser
آڇڻ ويني ڪير
اُرهه، ڳڇي ڇپ ۽ ٻيو ڇا ڇا ڇا
مون چُميا ته بس پير (آئينا عڪس)

ماءُ ۽ ٻار جي نشڪام پيار جو انوکو اظهار ڪهڙي نه نفيس ۽ ڪلاتمڪ نموني ڪيو ويو آهي . مٿيان چند شعر، جيڪي نهايت نفاست سان استري - پُرش جي عاشقاڻي رشتي کي اظهارين ٿا ۽ استريءَ جي سرير جي سونهن جو دلڪش ۽ ڪلاميہ اظهار ٿا ڪن! اُنهن جو خلقيندڙ سنڌي ٻوليءَ جو محبوب شاعر پريو وفا آهي. اَهڙا نازڪ ۽ بيباڪ بيان سنڌي شاعريءَ ۾ ورلي ملندا.

پريو جوتومل ڇُٻاڻي 'وفا' جو جنم لاڙڪاڻي سنڌ ۾ ۱۹ سيپٽمبر ۱۹۱۵ ۾ ٿيو ۽ ۹۷ سالن جي آورجا ماڻي سندس انتقال بمبئيءَ ۾ ۱۲ ڊسمبر ۲۰۱۲ ۾ ٿيو.

هُن ۱۹۳۸ ۾ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مان تاريخ ۽ اقتصاديات ۾ گرئجوئيشن ڪئي. وڪالت پڙهڻ بمبئي آيو پر پيءُ جي وفات سبب ڪيس واپس ورٽو پيو. هُن وڪالت جو پيشو اُن ڪري اپنائڻ پئي چاهيو ڇاڪاڻ جو سندس پيءُ اُن وقت جو مشهور وڪيل هو ۽ سندس ٽي نقش قدمن جي پيروي ڪرڻ ٿي چاهيائين.

ھُن شاعري ننڍي عمر ۾ (١٣ سالين ۾) شروع ڪئي، هري دلگير سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ٻيو اهم شاعر لڳ ڀڳ سندس هم عمر هو ۽ رشتي ۾ سندس ماروٽ هو. ٻنهي علم عروض جي سکيا پنهنجي اسڪولي اُستاد جناب نواز علي نياز کان ورتي جو لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي وقت جو هڪ پختو شاعر تسليم ڪيل هو. مشاعرا ڪرائيندو هو ۽ اُنهن ۾ اهم حصو وٺندو هو. هري دلگير هڪ هنڌ لکيو آهي تہ علم عروض ۽ بحر وزن سکڻ کان پوءِ اسان ٻئي مشق پچائڻ خاطر روز مرهہ جي رواجي گفتگو پڻ وزن ۾ ڪندا هئاسون. سندن اُستاد جي همٿائڻ تي هو مشاعرن ۾ پڻ ننڍي عمر کان حصو وٺڻ لڳا ۽ وقت جي مقبول ۽ مشهور شاعرن جي همت افزائي ۽ داد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا.

پريو وفا جي پهرين شاعراڻي ڪاوش 'گوتم ٻڌ' اُن وقت جي مشهور رسالي سنڌوءَ ۾ ڇپي جڏهن هو ڇهون (هاڻي ڏهون) درجو پڙهندو هو. تنهن بعد هن ڪيترائي ئي شعر لکيا جن جا موضوع گهڻو ڪري قدرت سان وابستہ هوندا هئا، جيئن تہ برسات، سج، چنڊ وغيره. هنن رچنائن اُن وقت جي اهم شاعر ڪشنچند 'بيوس' جو ڌيان ڇڪايو. هنن شاعري ٻوجهہ ۽ مواد جي لحاظ سان ڪيس پنهنجو گرو ڪري مڃيو. ائين هو سنڌي شاعريءَ ۾ بيوس اسڪول جا شاعر شمارجڻ لڳا.

پريو 'وفا' پنهنجي تخلص بابت وستار سان لکيو آهي. هو چويٿو تہ وفا سندس ڪردار جو گڻ آهي. سندس سڄي زندگي هن جي سڀاو جو حصو پڻ رهي آهي. تخلص بابت هڪ ٻيو سبب اهو بہ هو تہ هن چاهيو ٿي اُهو ننڍو ئي هجي ۽ ڪنهن بہ رچنا ۾ سؤلائيءَ سان ڦٻي سگهي. هو قبول ٿو ڪري تہ اُن وقت 'وفا' هڪ اُردو شاعر جو تخلص هو جنهن هن کي موهيو هو. اُن وقت جناب علي گوهر جو اُن وقت سنڌيءَ جو هڪ مشهور ۽ مقبول شاعر هو اُن جي پُٽ - جو سندس شاعري پسند ڪندو هو، تنهن ھُن کي اقبال جو مشهور ڪتاب 'بانگہ - ڈارا' سوکڙيءَ طور موڪليو جنهن جي شروعاتي صفحن تي هڪ شعر لکيل هو.



'هم ڪو اُن سي وفا ڪي هئہ اُميد، جو نهين جانتي وفا ڪيا هئہ.'

هن نموني مون پنهنجي لاءِ وفا تخلص اپنايو. هونئن مان زندگيءَ ۾ تمام مطمعن آهيان، مون ڪنهن قسم جي تڪليف، ڏاڍ يا ظلم ڪونہ ڏٺو آهي تنهنڪري مون دک ڏيندڙ تخلص، جيڪو اُن وقت شاعرن پاران رواج هوندو هو، جيئن ڪ 'دکايل، 'دلگير'، 'سڪايل'، 'زخمي' جهڙو نہ رکيو.

هو پنهنجي ننڍپڻ جي پيار جي ڳالهہ پڻ ڏاڍي دلچسپ نموني ٿو ڪري. هو چويٿو سندس پهريون پيار اُن وقت ٿيو جڏهن دادا شيوڪ يوجراج ٻالڪن جي ٻاريءَ جي ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ڳُهرائي ۽ ھُن اُتي سرگرم ڀهرو ورتو. اُتي حيدرآباد مان هڪ ڇوڪري آيل هئي. ٻئي ويجها اَچي ويا. مشهور شاعر ليکراج عزيز معرفت ٻنهي جي ڪُجهہ وقت خط و ڪتابت جاري رهي، پر اهو قلمي پيار اڳتي وڌي نہ سگهيو. اُن بعد هو پنهنجي اسڪول جي ڇوڪريءَ طرف مائل ٿيو هو جيڪا ڪائنس ٿي درجا هيٺ پڙهندي هئي. اُهو پيار پڻ ڪنهن نتيجي تي ڪونہ رسيو. آخرين ۽ ٽيون پيار - بس پختو پيچ پئجي ويو ۽ اُن سان ئي لائون لڌائين ۽ يا عمر وفا جي ڏور ۾ اهو رشتو ٻڌل رهيو.

اهو پيار پڻ طوفاني هو. هڪ ٽيلي انٽرويو ۾ اُن وقت جي حالتن جو بيان ائين ٿو ڪري، ''اسان جي بزرگن کي اهو رشتو منظور نہ هو. ڇاڪاڻ جو هڪ لحاظ کان اسان ٻئي مائٽ هئاسون. اسان جي آکهہ ساڳي ڇڳاڻي هئي. جيئن تيئن ڪري مون پنهنجن مائٽن کي تہ مڃائي ورتو پر ڇوڪريءَ جي مائٽن کي هيءُ رشتو بنهہ قبول نہ هو. تنهنڪري هنن ٻنهي فيصلو ڪيو تہ ڇوڪري طئہ ٿيل مقرر وقت تي رات جو گهران پڇي نڪري ايندي ۽ وفا ٻاهر گهٽيءَ جي ڪُنڊ تي سندس انتظار ڪندو. ھُن گهٽيءَ جي پير ۾ بگي پڻ لڪائي بيهاري رکي هئي. بس نوجوان وفا پنهنجا سپنا ڪٽي مقرر ڏينهن، وقت ۽ جاءِ تي پهتو، ڪجهہ

پلن جو انتظار ڪن ڪلاڪن ۾ بدلجي ويو. وفا اُن وقت جي من جي ڪيفيت جو اظهار هڪ گيت ۾ ڪيو. جو اڳتي هلي ڪافي مشهور ٿيو.

’جيسين جان ۾ باقي دم رهندو / چا دل ۾ وڇوڙي جو غم رهندو/ پوئين پهر تائين مان نهاريندس، بنا تيل ٿي ڏيئو ٻاريندس .....‘/ ۽

’لائون اُن سان لهڻ/ جنهن لالڻ سان لنوڙي لاتئہ/ ريڏي اُن سان رهڻ‘.

آخر آڌ رات هوءَ ٻاهر آئي ۽ سدائين لاءِ وفا سان وفا ۾ ٻڌجي ويئي. سندس پيار جا ٻہ مٺا قل رهيا، ٻالا وجوءِ راڄ - نهايت سهڻيون ۽ سڀاجهيون نياڻيون.

سنڌ ۾ هُن ڪُجهہ مهينا پريمئر هاءِ اسڪوم ۾ ماستري ڪئي تنهن بعد ١٩٣٩ کان ١٩٤٧ ورهاڱي تائين ڪراچي ميونسپالٽيءَ ۾ Shops and Establishment ۾ نوڪري ڪئي. ورهاڱي بعد ١٩٤٨ ۾ آل اِنڊيا ريڊيو جي سيڪريٽيٽ ۾ نئين دهلي، بعد ۾ ١٩٦٥ کان ١٩٧٣ تائين بمبئيءَ ۾ سينٽرل ليبرمنسٽريءَ ۾ ملازمت ڪئي.

جيئن اڳوات ڄاڻايو ويو آهي - وفا ڪشنچند ’بيوس‘ کي پڻ اُستاد ڪري تسليم ڪيو، اُن حالت ۾ اُن وقت جي سنڌي شاعريءَ جي ميدان جي منظر بابت مختصر احوال ڏيڻ ضروري ٿيو پوي، جنهن پس نظر ۾ وفا جي فني ۽ ذهني ترتيب تي ڪجهہ روشني پوي.

ڪشچند ’بيوس‘ کان اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ ٻہ مکيہ ڌارائون ظاهر هيون. عوامي سطح تي سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي پاڇي ۾ هلندڙ صوفي خيال کي کڻي يا وري ايشوروادي ويچار ڌارا جي اثر هيٺ شاعر قافيون ۽ بيت جوڙيندا هئا جي اڪثر ڳائڻ ۾ ايندا هئا. ڪيترائي صوفي ۽ سنت هن قسم جي شاعري ڪندا هئا. ٻئي طرف عالمن جا مشاعرا هوندا هئا. ميرن جي وقت تائين سنڌ جي سرڪاري ٻولي فارسي هوندي هئي ۽ فارسيءَ تي عبور علميت جي علامت ۽ سند



طور قبول ڪئي ويندي هئي. عالم مشاعرن ۾ جيڪي غزل پيش ڪندا هئا اُنهن تي فارسي رنگ چڙهيل هوندو هو ۽ اڪثر سنڌي غزل پڻ فارسي لفظن، تشبيهن ۽ ترڪيبن سان جهنجهيل هوندا هئا ۽ اُهي سنڌي نثر جي ڀيٽ ۾ عام پڙهيل وچولي طبقي جي سنڌي پاڻ لاءِ دقيق ثابت ٿيندا هئا. هن صورت حال ۾ جيئن ٻين هندستان جي ٻولين ۾ اڳوات ئي ٿي چڪو هو انگريزي رومانوي ويچار ڌارا جو اثر سڌو توڙي ٻين ٻولين جي شاعريءَ معرفت سنڌ ۾ پهتو، جنهن جو باني ڪشنچند ’بيوس‘ هو. هن سنڌي شاعريءَ کي عام رواجي ٻوليءَ ۾ رواجي انسان ۽ قدرت کي موضوع بڻائي شاعريءَ جي ڌارا شروع ڪئي ۽ سنڌي شاعريءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو. ٿوري ۾ ڪشنچند بيوس جي اسڪول جا مول متا هن ريت بيان ڪري سگهجن ٿا.

- سولي ۽ عام لوڪن جي ٻوليءَ جو شاعريءَ لاءِ واهپو.
- ڪٽرپڻو ترڪ ڪرڻ پر ڀڳوان جي هستيءَ ۾ اٽوٽ وشواس رکڻ.
- انسانيت پرستيءَ جي مُلهن کي اپنائڻ.
- شاعريءَ کي عوام تائين رسائڻ ۽ قدرت توڙي عام انسان جي نقاشي ڪرڻ.
- صحتمند ۽ آشاوادي نظريو ۽ شفي مُلهن کي ترجيح ڏيڻ.
- ادب ۽ شاعري زندگيءَ لاءِ آهي ۽ نہ ادب ۽ ڪلا - ادب ۽ ڪلا براءِ آهي.
- هو ۽ سندس شاگرد هندستان ۾ هلندڙ آزاديءَ جي هلچل مان ڪافي متاثر هئا ۽ پنهنجن رچنائن ۾ اهڙو اظهار ڪندا هئا.
- ڏتريل ۽ غريبن سان همدردي.

هتي سنڌي ادبي تاريخ جو اهم بحث - تڪنيڪي پهلو تي غبور - يا مواد جي پهلوءَ جي برتري تي بحث پڻ اُڀريو. جنهن جو هتي

بيان ڪرڻ غير موزون ٿيندو. پر اهو چوڻ ضروري آهي تہ بيوس اسڪول سدائين مواد کي برتري پئي ڏني.

## پريو وفا جو ادب

**پريو وفا جو پهريون ڪتاب 'جهنڪار'** ١٩٥٨ ۾ سنڌو ڪلا ڪيندر دهليءَ پاران ڇپايو ويو. دهليءَ ۾ اُتان جي مڪاني سنڌي موسيقار ڏيون ۽ ڪان موتيهار جي اُتساهہ ڏيارڻ تي هن ڪيترا گيت لکيا. هونئن بہ گهر ۾ سنگيت ميہ ماحول تہ هوئي - سنڌس ڀاءُ رتن ڇڳاڻي ۽ سنڌس ڀيڻ ڪملا مڇيل ڳائيندڙ هئا، تنهنڪري گيت وفا لاءِ هڪ سياويڪ صنف ٿي پئي. هن ڪتاب ۾ گوناگون گيتن ۾ سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل گيت ۽ لاڏا پڻ آهن.

**سنڌس ٻيون ڪتاب پرواز** ١٩٦٢ ۾، ٢٥ نظم آهن، ٤٤ غزل آهن ۽ اٽڪل ٢٢٠ رُباعيون آهن. مهاڳ نارائڻ شيام جو آهي. هن مهاڳ جي شروعات هن طرح آهي، ''ڪرشن ليلا جو هڪ چتر آهي جنهن ۾ ڪرشن راڌڪا جا وار سنواري رهيو آهي ۽ اڳيان آرسي رکي آهي. ڪيڏي نہ نفيس خيالي! ڪرشن توڙي راڌڪا جي هڪ ٻئي جي مُنهن ڏسڻ کان سواءِ سري نہ سگهي. وار سنوارڻ وقت راڌڪا ڪرشن کي پُٺيري ۽ ڪرشن راڌڪا جي پوٺتان. آئينو اُن وقت مشڪل مسئلي جو حل ٻڌجي ٿو! اُن ۾ ٻنهي جو عڪس پئجي رهيو آهي؛ ائين هڪ ٻئي کي ڏسي ٻنهي جو چهرو خوشيءَ وچان ٻهڪي رهيو آهي. شعر بہ آهي آئينو جنهن ۾ شاعر جي انتر آتما خواهہ جڳ جيون ٻنهي جو عڪس بکي ٿو .... وفا جي شاعري هڪ ڀاو ڀري شاعري آهي، جنهن ۾ مناس، نرمي ۽ صداقت سان گڏ جذبات جي گهرائي، احساس جي تازگي، خيال جي شگفتگي ۽ معنويت جو دلڪش ميل آهي.''

**سنڌس ٽيون ڪتاب 'سرخ گلاب - سُرها خواب - وفا جا پنجڪڙا** نالي سان ١٩٨٠ ۾ ظاهر ٿيو. حقيقت ۾ پنجڪڙن جو شاعريءَ ۾ فارم پريو وفا جو ئي ايجاد ڪيل آهي. جنهن تي ٻين شاعرن پڻ اڳتي هلي



قلم آزمائي ڪئي ۽ اهو ڪامياب ۽ لوڪپريہ فارم ثابت ٿيو آهي. پنجڪڙن بابت ۽ هن نئين فارم جي ضرورت بابت وفا جا ئي لفظ دُهرائڻ موزون ٿيندو. هو لکي ٿو، ''پنجڪڙو پنجن سٽن جي ننڍڙي ڪوتا آهي، جنهن ۾ هڪ مڪمل خيال سمايل آهي هڪ مڪمل چتر چٽيل آهي ..... پنجڪڙي مان هڪ ئي رُباعي، غزل (سا ڳئي وشيہ وارن پنجڪڙن کي ملائي) تراٽيل، سلوڪ ڏوهيڙي ۽ سورٺي جون سڪون لهنديون آهن ..... هن نئين صنف ايجاد ڪرڻ جي ضرورت اُنڪري محسوس ڪيم جو اڄ ڪلهہ جي ڇن پٽ ۽ ڀڄ ڀڄان واري زندگيءَ ۾ جنهن ۾ بي شمار مصروفتين جي هجڻ سبب هرڪوئي وقت جي ڪمي ٿو محسوس ڪري ۽ وستار وارن شعرن جو لکڻ ۽ پڙهڻ مشڪل ٿيو پوي .... من هميشه ڪنهن تناءُ ۾ تاڻيل ٿو رهي. پنجن سٽن جي ڪوتا پڙهڻ ۾ ڪوبہ ڪک نہ ٿيندو ..... سچ تہ هي منهنجا پنجڪڙا منهنجي دل جو آئينو آهن جنهن ۾ منهنجي دل جا عڪس ڪينچيل آهن ...''

هن ڪتاب تي ڪيس ساهتيہ اڪادميءَ جي اَوارڊ سان نوازيو ويو (سال ١٩٨١) ۽ تنهن بعد هن کي مهاراشٽرا گوَرو اَوارڊ سان پڻ نوازيو ويو. هن مجموعي ۾ اٽڪل ٣٠٠ پنجڪڙا ڏنل آهن جي گوناگون موضوعن تي ڏنل آهن.

هن جو ڪتاب 'مان اَزل جي اُڃ آهيان' سال ١٩٩٠ ۾ ڇپايو ويو جنهن ۾ شاعريءَ جون ڪيتريون ئي صنفون شامل آهن. غزل، گيت، وايون، ڪافيون، لوڪ ڪهاڻي سسئي پنهون - راڌي شيام، اُڏيرولعل، لاڏل، ماءُ ۽ جڳ جو چرخو. هن ڪتاب جي شروعات ۾ نارائڻ شيام کي عقيدت پڻ پيش ڪيل آهي. هن جو مهاڳ سنڌي عالم پروفيسر ڪلياڻ آڏاوڻيءَ جو لکيل آهي. هو پنهنجي مهاڳ ۾ لکي ٿو. ''شاعر پڻ قدرت جو لا انتها حسن ڏسي بيخود ٿيو وڃن ۽ سندن دل ۾ بي عدد سڪ دائمي رهجيو وڃي. حسن آهي اُڃ جنهن جو ذڪر هتي هن عنوان ۾

اِشاري طور آيل آهي.``

’تون ساگر مان لهر‘ ١٩٩٣ ۾ لوڪ - سُر سنستا پاران ڇپايو ويو. هن مجموعي ۾ غزل، گيت، ڪافيون، لاڏا، نظم - بيت، ڇايا چتر (Shadow Play) سنڌي قوم بابت ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي ساروڻي ۽ ورهاڱي بعد هتي پاڻ کي محنت ۽ حوصلي سان وري وسائڻ جو ذڪر ڪيل آهي. هن مجموعي جو مهاڳ پوپٽي هيراننداڻيءَ لکيو آهي. هوءَ لکي ٿي، ”وفا جي شعرن جو مواد اهڙو آهي جنهن مان اُن سماج جي خبر پويٿي جا سندس اردگرد آهي. هن جي شعرن سنڌيءَ کي سنگيت ميہ شبد ڏيئي اُن کي اُن ڏس ۾ وسيع بڻايو آهي.``

آئينا ۽ عڪس / هڪ ٻئي اڳيان رکي آئينا، ’ڏس عڪسن جا رقص‘

سندس مجموعو **’آئينا ۽ عڪس‘** سال ١٩٩۴ ۾ بيست سنڌي سڀا بمبئيءَ پاران ڇپايو ويو. هيءُ ڪتاب سنڌيءَ ۾ آندل جاپاني فارم هائيڪو جي طرز تي - ڪوتائن جو مجموعو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل ٥٥٥ هائيڪو درج ڪيل آهن. جدا جدا موضوعن جي ورچ ليکڪ پاران پاڻ ڪيل آهي، حُسن ۽ عشق، سنڌڙيءَ جي سانيہ، ايڪو، نفاق، ممتا ۽ ناري، سياست ۽ لالچ، سچ، انصاف، خدا، ميگهہ ملهار، جو مون ڏٺو ۽ سوچيو، حسين جهان، جواني ٻُڍاپو - موت، گوناگون ڪيفيتن جا چٽ چٽيل آهن. هن مجموعي جو مهاڳ پڻ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ پنهنجي مخصوص عالماڻي انداز ۾ لکيو آهي. هو لکي ٿو، ”سندس شعر موزون پر وچين مصرع ۾ ترنم جو خيال رکيو اٿس ۽ وزن ’فعلن، فعلن فعل‘ ۾ ٿورو اضافو آڻي - ’فعلن، فعلن، فعلن‘ ڪيو اٿس. جا نئين نزاڪت آهي، جنهن ۾ موسيقي لُطف آهي.``

سال ٢٠٠٠ ۾ پريو وفا پاران ملينيم جي سوغات طور سندس مجموعو **’سچ لهڻ تي آهي‘** ظاهر ٿيو، اُن وقت پريو وفا جي عمر ٨٥ سالن جي هُئي. جنهن آزاديءَ جي جدوجهد پنهنجي اکين سان ڏٺي هئي، هو موجوده وقت مُلڪ جي حالت ڏسي ڏاڍو مايوس ٿيو. پنهنجي



مهاڳ ۾ لکي ٿو، ’اڄ صدي آزاد رهيا آهيون تہ بہ اسان جون حالتون خير کي سڌريون آهن، بُک، بيڪاري، بيماري ۽ بي علمي اڃا ملڪ مان ويئي نہ آهي. انڌ شرڌا، ذات پات جا ڀيد ۽ مذهبي جنون مُلڪ کي ڪافي ڪمزور ڪري رهيو آهي، ۽ دشمن ڌمڪيون ڀيو ڏئي تہ ڪارگل جهڙا ڪارناما اڃا دهرائبا. سو مون ڪيترا شعر نوان هنن موضوعن تي لکي هن ڪتاب ۾ شايع ڪرڻ جو ويچار ڪيو.``

هن مجموعي ۾ ڏيان ڇڪائيندڙ سندس طويل نظم آهي ستن صفحن تي ڦهليل، ’يسوع مسيح‘ تي - جو يسوع مسيح ڏانهن سندس عقيدت طور پيش ڪيل آهي. ٢٠١٠ ۾ جڏهن سندس عمر ٩٥ سالن جي هئي هُن جو آخرين شاعري مجموعو، **’لُڇي پيئي يڪتاري جي تار‘** ڇپيو. هن مجموعي ۾ پڻ غزل، گيت، ڪلام، نظم ۽ عڪس (تسنا) ڏنل آهن. هتي صرف هڪ شعر ڏيندس جو سندس سنڌ سان تار ۽ سار کي بيان ٿو ڪري.

’ڏينهن خيالن ۾ تو ڪاٽي / وچڙيل ٻارُ رات ڪاٽي / خوابن ۾ سنڌ اما جي لاءِ.‘

هن خليل جبران جو ناول Prophet پيغام نالي سنہ ١٩٨٣ ۾ ساهت اڪادميءَ پاران ترجمو ڪيو. اهو سندس هڪ ئي نثر جو ڪتاب ميسر آهي.

آخر ۾ اڄ جي گُهٽ ٻوسٽ، اڻ سهپ ۽ اظهار جي آزاديءَ مٿان گهيريل بادلن ڪري فڪرمنديءَ جي ماحول ۾ للڪار طور گهڻد جيان وجندڙ ڪن رچنائن جو ذڪر ڪندس.

پوتر گئو کهڙو پل گهوڙي جو گناهہ (پرواز - ٢٢٠)
ڪم وارا ٻئي، آهہ منجهن ساڳيو ساهہ
سُجهين تو اگر پنهنجي گوُ جي اوچ
گهر ۾ گهڙي منهنجي، پل ڪائي تہ نہ گاهہ. (پرواز - ٢٢٠)
گهر کي ناهڻ لاءِ (مان آزل جي اُچ آهيان ٧٥)

رام وچن پاڙيو، تو توڙيو
مسجد ڍاهڻ لاءِ

پڇي ويو پڳوان (مان اَزل جي اُچ آهيان ۷۷)
مندر ۾ اچ بالم بڻجي
وينو آ شيطان

ها ها ها مان ڪافر آهيان
پاڻ ۾ ويسهه آ پيدا ٿيو.

(پريو وفا جي هڪ سو سالن جي جنم جي موقعي تي ممبئيءَ ۾ ساهت اڪادميءَ پاران سيمينار ۾ پيش ڪيل)



## هري دلگير ’موج ڪئي مهراڻ‘ جي حوالي ۾

سدا حيات هري ڳُرڏنومل درياڻي لاڙڪاڻي سنڌ ۾ ١۵ جون ١٩١٦ ۾ پيدا ٿيو ۽ ١١ اَپريل ٢٠٠۴ ۾ هو آديپور (هندستان) ۾ هن دنيا مان رمندو رهيو. هُن ٨٨ سال هن دنيا ۾ واس ڪيو ۽ پنهنجي ادبي زندگيءَ ۾ ٢٢ ڪتاب ۽ چار ٻارن جا ڪتاب سنڌي ادب جي خزاني ۾ ڀري ويو.

سندس ادبي زندگي اٽڪل تيرهن چوڏهن سالن جي، نئين ڦٽندڙ جوانيءَ جي عرصي ۾ شروع ٿي. پنهنجي جيون ڪٿا، ’چولو منهنجو چڪ ۾‘ لکي ٿو، ”ياد اٿم تہ ٻہ چار ڪوتائون روهڙيءَ ۾ لکيون هيم، هڪ ڪنهن پاڙيسرياڻي ڇوڪريءَ تي، ٻي سنڌو نديءَ تي جا هر روز سامهون وهندڙ ڏسندو هوس ٽين ڪوتا ڀڳت سنگهه جي ڦاسيءَ تي. پر خود مونکي پنهنجين ڪوتائن ۾ مزو ڪونہ آيو.“

هُن لاڙڪاڻي ۾ علم عروض جي قاعدن جي ڄاڻ، وقت جي برک شاعر نواز علي ’نياز‘ کان ورتي ۽ ڇويتو بيوس سائينءَ کان ڪوتا جي پرک پراپت ڪئي. بيوس پڻ لاڙڪاڻي مقيم عام پسند مڃيل شاعر هو، جنهن سنڌي شاعريءَ جي ڪيترن ئي شاعرن جي رهنمائي ڪئي، ائين سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ انوکو مثال قائم ٿيو تہ ڪنهن شاعر جا شاگرد هڪ مجموعي سڃاڻپ پيدا ڪري، پنهنجي اُستاد جي لاءِ عقيدتمندي، اُن جي فيلسوفي، آدرشن ۽ اَدبي شناس جي دائري اندر فخر سان اڀَتي هلن. اِن سبب ڪري بيوس جي شاعريءَ ۽ زندگيءَ بابت عقيدن ۽ مُلهن

بابت نهايت مختصر ذڪر ڪرڻ ضروري ٿيو پوي.

هندستان جي تاريخ ۾ ويهين صدي ۽ خاص ڪري اُن جا شروعاتي سال چڻ هڪ ولوليخير دور هو. اڳين روايتي قدرن ۽ انگريزي تعليم بعد نون قدرن جو ٽڪر شديد هو. سڄي هندستان ۾ ڪيترين ئي سماج سُڌار هلچلون هلي رهيون هيون، جي ٻين پرانتن ۾ زور وٺي چڪيون هيون پر سندن اثر سنڌ ۾ اُڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ نمايان طور ٽڪر جي صورت ۾ نظر آيو. اَنگريزي تعليم بعد سنڌي هندن ۾ هڪ نئون وچولو طبقو پيدا ٿي چڪو هو. اُن وقت هندستان جي آزاديءَ جي هلچل مهاتما گانڌيءَ جي اَچڻ بعد radical رُخ اپنائي رهي هئي. سنڌ بمبئي پرڳڻي جو حصو هئي، جنهن ڪري صدين تائين هندو سنڌي، ٿورائيءَ واري حالت مان، گهٽائيءَ واري حالت ۾ هئا ۽ سندن زندگيءَ طرف رايا ۽ رويا پڻ خود اعتماديءَ ڪارڻ بدلجي رهيا هئا. سائنس برعڪس ايشور ۾ وشواس جو بحث ذهني سطح تي چانيل هو ۽ انسانيت پرستي، قوم پرستيءَ جهڙا مُلهه پنهنجي مضبوط جاءِ ناهي رهيا هئا. هنن سيني ڳالهين ۾ مڊل ڪلاس وچين وات - وشواس - سوچ سان گڏيل - آزادي اهنسا سان، غريبن لاءِ همدردي انسان پرستيءَ ذريعي ۽ نہ ڪِ انقلاب ذريعي - اها ئي وچ واري وات مثالي وچولي درجي فرد جيان بيوس پڻ پنهنجي سوچ جي زمين طور اپنائي هئي ۽ سندس شاگردن پڻ زندگي پر اهو رُخ اپنايو ۽ ايشور ۾ وشواس سان گڏ شُڪ درسي نظريو اَپنايو.

جيتري قدر سنڌي شاعريءَ جو سوال آهي، اُن وقت تائين سنڌي شاعريءَ ۾ ٻہ مکيہ ڌارائون پئي هليون. هڪ سنڌي شاعريءَ جي ڏيهي پرمپرا جي اثر هيٺ صوفي شاعريءَ ۾ ڪافي پنهنجي موج ۾ پئي هلي ۽ ٻئي طرف فارسي مشاعرن جي طرز تي، اُن ئي زمين تي سنڌي شاعري هلڻ لڳي، جتي ٻولي، تشبيهون، استعارا ۽ انداز بيان سڀ



عالماڻو هوندي ٻہ اوپرو لڳندو هو. هندستان ۾ انگريزي تعليم جي پکڙجڻ سان اُتي رومانوادي شاعريءَ جي ڌارا، جنهن جو مول متو اهو هو تہ عام ماڻهو، قدرتي نظارا، عوامي ٻوليءَ ۾ اظهار ڪرڻ، اُن جو اثرهندستاني ٻولين جي شاعريءَ تي پڻ ٿيو ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ هن ڌارا جو علمبردار بڻيو ڪشنچند بيوس. ائين سنڌي انگريزي پڙهيل وچولي طبقي کي پنهنجي اظهار لاءِ هڪ نئون واهڻ مليو. جيڪو هڪ تاريخي موڙ ثابت ٿيو. البت بيوس جو اهو خيال ”وزن ۽ قافيہ کي ڪڏهن ٻہ ضرورت کان وڌيڪ اهميت نہ ڏيڻ کپي“ (چولو منهنجو چڪ ۾ صفحو - ٢٩). اَڄ ڏينهن تائين ووادي رهيو آهي ڇاڪاڻ جو ڪابہ رچنا پنهنجي ليکي هڪ مڪمل عمل آهي ۽ ڪٿي ٻہ ڪا خامي سڄي رچنا کي دهرم رسائي ٿي. اهڙو خيال رکڻ وارا پڻ اڪثر شاعر آهن.

بيوس جي شاگردن سندس خوبين ۽ خامين کي اپنايو ۽ اُن جي ذهني زمين ۽ فني راهن تي سنڌي ادب ۾ شاعري ڪندا رهيا. بيوس جا شاگرد جن جا نالا مشهور ٿيا اُهي هئا، هوندراج دکايل، رام پنجواڻي، کيئلداس فاني، هري دلگير ۽ پريو وفا.

هري دلگير ٻين سنڌين جي پيٺ ۾ سنڌ ۾ ورهاڱي بعد پڻ يارهان سال رهيو ۽ ١٩٥٨ ۾ سنڌ ڇڏي هندستان لڏي آيو. تڏهن سندس عمر ٤٢ سال هئي، اُن لحاظ کان هن ٻالڪپڻ ۽ جواني سنڌ ۾ ئي گذاري ۽ اُتان جي ماحول جو اثر هن تي ڪافي ديرپا رهيو ۽ ورهاڱي بعد جي سنڌ ۾ مروج ادبي لاڙن جو مٿس اثر پڻ اڻ ٽر هو. سنڌ ۾ سندس ٽي ڪتاب ظاهر ٿيا هرشچندر جيون ڪٿا (١٩٤١)، ڪوڏ (١٩٤٢) ٻنهي ڪتابن کي سنڌ سرڪار طرفان انعام ڏنو ويو ۽ نارائڻ شيام سان گڏ ڪوتائون ’ماڪ ڦڙا‘ (١٩٥٣). مذڪور ڪتاب موٽ ڪئي مهراڻ ١٩٦٦ ۾ ڇپيو، جڏهن سندس عمر ٥٠ سال هئي ۽ اهو مواد سندس ڏهن پنڌرهن سالن جي

رچنائن جو مجموعو آهي، پر جيئن مهاڳ ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي ’نئون ڳ
يت‘ ١٩٨٩ع، سُک جي نگري ١٩٤١ع ۽ کهاڻي ڪوتا ۾ ١٩٣٧ع ۾ لکيل آهن،
اُنهن کي پڻ هن مجموعي ۾ جاءِ ڏني ويئي آهي. جيئن ته بيت، وايون،
دوها، سورٺا، پنجڪڙا، گيت، غزل، رُباعيون، ترائيل ۽ نظمون. شاعري گهڻو
تڻو بياني آهي جا شايد اُن وقت جي روايت موجب آهي.

سندس پهريان بيت سندس زندگيءَ ڏانهن رُخ کي ظاهر ٿا ڪن.
هو انساني جذبي جي اثر هيٺ غريبن ۽ اڻ هوند وارن سان همدردي
ٿو ڪري، ڌرم ۽ ڀڳوان ڏانهن پڻ رخ عقل پرستيءَ وارو اٿس. بدليل
وقت جو اظهار هن ريت ٿو ڪري.

’بن ۾ روئي بنسري، موهُو نند ڪشور،
گوپيون سڀ گهر ۾ سُتل، هيءَ نند اگهور‘

۽

’شيام! وڄائيندو وتين، بن بن ۾ تون بين
بُک ۾ هت بي حال سڀ، ڪير به ايندءِ ڪين

آخر ۾ چويٿو

’ڪيئن پڇايان پور، ڪنهن پياري جي پيار جا
موهُو ۽ مجبور، من آ مانيءَ واسطي‘

وري هو ڀڳوان سرجڻهار کي غريبن پاران پرارٿنا ٿو ڪري

’بکيا آهيون بابلا‘ دانهن ٻڌن در در،
’ناٿ! نوءِ نظر، پالين ٿو تون پرٿوي!

اهائي غريبن سان همدردي سندس گيتن ۾ پڻ ظاهر ٿئي ٿي، هن گيت
مان مٿس ترقي پسند ادبي ڌارا جو اثر نمايان ٿو ڏسجي.

’مسڪينن جي خاڪ مُنيءَ مان، سو سورج چمڪايون
نويگ، نوجيون، نو آشا، جوت نئين ڦهلايون ..... گيت نئون ڳايون.
شبد شبد کي چڻگ بڻائي، پيشڻ باهه لڳايون



ڏنوانن جي من مستيءَ کي کن ۾ خاڪ بڻايون .... گيت نئون ڳايون

سندس گيت ’سوداگر سنسار‘ جڻ ته اڄ جي بازار واد جي عڪاسي
پيو ڪري، جڻ هت هرڪا چيز وڪائو آهي. حقيقت ۾ شاعر کي جڻ
مستقبل ڏسڻ جي اک مليل آهي جو پنهنجي شاعريءَ ۾ ايندڙ وقت
جي اڳڪٿي ڪري سگهي ٿو. هري دلگير جي اها سوجهي ڪن گهٽ
شاعرن کي نصيب ٿيندي آهي.

ذهن وڪامي، فڪر وڪامي، عام وڪامن گيت
عقل ۽ ذات مٿان آ ذات سندس آ اڄ جيت
ڪوڏين بدلي موتي وڪڻي، وڻجارو وينجهار .... سوداگر سنسار.

اڄ جڏهن گرو، سوامي ۽ بابا عام جي اڻڄاڻائي ۽ غير سلامتيءَ جي
احساس کي لفظي ٽوٽڪن جون ڦڪيون پيا ڦڪائين ۽ ڪروڙن جا آشرم
ٺهرائي عيش عشرت جي زندگي ماڻي رهيا آهن، اُنهن جي اوگهڙ
هري دلگير هن ريت ڪئي آهي.

ڌرم به وڪڻن، دين به وڪڻن، وڪڻن ٿا ايمان
ٻن پئسن تي وينا وڪڻون، خود خالق ڀڳوان
واءِ خدا خاموش پسي ٿو، ويهي هي وهنوار ..... سوداگر سنسار.

ائين نه آهي ته هري دلگير ڪو انقلابي يا ناستڪ آهي. هُن جو هن
دنيا جي خالق ۾ پورو وشواس آهي ۽ هن جي من ۾ ننڍي هوندي جيڪو
صوفي مت جو ٻج پوکيل آهي اُهو جذبو پڻ سندس شاعريءَ ۾ ڀرپور
ظاهر آهي. هتي هن جا پنجڪڙا دهرائڻ لائق آهن.

خبر بيخبريءَ ۾ پيئي
ڏنم ته ڪُجهه يي ناهيان آءٌ،
ڏنم ته سڀُ ڪُجهه آهيان آءٌ
سُرت جي سُرتيءَ ۾ پيئي،
خبر بيخبريءَ ۾ پيئي.

۽

ڪڏهن تون آنھ، ڪڏهن تون نانھ،
جڏهن مان آهيان، تون ناهين،
جڏهن مان ناهيان تون آهين،
خيالي روپ رڳو تون آنھ،
ڪڏهن تون آنھ، ڪڏهن تون نانھ،

سندس هيءُ پنجڪڙو، ٽئگور جي ڪوتا جي سڳند ٿو ڏئي.

وري هڪ وار، وري سائين!
اچا هڪ ٻيو پي گيت ٻڌاءِ
اچا هڪ ٻيو بہ جام چڙهاءِ
جڳت ۾ آخر دم تائين،
وري هڪ وار، وري سائين!

سونهن جو احساس ۽ پيار جو جذبو انسان لاءِ اعليٰ نعمتون آهن. اهي مشاهدا انسان کي ڪنهن مٿاهين منزل تي رسائين ٿا جتي هو هن دنيا جي زمان ۽ مڪان جي ٻنڌنن مان آزاد ٿي الوڪ سُک ۽ گهريءَ شانتيءَ کي انڀو ڪري ٿو. الوڪ ماڻهن سان گڏ هو پاڻ سان گ ڏ ڪنهن الوڪ شڪتيءَ کي پڻ محسوس ڪري ٿو. پاڻ کي ڪنهن عظيم اوچائيءَ تي محسوس ڪري ٿو جنهن جي هڪ ٻئي طرف چڪ سياويڪ آهي ۽ انساني سونهن جو احساس پڻ دل کي سپنا اُڻڻ لاءِ آماده ڪندو رهندو آهي. اهو جذبو ڪيئن ۽ ڪڏهن چشمي جيان ڦٽي نروار ٿئي اُن جو نہ ڪو وقت ٿئي نہ جاءِ. اهو عمل ازخود ٿيو وڃي ۽ وڃي بيخوديءَ جي عالم ۾ رسائي. دلين جا پيچ لڳن ۽ جسم ميلاپ لاءِ تڙڦن. اهي جذبا گهڻو ڪري شاعريءَ جو تاجي پيٽو رهيا آهن. ڪن شاعرن انساني حسن جي کُلي عام ساراهہ ڪئي تہ ڪن وري، انساني جسم تي روحانيت جو ريشمي رنگين آرپار نظر ايندڙ پڙدو چاڙهيو ۽ ڪيترن وري هن پڙدي ۾ وشواس جي ڏور پڪڙي. اٿين شاعريءَ ۾



هڪ ڏارا شروع ٿي جنهن کي هندي ادب ۾ ’ڇايا واد‘ چيو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهو روايتي روحاني رنگ طرح سچاتو ويو اُن وقت جي ويچار ڌارا موجب هري دلگير جي شاعريءَ ۾ پڻ اهي اولڙا جابجا نظر اَچن ٿا.

عاشق ۽ معشوق ملي هڪ ٿي وڃن اها خواهش هر پريميءَ جي رهندي آهي هڪ وائيءَ ۾ چويٿو

’مان تہ سڏيان ٿو روز، ”سڄڻ تون آءُ“
مگر تون آنھ ڪٿي.
نياپا تنهنجا پهچائي ٿو روز ڏکڻ جو واءُ،
مگر تون آنھ ڪٿي.

هڪ رُباعيءَ ۾ قدرت جو سهارو وٺي پريتم کي چوي :

”اندلٺ ۾ ڏٺم توکي، تون رنگين آهين
گُل گُل ۾ ڏٺم، شاهہ تون شوقين آهين
دل ساڻ ڏٺم توکي هزارين ڀيرا
هڪ ڀيرو بہ اک تي تون چڙهيو ڪين آهين.“

ورڊ سورٿ چيو آهي تہ

Poetry is recollection of emotion Recalled in tranquility

ڪنهن جذبي کي اڪيلائيءَ ۾ وري ياد ڪرڻ شاعري آهي. هري دلگير هڪ ترائيل هن طرح ٿو شروع ڪري.

”ساڻ تون آنھ، جڏهن آءٌ اڪيلو آهيان
خوب دلڪش ٿو لڳي عيش اڪيلائيءَ جو“

استري نظم ۾ هو لکي ٿو :

”مرد جي لاءِ موڄ، موتين ڪاڻ تون ٻڌجي پئين؟“

سندس هن مجموعي جي آخرين پيشڪش، جيڪا هُن ۱۹۳۷ ۾ لکي، ’ڪهاڻي - ڪوتا‘ ڏنل آهي. هيءَ ڪهاڻي سنياسي اُپ گپت ۽ هڪ جوان استريءَ جي سونهن ۽ ڪشش بابت آهي. مينڪا جيان نوجوان

سهڻي استري اُپ گپت کي هرڪائي سندس سنگ جي ڪانکي آهي. اُپ گپت کيس وچن ڏئي ٿو تہ ڪنهن ڏينهن هو وٽس ضرور ايندو ۽ ائين سندس انتظار ۾ هو ۽ نوجوان سهڻي ڇوڪري ٻڍاپي کي رسي ۽ آخر اُپ گپت اَچي ٿو ۽ هوءَ موکش حاصل ٿي ڪري.

هتي نوجوان نينگر جي سونهن جو ذڪر ۽ ٻُڍاپي ۾ سندس قياس جوڳي حالت جو ذڪر تمام دلڪش نموني ڪيو ويو آهي جنهن جو ڪو حصو مان اوهان سان ونڊڻ ٿو چاهيان.

هُئي جاڳ، سپنو يا اسرار هو؟
نيارو اهو کهڙو سنسار هو؟
سرشٽي هئي سرڳ جو دوار هو؟
پريان کهڙي ڪومل ڪُماري هئي
عجب سونهن واري ڪا ناري هئي.

هئي سرڳ جي جڻ تہ پياري پري
ڪمانگر جي ڪاغذ تي ڪاريگري
يا ڪوتا ڪويءَ جي ڪماليت پري
هُئي ڪوج ڪنهنجيءَ ۾ شايد اُها
هلي ٿي نهاريندي سا جا بجا

۽ سندس ٻڍاپي جي حالت جو بيان
’بدن ويو وري، تير ٿي پيو ڪمان
موت جي مُنهن مان پڌرا نشان
حياتيءَ جي هوندي ٿي مُردي سمان،
ڪٿي مرگهہ نئني؟ ڪٿي گُل بدن؟
هئي موت جي گود ۾ پيرسن.‘



من ۾ هڪ شڪ جاڳي ٿو - ڪٿي نارائڻ شيام جي ’روپ مايا‘ جهڙي عاليشان رچنا جو ٻج هيءَ ڪوتا تہ نہ هوندي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ اهو هڪ ٻيو هري دلگير جي شاعريءَ جو سنڌي شاعريءَ تي احسان هئڻ کپي.

(هري دلگير جي هڪ سو سالن جي جنم جي موقعي تي ساهت اڪادمي ۾ سنڌالاجيءَ پاران ملهايل سيمينار ۾ آديپور ۾ پيش ڪيل.)

# گوبند پنجابي - سو سال يادگار سيمينار

(جنم: ٧-١٢-١٩١٨، ديھانت ٢٦-٧-٢٠٠٩)

’ھندستان جي ليکڪ جي جوابداري آھي تہ ملڪ ۾ ٿيندڙ بدلاون ڏانھن سجاڳ رھي ۽ اُن چرپر کي پنھنجي رچنائن ذريعي ظاھر ڪري. ملڪي جذبي، وگياني نوع جي سوچ ۽ عقل پرستيءَ جي عناصرن کي تقويت بخشي. کيس ادبي تنقيد جا اُھي ماڻ ۽ ماپا اپنائڻ گھرجن جيڪي ادب کي نوابن يا مٿئين طبقي جي عياشيءَ ۽ ذوق جي دائري مان ٻاھر ڪڍي عوام تائين پھچائين ۽ ادب کي عوام جي زندگيءَ جو ھڪ اھم ۽ مضبوط حصو بڻائين، جنھن مان کين اتساھ ملي تہ اھڙو آئيندو بڻائين جھڙو چاھين ٿا.‘‘

’’ھندستان جي شاندار روايتن جي وارثن ھئڻ جي دعويٰ ڪندي اسان سيني اُنھن روايتن کي ناڪاريندا سين، جيڪي مدي خارج ۽ رجعت پرست آھن. اسان نئين طرح سمجھاڻي ڏيندڙ تنقيد پاران (ٻاھرين ملڪن جي ادب جي مدد سميت) انھن مُلھن کي ترجيح ڏيندا سين جي اسان جي ملھہ کي اڳتي وني ھلندا. ھڪ نئين قسم جي زندگيءَ لاءِ ڪشمڪش ڪندا سين، جنھن بابت عوام انتظار پيو ڪري. اسان جو وشواس آھي تہ ھندستان جو ادب بک غريبي، پوئتي پيل سماج سياسي آزاديءَ لاءِ واھڻ بڻجي ۽ اُن لاءِ اديب پاڻ پتوڙي. جيڪي طاقتون اسان کي پنتي ٿيون ڌڪين، اسان کي نڪمو ٿيون بڻائين ۽ جيڪي بہ اسان جي سماج ۾ غير منطقي ۽ غير وگيانڪ لاڙا آھن، اُنھن کي رجعت پرست ليکي اُنھن کي رد ڪندا سين.‘‘



مٿيان فقرا ھندستان ۾ ترقي پسند ليکڪن جي پھرين ڪانفرنس جا ١٦ اپريل ١٩٣٦ ۾ لکنوءَ ۾ منشي پريمچند جي صدارت ھيٺ ٿي ھئي، اُن جي پڌرنامي جا حصا آھن.

ھنن جو پس منظر سمجھڻ لاءِ اسان کي اُن وقت جي حالتن جو مختصر جائزو وٺڻو پوندو، جو گوبند پنجابيءَ جي سنڌي ادب ۾ اھميت بابت اندازو لڳائي سگھندو.

- ١٩٣٥- انگريز سرڪار ڪانگريس کي پرانتن ۾ سرڪاريون برپا ڪرڻ طرف قدم وڌايو.

- ٢٦-١٩٣٦ جنوريءَ تي پورن آزاديءَ جو اعلان ڪيو ويو.

اُن وقت ئي سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان جدا ڪري جدا پرڳڻو بڻايو ويو.

- ان وقت انترراشٽريہ کيتر ۾ بہ متضاد طاقتون ڪم ڪري رھيون ھيون. ھٽلر پنھنجي ساٿين سميت دنيا ۾ آپيشاھيءَ کي قائم ڪرڻ جا سانبھا ڪري رھيوھو ۽ ١٩١٧ ۾ روسي انقلاب تواريخ کي نئون موڙ ڏنو، جنھن صدين کان ڏتريل عوام کي سماج کي بدلائي، انصاف، عدل ۽ ھڪ جھڙائيءَ جو سماج قائم ڪرڻ جا سپنا ڏنا ۽ بينڪ شاھي، ڪڏھن پنھنجي گرفت ڍري تہ ڪڏھن مضبوط بڻائڻ ۾ ’مبتلا ھئي- ائين طاقت جي ميزان جي ٽڪنڊي ۾ شطرنج جاري ھئي.

ڪانگريس ھندستان جي آزاديءَ جي ھلچل ۾ اڳري ھئي ڪانگريس ھر ڪنھن ويچارڌارا وارا-آر-ايس-ايس. جو برپا ڪندڙ ڊاڪٽر ھيڊگوار ۽ لينن جو ساٿي ايم.اين.راءِ، اُھي ٻئي ڪانگريس ھنڌ ۾ شامل ھئا ۽ گھڻا ئي گانڌيءَ جي پوئلڳن جي ھئي- اُن وقت ڪيترن ھنڌ سماج سڌار جي ھلچل جو دور پڻ شروع ھو، جيڪي سماج سڌارڪ پڻ ڪانگريسي سان لاڳو ھئا.

مهاتما گانڌيءَ جي اهنسا جي رستي کي سست ۽ اڻپورو سمجهندي ڪيترن نوجوانن انقلابي رخ اپنايو ۽ شهادت ماڻي، انهن مان گهڻا اهي هئا جيڪي روسي انقلاب جي ڪاميابيءَ کان اتساهت ٿيا هئا ۽ هڪ نئين سماج جا سپنا کڻي اُها ويچار ڌارا اپنايائون.

اهڙي طرح ادب ۾ پڻ اهي ڌارائون ظاهر ٿيون، ڌرمي ادب اڳئين زماني جي بهادريءَ جا ڪارناما پيئي دهرايا ۽ نئين زماني جو انسانيت پرستيءَ جي ڌارا وارو ادب - سماج سڌارڪن جو ادب ۽ انقلابي ذهنيت جو ادب، اهي سڀ ڌارائون هندستان جي ادب ۾ مروج هيون ۽ ترقي پسند ادب جي لهر هن پس منظر ۾ پيدا ٿي. اُها زميني سطح تي سنڌ ۾ ۱۹۴۷ ۾ گوبند پنجابيءَ جي ڪهاڻين جي ڪتاب ’سرد آهون‘ سان پنهنجي پهرين داخلا درج ٿي ڪري. هن کان اڳ ’ساميواد‘ تي جيٺمل پرسرام ڪتاب ظاهر ڪري چڪو هو. شاعريءَ جي دائري ۾ ڪشنچند بيوس آدرشوادي نظريو کڻي عوام کي پنهنجو موضوع بڻائي چڪو هو. ۽ آزاديءَ جي هلچل ڏانهن ڪيترائي ليکڪ ۽ شاعر پنهنجون رچنائون ڪري رهيا هئا. (انهن جي اُپٽار هتي غير ضروري ٿيندي.)

گوبند پنجابي پنهنجي ادبي شروعات جو ذڪر هن طرح ٿو ڪري، ”منهنجي جمڻ کان هڪ سال اڳ ۾ روس ۾ انقلاب آيو. ان انقلاب جو اسان جي شهر شڪارپور تي وڏو اثر پيو، ڇو ته شڪارپور جا هزار کن ماڻهو روس جي آرزبائيبان ۽ ڪرگهيزيا جي خراساني علائقن ۾ وياج وٺي جو ڪم ڪندا هئا. اتان ناڻو ڪمائي کڻي ايندا هئا. جڏهن انقلاب ٿيو اسان جي شهر ۾ گهر گهر ۾ زار شاهي وارا روسي نوٽ ڳوٺين ۾ بند رکيا ويا ته اهي پوءِ وري هلندا. پر جڏهن انقلاب پختي پاڙيءَ تي قائم ٿيل سمجهيو ويو، تڏهن زار شاهي وارا نوٽ ردي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽا ڪيا ويا.“

مون کي ننڍپڻ کان اهو خيال ستائيندو هو ته اهو روسي سوشلسٽ



انقلاب ڪيئن آيو ۽ اسان جي ملڪ ۾ اهو انقلاب ڪڏهن ايندو. ڇاڪاڻ ته ان وقت اسان جي ديس جون حالتون روس جي انقلاب کان اڳ وارين حالتن کان مختلف نه هيون. مطلب ته روسي انقلاب منهنجي ويچارڌارا تي وڏو اثر ڪيو ... سماج ۾ غريبيءَ تي آنسو ڪيترن ئي فلاسافرن وهايا پر سماج کي بدلائڻ جي رٿا فقط مارڪس پيش ڪئي. ’پونجي‘ پڙهڻ کان پوءِ اهڙو شونق جاڳيو جو جدا جدا ليکڪن مارڪس، لينن، اسٽالن، گورڪي، شاهه، ٽالسٽاءِ، پريمچند، راهول سانڪرتاين، يشپال، ۽ ٻين ڪيترن جا ڪتاب جتان ڪٿان هٿ ڪري پڙهيم. واقعي مارڪس واد ڪيترن جاتل اڻ جاتل ڏڀن کان مڪت ڪري ڇڏيم. ڪيترا ئي وهم ۽ ڀرم مٽائي ڇڏيائين.

سماج جي نئين شعور مون ۾ لکڻ جو جذبو پيدا ڪيو. ۱۹۴۰ ۾ ’نئين دنيا ڪتاب گهر‘ کوليم. ڪراچيءَ ۾ ۱۹۴۲ ۾ ’انڊيا پرنٽنگ پريس‘ خريد ڪري هلايم. ڪتاب گهر ۾ ان پريس مان ڪيترا ئي ترقي پسند ڪتاب ترجمو ٿيا. ۽ ڪيترا اصلوڪا ظاهر ٿيا. جهڙوڪ مارڪسواد، سوويٽ روس، غريبي، لينن، اسٽالن وغيره.

گوبند پنجابيءَ جو قلم سدائين هلندو رهيو. هن جي پنهنجي تخميني موجب هن ٻن سون کان مٿي ڪهاڻيون لکيون.* پر اهي جدا جدا رسالن جي وهڪري ۾ وهي ويون آهن. اسان وٽ جا سلامت پونجي پهتي آهي، اها هن ريت آهي :

۱. سرد آهون- (۷-ڪهاڻين جو مجموعو - جنوري ۱۹۴۲)
۲. سورج مکي - (۷ ڪهاڻين جو مجموعو - ۱۹۶۰)
۳. هوءَ موٽي آئي - (۱۱ ڪهاڻين جو مجموعو - جولاءِ ۱۹۸۰)

---

* هوءَ موٽي آئي‘ (۱۹۸۰) جي مهاڳ ۾ اي.جي.اتم لکي ٿو، گوبند هڪ سو کان مٿي ڪهاڻيون لکيون آهن.

گوبند پنجابيءَ پاران ترجما : لڪشمي، وڇوڙو (ڌرم وير ڀارتيءَ جو ناول)، چانڊني ۽ زهر، مارڪسواد، دنيا ڇا آهي، رنگروٽ (ناول).

ڪيرت ٻاٻاڻي پنهنجي تنقيدي ڪتاب 'سنڌي ڪهاڻي - ورهاڱي بعد' ۾ گوبند پنجابيءَ جي ڪهاڻين بابت لکي ٿو ''گوبند پنجابي عام طور پرچاري ليکڪ سمجهيو ويندو آهي. مان جيڪر ائين چوان ته هو سڌو سنئون ڪا مراد کڻي ڪهاڻيءَ جي رچنا ٿو ڪري . اها مراد صاف صاف اکرن ۾ بيان ڪري ٿو. پر تنهن هوندي پڻ سندس ڪي ڪهاڻيون مراد کي نزاڪت سان پيش ڪن ٿيون ۽ ڪلاتمڪ اثر ڇڏين ٿيون. 'انڌير نگري' هڪ اهڙي قسم جي ڪهاڻي آهي.

اي.جي.اُتم 'هوءَ موٽي آئي' جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ''هي سڀ ڀانت ڀانت جي قسمن ۽ طرزن جون ڪهاڻيون آهن. ڪنهن ۾ واقعڪاري ته ڪنهن ۾ ڪردار نگاريءَ تي، ڪنهن ۾ مسئلي تي، ڪنهن ۾ خيال تي زور ڏنل آهي. ڪا ڪهاڻي بياني طرز تي ته ڪا آتم ڪهاڻيءَ جي نوع ۾، ڪا گفتگوءَ ۾ ته ڪا فئنٽسيءَ ۾ خود ڪلامي طرز ۾ لکيل آهي. ''

٢٠ صديءَ جو اعليٰ ترقي پسند سنڌي مفڪر سوڀو گيانچنداڻي پنهنجي مضمون 'سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ڌارا جي هلچل ' ۾ لکي ٿو ''ترقي پسند ادبي ڌارا جي جماعت ته سنڌ ۾ سنڌي ادبي سنگت طور ٤٦-١٩٤٥ ۾ آئي، پر ان کان اڳ ڪن شخصي طور تمام سنو ڪم پئي ڪيو. جڏهن گوبند پنجابي شڪارپور مان ڪراچي آيو ته ڪراچيءَ ۾ نوجوان ترقي پسند ليکڪن جو ٽولو اڳوات ئي موجود هئو.'' ۽ ائين ڪاروان وڌندو رهيو.

گوبند پنجابي 'هوءَ موٽي آئي' مجموعي جي شروعات ۾ ليکڪ پاران لکي ٿو ''زندگيءَ ۾ مان جيتوڻيڪ پونجيواد (سرمائداري) جو هڪ حصو آهيان ته به يقين اٿم ته پونجيواد قائم نه رهندي.''



روس ۾ سماجوادي نظام انساني اتهاس ۾ هڪ لاثاني تجربو هئو، جنهن انسان ذات جي تواريخ کي هڪ نئون موڙ ڏنو. پر زندگي ڪنهن به خيال يا ويچارڌارا کان وڏي آهي، جا ڪنهن به اڳوات سوچيل سماج جي ڍانچي اندر قيد ٿيڻ نٿي چاهي. مارڪس جي خيال کي اڳتي کڻي ايگولس ظاهر ڪيو ته رياست ۽ نظام هڪ دٻاءَ جو (زور جو) هٿيار آهي پر آهستي آهستي انسان ايتري ترقي ڪندو جو آخر ۾ رياست پنهنجو پاڻ بيسود ثابت ٿي ختم ٿي ويندي. اها ڳالهه سمجهڻ جوڳي آهي ته ملٽري انتظام ۽ ڪنهن يوگيءَ پاران پنهنجو پاڻ تي انتظام، اهي ٻه الڳ چيزون آهن. اهو وشواس اٿم ته اڳتي ڪنهن منزل تي اِنسان ذات خود به خود پاڻ تي يوگيءَ جهڙي انتظام تي رسندي ۽ سچي آزاديءَ جو سپنو سچي اِنسان ذات لاءِ ساڪار ٿيندو. مان اميد نٿو لاهيان. اِنسان ذات جي مجموعي ترقيءَ تي اميد سدائين قائم رهندي.

(ساهتيه اڪادمي بمبئي ۾ ٿيل ميڙ ۾ تاريخ ٦ ڊسمبر ٢٠١٨ هڪ صدي ملهائڻ جي موقعي تي پيش ڪيل)

نوٽ : هن سلسلي ۾ هڪ زباني تواريخ جو هيءُ قصو به گهڻ دلچسپ نه آهي جنهن کي هتي درج ڪجي. سوامي انگد ديو ان زماني ۾، جنهنجي ڪوٺيا ۽ اتر سنڌ ۾ چڱي مڃتا هئي، پڻ هنديءَ جي راهول سانڪرتاين جيان مارڪسواد جي اثر هيٺ آيو ۽ هن پنهنجن ششن سان پئسا گڏ ڪري گوبند پنجابيءَ کي پريس کولڻ ۾ مدد ڪئي. سوامي انگدديو اڳتي هلي ڪميونسٽ پڌرنامو پڻ ترجمو ڪري ڇپايو ۽ سڄي عمر گوبند پنجابيءَ ۽ انڊور جي درٻاري لعل اجواڻيءَ سان رشتو قائم رکيو. ڪيرت ٻاٻاڻي پڻ ڄاڻايو ته سندس ۽ سويتا جي شادي سوامي انگدديو جي آسيس سان ٿي هئي.

# ڪيرت ٻاٻاڻي-زندگي-ادب-هڪ نظر

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو جنم سنڌ جي نوابشاهه ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ ٣ جنوري ١٩٢٢ ۾ ٿيو ۽ سندس پُڄاڻي ٧ مئيءَ ٢٠١٥ بمبئيءَ ۾ ٿي. هُن اٽڪل ٩٣ سالن جي آورجا ماڻي. هن جي زندگيءَ ۾ لڳ ڀڳ هڪ صديءَ ۾ اِنسان ذات جنهن رفتار سان بدلاءُ ڏٺو آهي اهو انساني سڀيتا جي تاريخ ۾ تمام تکو رهيو آهي ۽ ائين وقت جو مفهوم پنهنجي ليکي پيچيدو ۽ گهڻ تهو ٿي ويو آهي. گذريل صدي ۽ هن صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ انسان ذات ڪيترا بدلاوَ ڏٺا آهن ۽ اهو دور هڪ لحاظ کان ولولي خيز رهيو آهي، جو هن صديءَ ۾ جيڪي واقعا ٿيا آهن، جيڪا اُٿل پٿل ٿي آهي اُها انساني اتهاس ۾ اڳي ڪڏهن نہ ڏٺي وئي آهي. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي زندگي پنهنجي وقت سان ايتري وچڙيل ۽ ڳنڍيل آهي جو هن وسيع پس منظر ۾ سندس زندگي ۽ ادب ۽ ادبي هلچل سان وابستگيءَ جي صرف ڪن نقطن کي ئي ڇُهي سگهڻ ممڪن آهي. هونئن اينڌڙ پيڙهيون اهڙن شخص بابت ڏند ڪٿائون ناهينديون آهن.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي زندگيءَ جا ٻہ ڇڙا حصا ڪري سگهجن ٿا. ورهاڱي کان اڳ ڪيرت ٻاٻاڻي جنهن ۾ سندس تعليم، اوسر ۽ اَثر اُتي سندس سرگرميون ۽ ورهاڱي بعد ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي زندگي ۽ سنڌي هلچل ۽ سندس پاران خلقيل ادب.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي اوائلي تعليم نوابشاهہ ۾ ٿي. اُهو وقت هندستان جي آزاديءَ جي هلچل جو هو. سندس اسڪولي اُستاد شري روچيرام ٿانواڻي قومي خيالن جو هو ۽ شاگردن ۾ سدائين قومي ڀاونا ۽ آزاديءَ جي



هلچل لاءِ اُتساهہ ڦوڪيندو رهندو هو. اُن اثر هيٺ ڪيرت قومي هلچل ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ ڏسندي ڏسندي شهر جي شاگردن جو ليڊر بڻجي پيو. وقت اَچڻ تي اسڪول بند ڪرائي، شاگردن جون سرگسون ڪڍائڻ ۽ اُنهن جي اڳواڻي ڪرڻ، پوليس کي گوهي ڏيئي ڀڄي وڃڻ ۽ ائين وري ٻيو جلوس تيار ڪرڻ سندس مشغوليون ٿي پيون. پڙهڻ ۾ هوشيار هئڻ ڪري وڏيڪ تعليم لاءِ کيس ڪراچيءَ وڃڻو پيو. گانڌيءَ جي 'ڀارت ڇوڙو' جي گجگوڙ جو اثر هندستان جي ڪيترن ئي نوجوانن تي پيو، جيڪي اهنسا جو رستو ڇڏي، انقلابي وات تي نڪري پيا ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي پڻ اَهڙن جريت مند جوانن مان هو جنهن انقلابي ڪارين ۾ حصو ورتو، جنهن لاءِ کيس ٻارهن مهنا جيل جي سزا ڀوڳڻي پيئي.

جيل ۾ سياسي بحث ٿيندا هئا، سياست تي ڪتاب پڙهڻ جو موقعو ملندو هو، جيل اندر سوڀو گيانچنداڻي پڻ قيد هو، جنهن حشو ڪيولراماڻيءَ جي اثر هيٺ مارڪسواد جو اڀياس ڪيو ۽ اُن کي وگيانڪ فيلسوفي مڃي ۽ ڪميونسٽ ويچار ڌارا جو حامي ٿيو هو. هن جي اثر هيٺ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو توج پڻ مارڪسواد ڏانهن ۽ پوءِ منطقي طور ڪميونسٽ پارٽيءَ طرف ٿيو. اَهڙيءَ ريت ڪيرت ٻاٻاڻي سنڌ جي اُن وقت جي چند نوجوانن سان ڪميونسٽ صف ۾ شامل ٿي ويو. البت سندس ڪاليجي وقت ۾ هو شاگردن جي هلچل ۾ پڻ سرگرم رهيو (1942-46) آل سنڌ ڪانگريس يونين جو جنرل سيڪريٽري ۽ آل اِنڊيا ليول تي وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو.

١٩٤٧ ۾ ورهاڱي وقت باقاعدي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر بڻيو ۽ ڪراچي ليبر يونين جو سرگرم اڳوان رهيو. نتيجي ۾ پاڪستان سرڪار پاران وري ٻارهان مهنا جيل جي سزا ڀوڳيائين.

سياسي ڪم سان گڏ گڏ سندس دلچسپي ادب طرف پڻ قائم رهي. ١٩٤٤ ۾ سنڌ ۾ ترقي پسند ليکڪن جي سنستا برپا ڪندڙن مان هڪ مکيہ شخص رهيو. ساڳئي وقت سماجي ۽ ادبي رسالي 'صداقت' جو

۱۹۴۵ - ۱۹۴۷ ۾ ايڊيٽر پڻ رهيو.

۱۹۴۹ ۾ جيل مان نڪرڻ کان پوءِ حيدربخش جتوئيءَ جي هلچل هاري حقدار سان وابسته ٿيو. هر قدم تي سي. آءِ. ڊي. سندس پاڇي جيان گڏ هوندي هئي، ڪُن لاءِ ڪم ڪرڻ محال ٿي پيو. جڏهن پوليس ڪاٿو هن مان بيزار ٿيو ته سنه ۱۹۵۰ ۾ ڪيس زوريءَ ديش نيڪالي ڏني ويئي.

**ڪيرت باباڻيءَ جو جدا جدا هلچلن ۾ سرگرم رول :**

هندستان ۾ پهچڻ بعد ڪيرت باباڻيءَ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان وابستگي مختصر رهي، پر تاعمر هو مارڪسوادي ويچار ڌارا جو حامي رهيو ۽ سماجوادي ۽ ڪميونسٽ آدرش سان همدراڻو ناتو نباهيندو رهيو.

**سنڌيت جي هلچل :** هتي تمام مختصر نموني سنڌيت جي هلچل جي بنيادي نقطن ۽ اُن وقت جي حالتن جو نهايت مختصر نموني بيان ڪرڻ بي جاءِ نه ٿيندو. آزاديءَ جي هلچل وقت ڪيتريون ئي ويچار ڌارائون مروج هيون جن وٽ آزاد هندستان جي آئيندي بابت جدا جدا سپنا هئا. پاڪستان جو نهڻ آزاديءَ جي مکيه ويچار ڌارا ته مذهب ۽ سياست ٻه الڳ شيون آهن اُن جو ٽٽڻ هو، ۽ اها اُميد ڪئي ٿي ويئي ته جنهن حالت ۾ پاڪستان جو وجود اسلامي مُلڪ طور ٿيو آهي، ڀارت پڻ هڪ هندو مُلڪ جو رستو اختيار ڪندو. سنڌي قومي ليڊرن اُن حالت ۾ ٿورائيءَ واري جاتيءَ جي عيوضين بدران گهڻائيءَ سان ملي وڃڻ جو موقعو ڏنو ۽ اٿين سنڌي شرنارٿين کي ’جتي آهيو، اُتي جذب ٿي وڃو‘ جي صلاح ڏني. مُلڪ جي جوڙجڪ نهڻ وقت جدا جدا وقتن تي ٻوليوار پرانتن ٺاهڻ جي انجام کي ماضيءَ جو وسريل انجام ڪري ليکيو ويو ۽ هڪ ڪاسٽنگ ووٽ ذريعي انگريزي ٻوليءَ سان گڏ هندي ٻوليءَ کي مرڪز جي ڳنڍيندڙ ٻولي ڪري تسليم ڪيو ويو ۽ ٻين ٻولين کي جوڙجڪ جي آئين شيڊيول ۾ درج ڪيو ويو، جن مان



هندي راج ڀاشا کي لفظ ڪٽي ڀاڻ کي مالا مال ڪرڻ لازمي ڪيو ويو. پر سرڪاري سطح تي جن ٻولين جو ذڪر جوڙجڪ ۾ هو اُنهن کي ئي سڀ سهوليتون پٽي مليون ۽ سنڌي ٻولي اُن شيڊيول ۾ درج نه هئڻ ڪري وانجهيل رهي. هن بي انصافيءَ جي خلاف سنڌي تعليمدانن، ودوانن ۽ ليکڪن ۾ بي آرامي ۽ غصو پيدا ٿيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي هلچل هلي پيئي. اٿين قافلو اڳتي وڌندو رهيو ۽ چڙو چڙ ٿيل سنڌي جاتيءَ جا ذهين ۽ شعوري نوجوان هن سان شامل ٿيندا ويا. ۱۹۵۵ ڌاري مرڪزي سرڪار ٻوليوار رياستن جو اصول قبوليو. اُن وقت سنڌي مرڪزي ليڊرن ٻوليءَ جي اهميت کي محسوس ڪيو ۽ اُن هلچل ۾ ڀاڻ ورسائڻ لڳا. وسيلن جي اڻاٺ ڪري شروع ۾ سنڌي ساهت منڊل جي سايي هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ بمبئيءَ ۾ ئي مڪاني سطح تي سميلن ڪوٺايا ويندا هئا. جن ۾ گهڻائي تعليمدانن ۽ليکڪن جي هوندي هئي ۽ رهنمائي مشهور ترمورتي، ڪيرت، مالهي ۽ اُتم جي هوندي هئي. ۱۹۵۷ ۾ دهليءَ ۾ پهرين آل اِنڊيا ڪنوينشن ڪوٺائي ويئي ۽ آخر ۱۹۵۹ ۾ گانڌيڌام ۾ جوڙجڪ بحال ڪري’اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو پڪو بُنياد پيو. جنهن بعد جي جدو جهد جو ذڪر ڪرڻ نه هتي ممڪن آهي ۽ نه وري واجب، پر عالم آشڪار آهي ته هن هلچل جو ڪيرت باباڻي هڪ مضبوط ڪرنگهو رهيو ۽ ۱۹۷۲ کان ۱۹۹۷ تائين پنجويهه سال ڪيرت باباڻي سڀا جو صدر رهيو ۽ الڳ الڳ ڪيترن ۾ سڀا کي مٿاهين منزلن تي پهچائڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو.

**سنڌي لپي هلچل :**

سنڌي اڳوانن سنڌي جاتيءَ کي جذب ٿيڻ جي صلاح ڏني ۽ اٿين سنڌين جي الڳ سڃاڻپ جي نشاني سنڌي ٻولي نه صرف سنڌن لاغرضيءَ جو شڪار بڻي پر سنڌي ٻوليءَ جي لپي پڻ ڪين ڪٽڪڻ لڳي. ورهاڱي کان اڳ ئي ڪن هندو ذهنيت رکندڙ ڪٽر پنٿين ’هندي - هندو - هندستان‘ جو نعرو بلند ڪيو هو، اُن غلبي جي زير اثر اهو پڻ

سوچيو ويو تہ ہين ٻولين کي هنديءَ جي زيردستيءَ لاءِ هندستان جي سپني ٻولين جي لپي بدلائي ديوناگري ڪئي ويندي. هن ذهنيت جي زير اَثر پهريون شڪار سنڌي ٻوليءَ جي لپي ڪئي ويئي، جنهن کي مسلمانڪي لپي قرار ڏيئي، اُن جي شُڌي ڪرڻ جو فخر لائق پهريون قدم کڻڻ جو سهرو سنڌي ٻوليءَ جي سر تي مڙهيو ويو. اڃا سنڌي هند ۾ اَچي ئي رهيا هئا تہ چند شخص جي ميڙ ۾ نعراءُ بحال ڪري سرڪار تي زور بار آڻي سنڌي ٻوليءَ جي لپي ديوناگري قرار ڏني ويئي. اَهڙي خوفناڪ قدم تي جڏهن سنڌي عالمن، ليکڪن تعليمدانن ۾ سخت غصو ڦهلجي ويو ۽ هزارن ۾ اعتراض ناما موڪليا ويا تہ سرڪار اهو قدم واپس ورتي. سرڪار اهو فيصلو ڏنو تہ اهو سنڌي جاتيءَ جو اندروني معاملو آهي تنهنڪري سرڪار ٻنهي لپين کي تسليم ٿي ڪري، توڙي بعد ۾ جڏهن جوڙجڪ نهيو تہ اُن ۾ هرڪنهن ٻوليءَ جي هڪ لپيءَ جي تصور کي قبول ڪيو ويو. هن سوال کي سياسي ويچار ڌارا جي پيچ ۾ اُلجهائي اڄ ڏينهن تائين سنڌي جاتيءَ کي ورهايو ويو آهي. ٻوليءَ جي ماهرن، عالمن ليکڪن جو اهو رايو هو تہ ٻوليءَ ۽ لپيءَ جو ڪنهن بہ مذهب سان واسطو نہ ٿيندو آهي. ملڪ جو ورهاڱو ٿيو اهو غلط آهي پر ٻولي، تاريخ ۽ ڪلچر جو ورهاڱو مذهب جي بنياد تي نہ ٿيڻ ڏبو. ڪيرت ٻاٻاڻي هن سوال تي پهرين ڪتابڙي لکي سنڌي جاتيءَ کي آگاهہ ڪيو ۽ آخر تائين مخصوص سنڌي لپيءَ کي ئي سنڌي ٻوليءَ جي لپي مڃيندو رهيو ۽ هر وقت، هر موقعي تي هر ڪانفرنس تي ديوناگري لپيءَ جو وروڌ ڪندو رهيو. آخر ۾ اکل ڀارت سپا لپيءَ جي سوال کي سنڌي قوم لاءِ غير ضروري ڄاڻي، ديوناگري لپيءَ جي حمايتي ليکڪن کي پڻ Mainstream ۾ شامل ڪرڻ لاءِ دروازا کوليا. ١٧ سال ڪيرت هلچل جي مُک هفتيوار ’سنڌو ڌارا‘ جو ايڊيٽر ۽ روح روان رهيو.

**ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي جيئي سنڌي هلچل سان وابستگي :**

ڪيرت وٽ تاريخي شعور هو. مجموعي تاريخي آزمودا ۽ ٻولي



اهي قومي رياست جا مکيہ بنياد آهن ۽ نہ ڪ مذهب، اهو سندس وشواس هو. ورهاڱو سندس لاءِ غير فطرتي ۽ غير منطقي عمل هو، هُن سنڌ جي سنڌي عوام کي وسارڻ ۽ سنڌ تان هٿ کڻڻ کان صاف انڪار ڪيو. هتان جي سنڌين جا سور، سنڌ جي سنڌين جا هئا ۽ اُتان جي سنڌين جي تڪليفن ۽ ايذائن لاءِ هتان جي سنڌين جو فڪرمند هئڻ لازمي هو. بنگلاديش جي وجود مذهب تي ٻڌل قوميت جي تصور کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ سنڌ ۾ پڻ ’سنڌ سنڌين لاءِ‘ هلچل جيڪا ورهاڱي کان اڳ شروع ٿي هئي جنهن جو بنيادي دستاويز محمد ابراهيم جويو جو ‘Save Sind Save The Continent’ آهي. اِها هلچل سائين جي. ايم. سيد جي رهبريءَ هيٺ ڪافي اڳتي وڌي آئي ۽ سنڌ جي گهڻن مفڪرن، شاگردن ۽ عوام سنڌ کي پاڪستان کان الڳ ڪرڻ جي جدوجهد جاري رکي. ڪيرت ٻاٻاڻي سنڌي عوام جي هن هلچل سان پڻ پاڻ جوڙيو ۽ پاڪستان ۾ بندش هيٺ آيل سائين جي. ايم. سيد جا سڀ اهم ڪتاب ڇپايا ۽ انترراشٽري ادارن ۾ ۽ سنڌ جي عوام ۾ هن هلچل جو آواز پهچائڻ لاءِ ١٧ سال انگريزيءَ ۾ Sind rises ۽ 15 سال ’سُجاڳ سنڌ‘ جو روح روان رهيو. جڏهن سائين جي. ايم. سيد هندستان ۾ راجيو گانڌيءَ سان ملاقات لاءِ آيو تہ ڪيرت ٻاٻاڻي سندس سيڪريٽري طور خدمتون سر انجام ڏنيون.

**ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻيا ترقي پسند اِدارا :**

جيتوڻيڪ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ڪو رسمي طور رشتو نہ رهيو پر هو سماجوادي عناصرن سان تا عمر جُڙيل رهيو.

روس - هندستان دوستي اداري سان لاڳو ٿيو ۽ پنهنجي سرگرمي ڪري اُن سنستا ۾ وائيس پريزيڊنٽ جو عهدو ماڻيائين. هُن دنيا جي عظيم شخصيت لينن جي جيوني لکي ۽ ١٩٨٠ ۾ کيس سوويت لئنڊ نهرو اوارڊ سان نوازيو ويو ۽ روسي سرڪار جي نوتي تي روس جو دورو ڪيو.

آل اِنڊيا اَمن ۽ يڪ وجودگي solidarity جي بمبئي شاخا جو جنرل سيڪريٽري بڻيو ۽ وشو شانتي سنستا پاران کيس هڪ وفد ۾ زيڪو

سلواڪيا جي دوري تي گهرايو ويو.

انڊوپولش دوستي ائسوسيئشن جي بمبئيءَ شاخا جو صدر ٿي رهيو.

اِنڊين پيپلس ٿئيٽر سان وابسته رهيو.

هنن ادارن سان لاڳو هئڻ ڪري اُتي پڻ سنڌي جاتيءَ جو مان مٿي ڪيو ۽ ڪيترين ئي عظيم شخصيتن سان شخصي دوستي ماڻيائين جن ۾ مکيه هئا : ملڪ راج آنند، خواجا احمد عباس، بلراج ساهني ۽ اي. ڪي. هنگل.

**سنڌي ساهت منڊل ۾ رول :**

ورهاڱي بعد ڪيترائي نوجوان جن سنڌ ۾ ادبي ميدان ۾ اڃا قدم مس رکيو هو، اُنهن مان ڪي بمبئيءَ ۾ وسيا، مايوسي ۽ جدوجهد جي باوجود سندن حوصلا بُلند هئا ۽ ارادا مضبوط. اُتي هر هفتي گڏجڻ لڳا ۽ ادبي ڪلاس شروع ٿي ويو. اُن ادبي ڪلاس ۾ ڪي سنڌ جا جهونا ۽ آزمودگار ليکڪ پڻ اَچي شامل ٿيا، پهرين نالو 'نئون ساهت منڊل' رکيو ويو جو جلد بدلائي 'سنڌي ساهت منڊل' ڪيو ويو. هنن ادبي ڪلاسن جو روح روان، ادبي شناس، گهري مطالعي ۽ مشاهدي جو مالڪ، سدا بهادر نوجوان دل جو مالڪ، اُتساهه جو سرچشمو پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي رهيو.

بمبئي پهچي ڪيرت پڻ هن منڊل ۾ ليکڪن جي قافلي ۾ شامل ٿي ويو. هُن ٽريڊ يونين جو مورچو سنڀاليندي ڪراچيءَ ۾ ئي لکڻ شروع ڪيو هو. هتي هو هلچل جي باني ترمورتيءَ جو هڪ مضبوط رُڪن ٿي اُڀريو ۽ ائين سنڌي ادب ۽ سنڌيت جي هلچل جي ترمورتي، 'مالهي، ڪيرت ۽ اُتم' سنڌي ادب جي اتهاس ۾ اهم رول نڀاهڻ شروع ڪيو. سنڌي ساهت منڊل جي ليکڪن کي اظهار لاءِ مُک پتر جي ضرورت محسوس ٿي. ائين هنن 'نئين دنيا' ترقي پسند ادبي رسالي کي هندستان ۾ بيهر شروع ڪيو ۽ مارڪسوادي فيلسوفي جي اثر هيٺ هن جي سمپادڪي پڻ مجموعي طور مقرر ٿي. ١٩٥٠ کان ١٩٥٥ تائين هن



جو مجموعي سمپادڪ منڊل هو. اي. جي. اُتم، ٿتن پُرسواڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي. ١٩٥٥ کان پوءِ اها ادبي مخزن اي. جي. اُتم اڪيلي سر هلائي. اهو ذهن نشين هجي ته ١٩٥٠ - ١٩٥٥ هڪڙو بنيادي دور هو، جنهن ۾ نئين دنيا ادبي رسالي جي سمپادڪيءَ ۾ ڪيرت اهم رول نڀاهيو.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي قلم مان سندس لکيل ڪُل ١٨ ڪتاب شايع ٿيل آهن، تنهن کان سواءِ ٽي ترجمن جا ڪتاب آهن. سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا 'هوءَ' ١٩٥٦، 'درد جو دل ۾ سمائجي نه سگهيو' 'نه ليلا نه مجنو' ١٩٨٧ ۽ 'اوهان سڀ ننگا آهيو ١٩٩٣ ۾ ڇپايل آهن. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي شروعاتي ڪهاڻي 'چنومني' اُن وقت جي ڪامياب ۽ اثردار ڪهاڻين مان آهي، جتي هڪ سيٺ جو گُماشتو وهنواري جيون ۾ سيٺ جي ڪنن وهنوار ۽ بي رحمي ۽ ڏاڍ جو شڪار آهي. سيٺ کيس دعوت ٿو ڏئي جتي سيٺ جي گُڏي ۽ گُڏيءَ جي شادي تمام ڌام ڌوم سان ملهائي پئي وڃي ۽ سندس شاهوڪاريءَ جو ڏيک عروج تي آهي. اُن وقت اُن گُماشتي گيان (ڪردار جو نالو) ۾ ڪيترو گهرو احساس محروميءَ جو ٿو اُڀري. سندس ڪهاڻي محمد رام، سنڌ جي ساروٽي واري ساهت جي ڌارا سان جڙيل آهي. اُن ۾ سنڌ ۾ جاگيرداري نظام ۾ ڳوٺن ۾ اَهڙا 'ملنگ' ڪردار پيدا ٿيندا آهن جي عوام جا Conscience keeper ٿي ويندا آهن ۽ اُنهن کي سچ چوڻ جي هڪ قسم جي ڇوٽ مليل هوندي آهي. محمد رام زميندار پاران ڪيل ناانصافيءَ جي وڏي واڪي اوگهڙ ٿو ڪري ۽ سنڌ جي صوفي ماحول جي عڪاسي ٿو ڪري. اها ڪهاڻي امرلعل هڱوراڻيءَ جي ڪهاڻي 'ادو عبدل رحمان' جي ياد تازي ٿي ڪري ۽ اهڙي قسم جي ڪهاڻين ۾ هڪ اهم اضافو آهي. سندس ڪهاڻي '۽ ڳوٺ گم ٿي ويو' پوپٽي هيراننداڻي ۽ هيرو شيوڪاڻيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ ساهت اڪادميءَ پاران ڇپايل (سال ٢٠٠١) مجموعي ۾ ڇپيل آهي. هيءَ ڪهاڻي سنڌ ۾ 'جيئي سنڌ' هلچل دوران - هڪ ڳوٺ کي ملٽري آپريشن پاران ڪهڙي نموني ناس ٿو ڪيو وڃي ۽ قتل - عام ٿو

ڪيو وجي اُن پس منظر ۾ لکي ويئي آهي. ڪهاڻي ’اوهين سڀ ننگا آهيو...‘ موتيلعل جوتواڻيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ بوڪ ٽرسٽ پاران ڪهاڻين جي مجموعي ’ڪٿا ياترا‘ (٢٠٠٧) ۾ ڏنل آهي. اُها ڪهاڻي ڏيتي ليتيءَ جي لالچ ۾ نونهرن کي جلائڻ جي مسئلي کي کڻي لکي ويئي آهي. ڪيرت جون ڪهاڻيون سڌيون سوانتيون، وروڪڙ کان سواءِ، عام انسانن جون، عام نموني، عام پاٺڪن لاءِ لکيل آهن. پر اهڙي سهجتا پريو اظهار پائڻ لاءِ غيررواجي جوڳ بچائڻ جي ضرورت پوندي آهي ۽ اهو ڏانو گهڻي محنت ۽ آزمودي جي ساک ٿو ڀري.

اُن وقت ليکڪ جاتيءَ جي ڏکئي وقت ۾ عام جنتا سان گڏ پنهنجون رچنائون روبرو ونڊڻ چاهيندا هئا، اُنهن سان سڌو سنبنڌ رکندا هئا. ڪئمپن ۾ وڃي پنهنجون آکاڻيون ٻڌائيندا هئا. پنهنجا شعر عوامي مشاعرن ۾ پيش ڪندا هئا. ڪلچر جي پهلوءَ کي پڻ ليکڪن پنهنجي جوابداري سمجهي. شوو رامناڻي ۽ سندس ساٿي بلند آواز ۾ اپٽا جا اُتساهه ڪندڙ گيت ڳائيندا هئا، جن جو سنڌي ترجمو اڪثر موتي پرڪاش يا ڪرشن راهيءَ جو هوندو هو. سنڌي ساهت منڊل جي ساڀي هيٺ ناٽڪ ڪيا ويندا هئا، جي ڊئريڪٽ پڻ ليکڪ پاڻ ڪندا هئا ۽ ائڪٽنگ پڻ ليکڪ ئي ڪندا هئا. ڪيرت ٻاٻاڻي پڻ ناٽڪن جي مجموعي ڊئريڪشن ۾ اڳرو رهيو ۽ ناٽڪن ۾ ائڪٽنگ پڻ ڪيائين. آل انڊيا ريڊيو تان آرتوار صبوح جو اڌ ڪلاڪ پروگرام ۾ موتي پرڪاش ناٽڪ پڻ پيش ڪندو هو ۽ ائين ڪيترا سنڌي ناٽڪ لکجڻ ۾ آيا. هن پس منظر ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ناٽڪن جو مجموعو ’سوريءَ سڏ ڪيو‘ ١٩٧٢ ۾ پڌرو ٿيو. هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت جي بنياد تي هيءُ ناٽڪ ڪيترا ڀيرا هندستان جي هر سنڌي بستيءَ ۾ پيش ٿي چُڪو آهي. سندس وڏي ناٽڪ جي ڪتاب ’ڌرتيءَ جو سڏ‘ تي ڪيس ٢٠٠٦ ۾ ساهت اڪادميءَ جو انعام مليو.

ڪيرت ٻاٻاڻي پنهنجي هڪ ’ڪالم‘ ’آئيني آڳيان‘ ۾ اهو اظهار



ڪيو، مان پنج هزار سال پُراڻي فخرمند سيپتا موهن جي دڙي جو وارث آهيان، پر موهن جو دڙو نہ آهيان. ’اهو گهڻ تهو بيان ادب زندگي طرف سندس رُخ واضح ڪري ٿو. زندگيءَ ۽ ادب طرف شفي نظريو ترقي پسند ادب جو بنياد آهي ۽ ائين ادب ۾ قدرن جو سوال تمام اهم ٿو بڻجي اَچي. مفڪر ڪيرت، سمپادڪ ڪيرت ۽ نقاد ڪيرت ادب ۾ قدرن جي سوال تي گهرائيءَ سان سوچيندو رهيو ۽ ادبي تنقيد تي سندس پهريون ڪتاب ظاهر ٿيو ’ادب ۾ قدرن جو سوال‘ (١٩٧٤). هن ۾ ادب براءِ زندگي، ادب ۽ حقيقت نگاري ۽ اُنهن قدرن کي ترجيح ڏيڻ جي حمايت ڪئي ويئي آهي، جيڪي انسان کي ٽوڙين ڪونہ ٿا. پر حالتن کي منهن ڏيڻ ۽ وقت سان مهاڏو اٽڪائڻ جو ٻل ڏين ٿا. سندس ٻيو تنقيدي ڪتاب ’اوک ڊوک‘ ١٩٨٠ ۾ شايع ٿيو. جيئن سري مان ظاهر آهي اُن ڪتاب جي مضمونن ۾ سنڌي ادب جي مسئلن جي گهرائيءَ سان مارڪسوادي نظرئي کان اوک ڊوک ڪئي ويئي آهي. سنہ ١٩٨٤ ۾ هن ورهاڱي بعد ڇپيل سنڌي ڪهاڻين تي نظرثاني ڪندي سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر جي تاريخ جو هڪ باب جوڙيو آهي ۽ سندس ڪتاب ’پيهي منجهه پاتار‘ (١٩٨٥) ادب جي ڪن بنيادي سوالن ۽ رُخن تي با تفصيل بحث جو اتهاسڪ دستاويزي ڪتاب آهي.

سندس اهو وشواس هو تہ لوڪ ادب، عام انسانن جي جذبن، اَرمانن ۽ خوابن جي عڪاسي ڪري ٿو. لوڪ اَدب جو هڪ هنڌان، هڪ مڪان مان ڦري ٻئي مڪان ۽ ٻئي زمان ۾ اَچيتو تہ اُن ۾ ڪُجهه اڳيون رهجي ٿو وڃي ۽ ڪُجهه نئون جُڙي ٿو. لوڪ ادب هڪ لحاظ کان هڪ سطح تي عوام جي وشواسن ۽ اُميدن جي تاريخ آهي. هن شعور کي کڻي هُن سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ ڦولهه وڌي ۽ ١٩٨٢ ۾ لوڪ ڪهاڻين جو هڪ مجموعو سامهون آيو ’اَٻول راڻي‘. اڳتي هلي ساهتيہ اڪادميءَ پاران ١٩٩٠ ۾ ’چونڊ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون‘ گڏ ڪيائين جو ڪتاب ساهت اڪادميءَ پاران ڇپايو ويو.

ڪيرت ٻاٻاڻي پنهنجي آتم ڪٿا ’ڪجھ ٻڌايم ڪجھ لڪايم‘ سري سان لکي آهي (۹۸-۱۹۹۷)، جا هندستان ۾ سنڌي ٽائيمس پاران چئن ڀاڱن ۾ ڇپائي وئي ۽ سنڌ ۾ ’سنڌ پرچار پبليڪيشن‘ ڪراچي پاران سال ۲۰۰۰ ۾ هڪ ئي پڪي جُلد ۾ ڇپائي وئي آهي، جنهن ۾ تعارف شيخ اياز جو ڏنل آهي ۽ مُهاڳ عبدلواحد آريسر جو آهي. مان هتي عبدلواحد آريسر جي قلم مان نڪتل هڪ سٽ ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان. هو چويٿو.’مون کي يقين آهي تہ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ۾ اُهي سڀ خصوصيتون آهن، جيڪي سائين جي. ايم. سيد سنڌ کي نجات ڏياريندڙ لاءِ خواب ۾ ڏٺيون هيون ...‘

تاجل بيوس جو بيت ڏنل آهي :

’ڪيرت تنهنجو قد - هيڪاندو هالار کان
اجھو اُن جو اڏ - ڪندو ڇانو ڪراڙ تي‘

ايڊيٽر ڪيرت، مُفڪر ڪيرت، هلچل جو اڳوان ڪيرت، مضمون، ڪهاڻيون، مقالا لکندڙ ڪيرت وٽ هڪ ڪويءَ جي ڪومل دل پڻ هئي ۽ هو وقت بہ وقت آزاد ڪوتا پڻ لکي ويندو هو. هن اها ڳالھ ڪيترا سال لڪائي رکي ۽ آخر ويهين صديءَ جي آخر ۱۹۹۹ ۾ هن پنهنجي ڪوتائن جو ڪتاب ڇپايو ’لکيو ليالا پائين.‘

سنڌي هلچل سان وابستہ هوندي ڪيرت وٽ ڪيترن شخصن وٽان خط ايندا هئا. خطن ۾ انسان جي شخصيت جا ٻي ساخت پهلو ظاهر ٿين، کي نيون ڪُنڊون اُجاگر ٿين، ڪن نون خيالن جو شُعاءُ هُجي ۽ اڳتي هلي تاريخدانن لاءِ ڪچو مال ثابت ٿين. ڪيرت وٽس آيل خط ۽ اُنهن جا جواب سال ۲۰۰۴ ۾ ’سو سڏ سو پڙاڏو‘ نالي سان ڇپائي پڌرا ڪيا.

سندس لينن تي ڪتاب ’دنيا جي عظيم انقلابي شخصيت‘ (۱۹۸۰) پڻ تخليقي ادب جو حصو نہ هجي پر اُهو معلوماتي ۽ تحقيقي ادب جي



صف ۾ شماري سگهجي ٿو ۽ ساڳي ڳالھ دنيا جي امن جي تحريڪ کي ڪٿي لکيل ڪتاب ’امن جي اُفق ڏانهن‘ ۱۹۷۸ ڪتاب سان پڻ لاڳو آهي.

سندس آخرين ڪتاب سنڌيت جي هلچل جي احوال بابت ’سنڌيت جو سفر‘ ۲۰۰٦ ۾ مان پڻ ساڻس ٻانهن ٻيلي هوس ۽ جنهن لاءِ مون کي خوشي ۽ فخر جو احساس آهي. البت اها پڻ حقيقت آهي تہ هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ هري پنڪج تمام گهڻي محنت ڪئي آهي ۽ هن سڄي ڪتاب جو حصو بڻجي رهيو آهي.

ڪيرت پنهنجي ڊگهي ادبي سفر ۾ ڪي ناياب ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا جن ۾ گورڪيءَ جو ’مالوا‘، مُلڪ راج آنند جو ’ڪولي‘ ۽ مرهٽي ساهتيہ تي ڪُسماوتي ديشپانڊي ۽ ايم. وي. راجڌيڪش طرفان مرهٽي ساهت جو اتهاس پڻ شامل آهي (۱۹۹٦).

سنہ ۱۹۵۰ ۾ پاڪستان سرڪار ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي ديس نيڪالي ڏيئي سنڌ مان زوريءَ ڪڍي ڇڏيو. پر هو سڄي عمر سنڌ کي پنهنجي سيني اندر سانڍي جيئرو رهيو ۽ سندس زندگي وري وطن واپس ورڻ جو انتظار بڻجي رهي. آخر ۲۰ سيپٽمبر ۲۰۱۵ ۾ هُن پاڪستان سرڪار جي فرمان کي نامنظور ثابت ڪيو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي انقلابي سگھ ۽ للڪار سان سنڌ ۾ پهچي ويو. سندس هاڻيون سنڌوءَ ۾ پرواھ ڪيون ويون جڻ ٻنهي طرفن جي ليکڪ برادريءَ هيءَ دوکي جي ديوار ٽوڙي ڇڏي. هن ايکي کي برقرار رکڻ لاءِ سنڌ جي بهادر ليکڪ برادريءَ کي سلام ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ڊگهي سفر ۾ هڪ ادنيٰ ٻانهن ٻيلي طور سٺ کن سالن جو ساٿ منهنجو پڻ رهيو. اُن ڳالھ تي جيترو فخر ڪريان اوترو ٿورو ٿو ڀانيان. اَهڙا ديو قد انسان اتهاس ۾ ورلي پيدا ٿيندا آهن.

(ساهت اڪادمي پاران ممبئي ۾ ڪوٺايل ڪيرت ٻاٻاڻي يادگار سيمينار ۾ پيش ڪيل)

## شيخ اياز سنڌ جو ’عظيم‘ شاعر

اها حقيقت آهي تہ سنڌيءَ ۾ جتي اڪثر ذات ۽ ذاتو جي لحاظ کان لِلِي پُٽ جا جيتامڙا اڳرا رهندا آهن - اتي صدين بعد هڪ گليور - ڊگهو قد آدم جي روپ ۾ ظاهر ٿيو - هن جي ذات ۽ ذاتُ سنڌ لاءِ هڪ لاثاني ورثو آهي. ان لاءِ بہ رايا مشڪل ٿيندا تہ ’انسان خطا جو گهر آهي.‘ ۽ ’انسان ۾ خوبيون ۽ خاميون، گڻ ۽ اوگڻ سڀ ٿين.‘ سي اياز ۾ پڻ هئا جي لازم پڻ آهن.

اياز پاڻ والٽر وٽ مئن جو حوالو ڏيندي چيو آهي، ’عظيم شاعر جي هڪ سڃاڻپ اها آهي تہ جيئن هن پنهنجي قوم سان پيار ڪيو، تيئن سندس قوم بہ سندس والها نہ محبت ڪئي.‘.

غلام رباني اياز جي مهراڻ نمبر ۾ ان ڏينهن جو ذڪر ڪري رهو آهي، ”... سندس دفن واري ڏينهن حيرت انگيز منظر نظر آيا. مون زالن جي اکين ۾ ڳوڙها ڏٺا. ڪي ڏاڍي ڏک ۾، اياز جي متيءَ پنوڙي تي گلن جون پنکڙيون رکي رهيون هيون. هڪڙو ڦوهہ جوانيءَ وارو نوجوان اوچنگارون ڏيئي روئي رهيو هو ۽ جويي صاحب کي چئي رهيو هو تہ، ’سائين، ماڻهن کي ٻڌايو تہ شيخ اياز مري ويو آهي.‘ سنڌ جي نوجوان نسل جو اياز جي وفات تي اهو رد عمل هو رڳو نوجوان نسل نہ پر اياز جا جنم ساٿي بہ ان صدمي سٽي وڌا هئا. ظفر ڪاظميءَ ۽ تنوير عباسيءَ سڄي رات پٽ شاهہ تي گذاري. تربت لاءِ موزون هنڌ جو انتخاب ڪيائون ۽ پوءِ ڪنهن پيشيور گورڪن کي اها سعادت ڏيڻ بداران، تاج جويي پنهنجن هٿن سان ڪوڏر ڪٽي، زمين هموار ڪئي ۽ اياز جي ابدي آرامگاهہ درست ڪئي.‘



’۽ اڄ ڏهن سالن جي عرصي بعد اسان وري اياز تي ڳالهائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. اها حقيقت هڪ وشواس ۽ يقين کي جنم ٿي ڏئي تہ سوَ سالن بعد پڻ اياز تي ڳالهيون ٿينديون رهنديون، اها پنهنجي ليکي اياز جي عظمت تہ ظاهر ٿي ڪري پر ان يروسي جي پڻ امين آهي تہ صدين تائين سنڌ جو آئيندو روشن آهي. قيامت جا دعويدار پلي ڪيترين ئي اونداهيءُ جون پيشنگويون ڪندا رهن.‘‘

شيخ اياز جي راءِ ۾ ’هر عظيم شاعر اهو ديوانو آهي. جيڪو جوش ۾ بي انتها پٿر اڇلائي، عرش عظيم جا در دريون ۽ روشندان پڃي وهندو آهي. ها، حقيقت ۾ اها پرک ئي کسوٽي ٿيندي. اهو ڏسڻو پوندو تہ هن انساني سمجهہ ۽ سوجهہ، احساسن، نظارن ۽ خيالن جا ڪي نوان افق ظاهر ڪيا آهن ؟ ڪي اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن ؟

شيخ اياز جي شاعريءَ جي ڪٿ ڪنهن بہ وٽ جيان مڪان ۽ زمان جي حوالي ۾ ئي ٿي سگهي ٿي. ان ڪري ضروري ٿيو پوي تہ هو ڪهڙي وقت ۾ رهيو، ڪهڙن شخصن ۽ خيالن جي سوچ سندس شروعاتي زندگيءَ ۾ اوسر وقت اثر وڌا. اهو سمجهڻ ضروري ٿيندو ۽ پهرئين وقت جون حدبنديون سمجهڻ بعد ئي اهو طئہ ڪري سگهبو تہ هو ڪيتري قدر حدبندين کان مٿي ايريو آهي. ڪيترين ۽ ڪهڙيون ٻرانگهون پريون اٿائين.

شيخ اياز جڏهن هوش ۾ آيو تہ بين مهاڀاري جنگ جاري ٿي ۽ هندستان جي آزادگيءَ جي جدوجهد پڻ جاري هئي. روس جي انقلاب هن بر-صغير جي آزاديءَ جي هلچل تي گهرو اثر ڇڏيو هو. ادب ۾ ترقي پسند ڌارا چوهہ سان چٽي نڪتي هئي. ڪن ترقي پسندن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اثر هيٺ هن کي اسٽالن واري سفتي ۽ مشيني طرز تي پيروي ڪرڻ جو هٿيار ڪري ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر شيخ اياز پاڻ کي ترقي پسند ڌارا جي سيني شفي ۽ انسانيت پرست

ملهن جي گرهڻ ڪندي هڪ مٿان ٿاڦيل ڪوڙڪي کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ائين انسان پرستيءَ جا نڪتل املهه قدر انسان سان پيائي چارو - محبت ڏاڍ ۽ ظلم خلاف مڙس ٿي بيهڻ جا گڻ اپنايا. 'آزادي' (ورهاڱي بعد) هن سنڌ جي عوام، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ مٽيءَ سان بيحد محبت ڪئي ۽ هر ڏس ۾ هو سنڌ سان ۽ پنهنجن اصولن سان وفادار رهيو.

پاڻ چواڻي سندس مشهور گيت، جنهن چڻ سنڌي نوجوانن جي دل ۾ پڙاڏو پاتو اهو آزاديءَ جي هلچل کان متاثر ٿي ئي لکيو هئائين.

'انقلاب! انقلاب، ڳاءِ انقلاب ڳاءِ
جيئن زمين آسمان
جي کلي پئي زبان
ڪنڊ ڪنڊ، چوڻڪ چوڻڪ
شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ
جيئن ڏيئي اٿي جواب - انقلاب
انقلاب - انقلاب - ڳاءِ انقلاب ڳاءِ؛

اڳتي هلي لکي ٿو، ''انسان جي انسان سان محبت، انسان جي ڪنهن ازلي حقيقت جي جستجو، جي اهي انسان مان ويا ته باقي هن ۾ ڇا رهيو آهي؟''

۽ ٻئي هنڌ لکي ٿو، ''جي اهي شاعر جي پنهنجي مرضي ۽ مخصوص اظهار سبب سند ٿي ويا هجن. جن جي ٻولي هڪ مثالي ٻوليءَ جو درجو رکندي هجي، جن انسان جي فڪري سرمايي کي وڌايو هجي. جن ويروتار سچائيءَ جي ڳولها ڪئي هجي. جن انسان جي اندر ۾ دائمي جذبو ۽ جوش پيدا ڪيو هجي. جن پنهنجي فڪر، مشاهديءَ ايجاد جي ذريعي انساني ذهن کي وسيعت ۽ عظمت ڏني هجي، جن



۾ انسان ۾ آزاديءَ لاءِ محبت ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جريت پيدا ڪئي هجي. جن ساپيا کي سونهن ڏني هجي ۽ سونهن کي ساپيا ڏني هجي. جي پنهنجي خاص انداز ۾ پنهنجي قوم لاءِ هوندي به سڀ لاءِ هجن ۽ هر ڪنهن سان ڳالهائيندا هجن، جن جو شعر اهڙو هجي جو نواڻ لاءِ ڪوشش کان سواءِ به نئون هجي، جن جي شاعريءَ ۾ نئون ۽ پراڻو ملي هڪ ٿي ويا هجن. جن جي لکڻيءَ ۾ ايتري چڪ هجي جو هر دور ان کي پنهنجي لکت سمجهي، جن جون تخليقي مفتون وقتي هوندي به دائمي ۽ آفاقي هجن، انهن شاعرن جي شاعري عظيم ڪلاسڪ جو درجو حاصل ڪري ٿي.''

ورهاڱي کان اڳ آزاديءَ بعد هندستان جي آئيندي بابت هر ڪنهن سياسي حلقي کي الڳ تصور هو. ڪن جو وشواس ڀارت ماتا جي يڪوجودگيءَ ۾ هو ۽ ڪن جديد طرز جي سياسي سوچ رکندي ايڪتا ۾ انيڪتا ۾ وشواس رکيو. انيڪتا جو محور ٻولي پئي ڳڻي ويئي ۽ ورهاڱي جا ڪارا بادل جڏهن سياسي شفق تي ايريا ۽ گهرائيندا ويا ته ٻوليءَ جي اصول کي ڪٽي سنڌ کي هڪ جدا قوم جو نظريو محمد ابراهيم جويي صاحب پنهنجي ڪتابڙيءَ 'سنڌ بچايو ۽ بر - صغير کي بچايو' (سيو سنڌ اينڊ سيو د سب ڪانٽينينٽ) ڇپايو. سنڌ ۾ محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ اياز ايم.اين. راءِ کان متاثر ٿيل هئا. ايم.اين راءِ هندستان جو باغي ڪميونسٽ اڳوان لينن جو ساٿي هو، جنهن سوويت يونين نهڻ وقت وچ ايشيا جي ملڪن کي سوويت يونين جو حصو بڻائڻ ۾ ڪامياب رول ادا ڪيو هو. اڳتي هلي اسٽالن سان سهمت نه هئڻ ڪري هو ڪميونسٽ انٽرنيشنل ڇڏي آيو ۽ رنڊيڪل هيومنسٽ پارٽي برپا ڪيائين زندگيءَ جي آخري سالن ۾ هن اها پارٽي پڻ برخواست ڪري ڇڏي ۽ اعلان ڪيائين ته پارٽيءَ جو انتظام پڻ انسان جي اجهل ۽ آزاد ذهن تي ڪي قدر پابندي لڳائي ٿو. ائين شيخ اياز سنڌي قوميت جو

قائل ٿيو. شروعاتي دؤر ۾ اردوءَ طرف جھڪجي وڃڻ باوجود هن سنڌي ٻوليءَ ۾ جا موٽ ڪاڏي تہ پوئتي منهن ڪري نہ ڏنائين. سنڌ سان سندس عقيدت جو پيچ ويو گهرو ٿيندو.

اپريل ١٩٤٧ع ۾ ڀهرئين ڪهاڻين جي مجموعي ’سفيد وحشي‘ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو، ”مان نہ پاڪستاني آهيان نہ اکنڊ هندستاني، نہ سماج جي سطحي رسم ۽ رواج جو پابند ۽ نہ انقلابي طبقي جي اجائي جوش سان شامل. نہ ساهت جي جهوني يڪرنگ جي تصور جو قائل، نہ ڍونگي ترقي پسندن جي جنسي اگهاڙپ جو مشتاق.“

”منهنجو رايو الڳ آهي، منهنجو سياسي ۽ سماجي تصور علحدو آهي... منهنجي نظر ۾ سنڌي هڪ جدا قوم آهن، سندن زندگي سڀيتا، روايتون، ٻولي، نالا، مطلب تہ سڀ ڪجهہ هندستان جي ٻين پرڳڻن کان علحدو آهي.“

ان وقت جو ذڪر ڪندي، دهلي نواسي شري رام پنجواڻي گهڻن سالن بعد يادگيريءَ جا ورق ورائيندي لکي ٿو. ”اپريل١٩٤٧ع ۾ هڪ ڏينهن موهن پنجابي ۽ اياز سڌو شڪارپور کان جيڪب آباد آيا. گرمي شروع ٿي ويئي هئي ۽ ڪي گهراڻا سنڌ ڇڏڻ جي تيارين ۾ هئا. سوال اٿيو تہ اسين سنڌي پنهنجي سنڌ ڪيئن ڇڏينداسين. اديب جي حيثيت ۾ اسين ڇا ٿا ڪري سگهون. هڪ ڪتاب ڇپايوسين ’اسان جي سنڌ‘. ڪهڙيون نہ اسان جون معصوم دليون هيون. اسان ائين سوچيو ڇڻ تہ ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ سنڌ مان لڏ پلاڻ بند ٿي ويندي.

ٻين مهاڀاري جنگ بعد ٻن سپر پاورس ۾ ٿڌي جنگ اٽڪل اڌ صديءَ تائين جاري رهي. ان وقت ڪيترا انسان آزاديءَ جي جنگ لڙي رهيا هئا. سامراجي طاقتون ويندي ويندي اندروني جنگ شروع ڪري. نون آزاد ملڪن کي تباهہ ڪرڻ تي آمادهہ هيون ۽ آمريڪا ۽ سندس ساٿاري ملڪ ’نئين بينڪ شاهيءَ‘ جي ذهنيت ڪري ڪيتريون



جنگيون مصر - وچ ايشيا، ويٽنام ۽ ڪوريا ۾ شروع ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا. سائوٿ آفريڪا ۾ چمڙيءَ جي آڌار تي اڇن جو راڄ قائم ڪيو، جنهن لاءِ عام ڪي ڪيتريون ذلتون سهڻيون پيون. ڪيتريون قربانيون ڪرڻيون پيون. ٻئي طرف چين ۾ ڪميونسٽ انقلاب آيو. ۽ آمريڪا جي چانئٺ تي ڪيوبا ۾ پڻ ڪميونسٽ انقلاب آيو. ائٽمي هٿيارن جو ذخيرو وڌندو ويو. انسان ذات جي نابوديءَ جو ڪڙ ويجهو پوندو ويو. هن حالت جو بيان شيخ اياز جي لفظن ۾ هن ريت آهي.

”منهنجي شاعري ديس ۽ دنيا جي وڏن آدرشن ۽ واقعن کان نا آشنا نہ رهي آهي. ننڍي کنڊ جو ورهاڱو، ون يونٽ پاڪستان ۾ ٽي دفعا مارشل لا، ننڍي کنڊ ۾ ٽي جنگيون، جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ۽ ويٽنامي جنگ، مائوءَ جي هاري ترولتاريءَ جي انقلاب ۽ ان کان پوءِ چين ۾ ثقافتي انقلاب، ٻين مهاڀاري لڙائي، روسي انقلاب کان پوءِ پولنڊ، هنگري ۽ چيڪوسلاوڪيا ۾ روسي والار جي خلاف بغاوت، ايٿوپيا ۾ ڏڪار .... مان ڀانيان ٿو تہ منهنجي شاعريءَ ۾ قومي ۽ بين القوامي واقعات ڏانهن اشارا دنيا جي ڪنهن ٻئي شاعر کان گهٽا آهن.“

اياز جو هڪ شعر هيئن ٿو شروع ٿئي.

”سچ اها تارازي آهي جنهن ۾ هرڪو ائين سمجهي ٿو. هن جو ئي پڙ ڀاري آهي.“

هن قول تي شيخ اياز جي شاعريءَ جو اڀياس ڪبو تہ بنا هٽڪ چئي سگهبو تہ هو امن پرست، آزادي پرست ۽ مظلومن جي ساٿاريءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

بين القوامي سطح تي سندس شاعريءَ ۾ مکيہ لاثاني شعر جي سندس قلم مان نڪتا آهن.

اڄ بہ هو فاشي ڪتا
مون کي قابو ڪن ٿا

ڳورو ڳٽ وجهي ڳاٽي ۾
هو ڪنهن انهيءَ سناٽي ۾
منهنجا گيت وجهن ٿا.'

'جيل جي گيت تي جيلر ۽ قيديءَ جي وچ ۾ ڳفتگو'
''... مان اڳ بہ اندر آيو هان
(مان آزاديءَ ۾ جاڳو هان
۽ آزاديءَ ۾ مرڻو هان.)
مان تو وٽ ور ور ورڻو ها....''

'ويتنام آزاديءَ جي راهہ تي'
''ديرن مٿان ڏير، ڏيريل ٻارن انگڙا
ڪنول وانگر هٿڙا، پوڇا جهڙا پير
الا، هي انڌير، جيجل تنهنجي جيءَ سان.''

ءُ
''اجي ٿيڻ جي آرزو، بندوقون ۽ بم!
ويريءَ جا آڪاس ۾، هڏن سوڏا چم
اهي آزادي ڪم، ڏونر ڏاري ٿي وجهي.''

اٿني فرنڪ جي ڊائري دنيا جي ادب ۾، ٻين مهاڀاري جنگ وقت جو ٻارهن سالن جي معصوم ڇوڪري، نازي جرمنيءَ جي ترنگ بابت لکي آهي. جا سندس موت بعد ڇپي ويئي. اٿين فرنڪ لاءِ لکي ٿو:
''اٿني! منهنجي پينڙي، ڏورانهين ابلا!
اڄ جو منهنجو گهاو مان، رت ڪيا ريلا،



انهن ۾ تنهنجا، سهسين سڏڪا ٿو سڻان.

'لمبا جو ديس' نالي هڪ شعر ۾ هو ڪنهن اردو شاعر کي مخاطب آهي. ڪانگو جي آزاديءَ وقت اتان جي هيرو لمبا جو بيلجيم جي سامراجشاهہ پاران قتل ڪرايو ويو، جنهن دنيا جي سڀني ترقي پرست عناصرن ۾ غصي جي لهر پيدا ڪئي، ان وقت جن پنهنجي ملڪ ۾رجعت پسند طاقتن سان سمجهوتو ڪيو هو پر پنهنجو ترقي پسند چهرو قائم رکڻ لاءِ لمبا تي شعر لکي سستي مشهوري پٽي سميٽي. انهن کي چوي ٿو :

'بلڪ پاڻ مري ٿو پڪ ۾، توکي ناهہ ديا
لمبا جي ديس تي، پر تو گيت چيا
ڇو جو ناهہ هيا، ان ۾ جوکا جيءَ جا.'

پر لمبا جي موت اياز تي گهرواٿر ڪيو هو. اڳتي هلي ساڳئي ٿي شعر ۾ چوي ٿو :
'آءٌ لمبا آهيان، ۽ ٻيو منهنجو پاڻُ
آهي جنهن جي پيڙ جو مون ۾ اڄ پرلاءُ
گهوري هن جو گهاءُ، مون مان رت چڪ پيو.'
(شاعريءَ جا سڀ ڪوٽيشن شيخ اياز جي ڪتاب' ڪپر ٿو ڪن ڪري' مان کنيل)

پنهنجي ڪتاب 'وڄون وسڻ آيون' ۾ 'ڪيوبا جي انقلابي چي گوئيرا جي موت تي' چوي ٿو :
ساري عمر غلاميءَ ڪان

آزادي پل جي بہ چڱو آ.
۽ تو پنهنجي پوري جندڙي
جنهن پل ۾ پرپور پري آ،
سو پل سگهہ صدين جي آهي.

ان ئي وقت هن ’ويتڪانگ جو سائگان تي حملو‘ ۽ ’هيروشيما‘ جهڙا شعر لکيا آهن. ’هيروشيما‘ ۾ هو چوي ٿو :

ها، هيءَ اسان جي ڪائي آ -
ان اوچي ڪائيءَ کي گڏجي
چا، تو مون آگ لڳائي آ !

شيخ اياز مکيہ طور ۽ بنيادي طور هڪ شاعر هو. سياستدان نہ هو (مظلوم بنگلا ديسي عوام سان يڪمشتي ڏيکارڻ لاءِ ڪجهہ وقت لاءِ مجيب الرحمان جي نئشنل عوامي پارٽيءَ جو ميمبر ٿيڻ جو اعلان ڪيو هئائين.)هو ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ جو ميمبر نہ رهيو پر سدائين سندس شاعريءَ جي تارازي مظلومن طرف ئي سرسيري رهي.

’هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن‘ جي مهاڳ ۾ هن گني سامتاٽيءَ سان گفتگو جو ذڪر ڪيو آهي. جو هن ريت آهي، ”هڪ ڳالهہ هن اها ڪئي تہ جڏهن دؤر گذري ويندو تڏهن منهنجي سياسي شاعريءَ جي ڪهڙي اهميت رهندي ؟ جنهن تي مون چيو منهنجي ڪيتري شاعري سياسي نہ آهي، اها تہ صاف بچي ويندي. سياسي شاعريءَ جي باري ۾ مون کي اهو چوڻو آهي تہ هر فن جيڪو سياست سان واڳيل آهي، اهو هرويرو امرت کان وانجهيل نہ آهي. پولنڊ جي موسيقار شاپن پنهنجي موسيقي پولنڊ جي آزاديءَ لاءِ ڪم آندي هئي، پر اها اڃا بہ اڳي وانگر زندهہ آهي، توڙي نہ رڳو زار پر ڪاميسار بہ ختم ٿي ويا..... آخر مائڪو



فسڪي، يو تو شينڪو، دوز نيسينڪي، نازم حڪمت، فيض، پبلوزودا ۽ دنيا جي ڪيئين شاعر ٽئگور ۽ اقبال تائين سياست سان واڳيل رهيا آهن، پر وقت گذرندي هنن جي شاعريءَ جي اهميت ختم نہ ٿي آهي. مون هن کي گويا جي مصريءَ جو مثال بہ ڏنو. جا پنهنجي دؤر جي اسپين جي سياسي حالتن کان متاثر هئي. مون هن کي روسي مصور ريپن جو پڻ مثال ڏنو.

مزاحمتي شاعريءَ جي تيستائين اهميت آهي، جيستائين ظلم آهي ۽ ان جي خلاف آواز اٿارڻ ضروري آهي. مون هن کي مزاحمتي شاعر پال ايلوارڊ جو مثال ڏنو ۽ اسپين جي مزاحمتي شاعر البٽي جو هينيون شعر پڙهايو.

’اف، هن ڪاري رات کي پاسيرو ڪري نٿا سگهون ؟ هي سڀ سال خوف ۽ هراس جو ڳنو آهن، جنهن کي ٿوڙي اسان ان روشنيءَ کي اجاگر ڪيون جا اسين ڄاڻون ٿا تہ مؤجود آهي، ۽ ڄاڻڻ جو اسان اهو ڄاڻون ٿا، اسان اڳتي وڌون، گيت ڳائيندا وڃون مؤت تائين.‘

ها، هتي اياز جو پنهنجي شعر مان هڪ بند :

’جيستائين ماٿر ڇٽيندين
جيئڻ ڪارڻ جنگيون ڇيڙيندين.‘

اياز، ’ڪتي تہ پڇبو ٽڪ‘ (آتم ڪٿا) ۾ پنهنجي شريڪ حيات زرينا سان تصوري گفتگوءَ جو بيان ڪندي ڪن همسفرن کي ساڻ کڻڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، جنهن ۾ هن نالا ورتا آهن. مائيڪل اينجيلو، جان گوگ، ڀڳت ڪبير ۽ تورودت ۽ زرينا کان اهو پڇڻ تي تہ تو سياست ۾ بہ ڪافي وقت وڃايو آهي. ڪنهن سياستدان کي سفر ۾ کڻندين ؟ جي جواب ۾ چوي ٿو، ’ها حشو ڪيولراماڻي ۽ مهاتما گانڌي.

هنن ئي ڪيس پرک جي ڪسوٽي ڏني، جنهن کي هو سڄي عمر پنهنجي فن کي اجارڻ ۽ اوچاين تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو

رهيو.

اڳي ذڪر ڪيو ويو آهي هن پاڪستان جو نظريو زندگيءَ جي آخرين دم تائين نہ قبوليو ۽ پاڻ کي سدائين سنڌ سان واڳيل رکيائين، سنڌي تاريخ، سنڌ جون روايتون، سنڌي ٻولي، سنڌي شاعري، حقيقت ۾ ڪيس سنڌي شخص جي هر پهروءَ سان بي انتها محبت هئي. سنڌ سان سندس رشتو پيچيدا (ڪامپليڪس) هو. هن ڪڏهن سنڌ کي ماءُ مڃيو ۽ اهو افسوس ظاهر ڪندو رهيو تہ ڀارت ماتا جو مفهوم تہ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ابريو، جنهن رنگ لڳايو، پر اسان سنڌواسي سنڌو ماتا جو تصور پيدا نہ ڪري سگهياسين - ساڳئي وقت هن سنڌ کي هڪ محبوبا جيان پيار پڻ ڪيو. ٻي ڳالهہ جا ذهن نشين ڪرڻ لائق آهي تہ هن لاءِ لطيف ۽ سنڌ ٻئي مٺ سٽ واري مفهوم وارا ساڳي شئہ جا ٻہ لفظ هئا. ائين ٿو لڳي جڏهن هو سنڌ کي مخاطب آهي تہ سندس ڪنڌ شاهہ طرف آهي ۽ جڏهن شاهہ سان ٿو ڳالهائي جڏهن ان جي عظمت اڳيان سيس نوائي بيٺو آهي، ان وقت هو سنڌ جي مٽيءَ طرف نهاري رهيو آهي. سنڌ ۽ لطيف سان محبت جو اظهار هن هن ريت ڪيو آهي، ”ها، مان پنهنجي زندگيءَ جو پورو پوتاميل فقط پٽائيءَ کي ڏيڻ چاهيان ٿو.“ ۽ اڳتي لکيو اٿائين :

”اي سنڌ! جيڪڏهن مون کي ڪنهن سگهڙ وٽ هڪ اڌ لفظ، هڪ اڌ ٻول نظر آيو آهي تہ اهو مون هن کان کسيو آهي، مون تو لاءِ سچا ڦريا آهن ۽ پينگين کي ڪات هنيا آهن. مون رتي رتي ڪري ميڙي آهي، ان کي ڏوڙ دئي وانگر سونجهي صاف ڪيو آهي ۽ تو لاءِ جهوني ڪان جهونا ۽ نئين کان نوان ڳهڻا گهڙي، توکي ڪنوار وانگر سينگاريو آهي. نہ رڳو مون کي ڪوئي سڳ سوڌو پڪڙي نہ سگهيو آهي، پر مون ڪٿي بہ پنهنجا پيرا نہ ڇڏيا آهن. مان پنهنجا هاڃا پاڻ ٿو ٻاسيان، نہ تہ مون کي ڪوئي گواهہ نہ آهي.“



اهو چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هن جا سنڌ ۽ شاهہ تي چيل شعر سنڌي قوم جي شعور تي وقت جي واريءَ تي نشان نہ پر جبلن ٽڪرن پٿرن، تي نشان ڇڏي ويا آهن ۽ سنڌوءَ جا ڪنارا سندس شعرن کي ايندڙ صدين تائين پيا جهونگاريندا ۽ انهن جا چپ سندس لفظن کي چمندا رهندا، چاڪاڻ جو هر لفظ سندن سيني جو آواز بڻيل آهي. سندس اهڙن شعرن مان هتي ڪجهہ ئي پيش ڪرڻ جي گنجائش آهي.

’سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس جهڪايان ... مٽي ماٿي لايان،

.... تنهنجي مٽيءَ منجهہ ملان جي،
آءُ امرتا پايان.
سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس جهڪايان
(اهو گيت قومي تراني جي حيثيت ٿو ماڻي.)

هڪ لوليءَ ۾ چوي ٿو :
’سنڌ بہ تنهنجي اهڙي جيجل، جهڙي جيجل آنءُ
جي تون پنهنجي پونءَ چميندينءَ، هرندءِ مون لاءِ هانءُ.‘

سنڌي سوروير سپوتن لاءِ چوي ٿو :
’مون ويندي تن جا پير ڏٺا، مون ڇا ڇا مڙس مٽير ڏٺا!
جي ڪيئي سج اپاري ويا، جي ڪيئي سج سمائي ويا.‘

آمر کي للڪاري ٿو :
’منهنجو اڳهہ پڇين ٿو آمر!
منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تون ؟‘

ءِ

’ڪاتيءَ هينان ڪنڌ، پوءِ به نعرا نينهن جا،
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ، مرنداسين پر مرڪندي.‘

يا

’سنڌڙيءَ ساٽ سچومر، ڪوري ڪنڌ ڏنومر،
گهوريس گهوريس سنڌ تي.‘

يا

سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو،
سهندو ڪير ميار ڙي يا.‘

سندس سدا حيات بيت : ’جاڳ پٽائي گهوٽ، سنڌڙي ٿي توکي سڏي‘ سنڌي قوميت ۾ هڪ حد نشان ٿو رکي، پر شيخ اياز کي صرف هڪ سياسي شعور وارو شاعر ڪري مڃڻ غلطي ٿيندي. هن زندگيءَ جي هر پهلوءَ سان پيار ڪيو آهي. معصوم دلڙين جو ڪچڙو پيار، ناز ۽ نخرا، پيار ۽ فراق، اهي سڀ نظارا شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. ڪڏهن چوي ٿو :

’ڪجري گجر پير هوريان ته ڏر،
گهاگهر نه ڇلڪي پوي.‘

يا

’هرڪا مومل، هرڪو راڻو
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين کي.‘

ڪڏهن ڳائي ٿو :

’رابيل رت مايا نگر
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.‘



۽ ڪڏهن وري ٿر ۾ غربت جو هيبتناڪ منظر ٿو چٽي :

ڪنڊيءَ نه سڱري، ٻير نه پلڙو،
سائو نه سلڙو، چانگون نه ڇيلڙا! مارو اڪيلڙا ! مارو اڪيلڙا !
پنڊيءَ نه ڳيڙو، وهه وات ويلا،
منهڙا به پيلا، ڳوڙها ڳهيلڙا ! مارو اڪيلڙا ! مارو اڪيلڙا!

(مون کي تپرس ٿيندو آهي ته هن تهه غريب ۽ ذڪر جو بيان ڪندڙ گيت جي ٽڪي تال واري طرز تي سنڌي نوجوان ڇيڄ وجهندا آهن.)

اهو گيت پڙهي شيخ اياز پاران وانگر گوگ جي پٽاٽا کائيندڙ چتر جو بيان دل تي تري ايندو آهي. وانگ گوگ پنهنجي ڀاءُ ٿيو کي هڪ خط ۾ لکيو هو، ”منهنجي تصوير ۾ ٻئي ڳالهيون ڏيکاريل آهن، پگهر جو پورهيو ۽ ڪاڏو.“ پر هتي نه پگهر جي پورهيي جي گنجائش آهيءَ نه وري ڪاڏو آهي.

شاهه لطيف صوفي درويش منصور جي شهادت کان متاثر ٿي حوصلي مند نافرماني ظاهر ڪندي هڪ بيت چيو هو :

”جر ٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،
سپيئي شيءَ ٿيا سوريءَ سزاوار،
همه منصور هزار ! ڪهي ڪهندين ڪيترا.“

اهڙي جذبي ته ظلم ۽ ڏاڍ اڳيان سر ناهي جهڪائڻو، شيخ اياز انهيءَ راهه تي رسيو :

”سچ وڏو ڏوهاري آهي،
روز ازل کان پڪڙيو ويو آ

زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ،
ڳولي ڳولي ماريو ويو آ.
۽
’مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان.‘‘

اياز بيت ۽ وائيءَ جا نج سنڌي فارم اپنائي ڪين نئين زندگي بخشي ۽ نئين سر مروج بڻايو. هن غزل کي پڻ فارسي اردو ڪوڙڪي مان ڪڍي نج سنڌي پهراڻ پهرايو، جنهن کي گيڙوءَ رتو غزل چيو پئي ويو. بيتن ۽ واين لکڻ ڪري جيڪي عوام ۾ مشهور ٿيونءَ سندس شاهه لطيف سان محبت ڪري ڪن اديبن ۽ نقادن کي وهم ٿيو ته شيخ اياز سنڌي صوفي شاعريءَ جي سلسلي کي اڳتي چوريو آهي، پر حقيقت اها نه آهي. اياز کي صوفي شاعر ڪري سمجهڻ ساڻس انياءُ ٿيندو. جڏهن ڪ عوامي ذهنيت ۾ شاعري ۽ پيغمبري ٻئي گڏو گڏ هلن ٿيون ته هن غلط فهميءَ جو امڪان ڪجهه وڌيڪ ٿي آهي. اياز جي ذهن جون پاڙون هنري انقلاب سان وابسته انسان پرستي (هيومنزم) جي فلسفي ۾ کتل آهن ۽ هيءُ سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي جو دنيا جي جدا جدا ذهني هلچلن کان واقف آهي. انسان پرستيءَ جو هڪ جزو قوميت جو مفهوم پڻ آهي. هن کي تاريخ ۽ قوميت جي مفهوم جي ڄاڻ هئي. قوم ۾ ٻولي ڪهڙو رول ٿي ادا ڪري هو ان حقيقت کان بخوبي واقف هو. اڳ تي حوالو ڏنو ويو آهي ته هن پاڪستان نهڻ کان اڳوات ئي اهو ظاهر ڪيو هو ته مان پڪستاني نه آهيان. پاڪستان هڪ رياست طور وجود ۾ آئي، پر هن ’پاڪستاني ذهنيت‘ کي جنهن مذهب جي بنياد واري اُصول کي سدائين ناڪاريو ۽ هو پنهنجي زندگيءَ ۾ شاعري ۽ شعور کي سنڌي تاريخ جي ’لا ڪوفي‘ ورثي ۽ انسانيت جي فيلسوفيءَ سان ملائي هڪ سيڪيولر ذهنيت جو مالڪ رهيو. هن هندو ۽ مسلمانن جي جيڪي



ساڳي ٻولي ڳالهائين ٿا هڪ ٿي قوم جو حصو ڪري تسليم ڪيو، سياسي ۽ رياستي ورهاڱي بعد پڻ هن نارائڻ شيام کي هڪ علامت بڻائي، ڀارت جي سنڌين سان ڳنڍ قائم رکيو. هن مذهب جي بنياد تي انسان کي ورهائڻ کان نابري واري. ان جو اهو مطلب نه آهي ته سندس مذهب سان ڪو واسطو ڪونه هو. اسلام کان سواءِ هن کي هندو ڌرم لاءِ پڻ عزت ۽ ڄاڻ هئي. هندو پراڻڪ ڪٿائن، ديون ديوتائن، پوڄائن جي ڄاڻ هئي. ڪيس جين ۽ ٻڌ ڌرم جي به چڱي ڄاڻ هئي.

جيئن مٿي لکيو اٿم ته نارائڻ شيام، اياز لاءِ هڪ علامت هو. نارائڻ شيام لاءِ سنڌ صرف هڪ پرڳڻو نه پر مارئيءَ جي ملڪ ملير جيان هو. هن لاءِ سنڌ ملير جي مٽيءَ جي علامت هئي. هڪ طرز زندگي، هڪ اتهاس ۽ تهذيب جي نمائندگي ڪندڙ هئي. هڪ وسيع شيام حوالي ۾ نارايڻ شيام ۽ شيخ اياز جي گفتگو چالو رهي ۽ ان جو ذريعو بڻي شاعري نارائڻ شيام جڏهن مايوس ٿي چيو :

’جواني جنم ڀوميءَ مان ڪٽي نڪرڻ کان پوءِ اڄ
ٻنهي مان ڪنهن ٻهاني پي ڏسي هاڻي نه ڪا سگهبي.‘

جڻ شيخ اياز هن جو جواب ڏيندو هجي:

’دل ته چوي ٿي سارا ويڇا
ڀاڪر پائي رکي ڪريون ها
سانگي سياست جا آهن جي
تن کي ڪانا ڪک ڪريون ها.
ڪيڏي اڄ اسان ۾ آ پر
چاهيون ٿا ته به ڪونه ملون ٿا!
ڇا ڪا ڌرتي پنهنجي آهي ؟
ڇو نه ملون ٿا ؟ ڇو نه ملون ٿا ؟

سارو وقت اکين ۾ ڳوڙها
توکي مون کي آيا آهن
هن دنيا ۾ ڪيئي پنهنجا
هڪ ٻئي لاءِ پرايا آهن.‘

جڏهن يادگيرين جي تهخانن مان نارائڻ شيام چرڪي چنڊ
ڏانهن ڏسي پڇي ٿو :
”جو نوشهري ۾ ڏسندو هوس اهوئي چندرما آهي!“
تہ اياز جواب ٿو ڏئيس،
”ون بہ ساڳيو واس بہ ساڳيو،
من بہ ساڳيو ماس بہ ساڳيو،
ڌرتي ۽ آڪاس بہ ساڳيو،
۽ ارتواتهاس بہ ساڳيو،
پنهنجو جيءُ جياپو ساڳيو....“
.....
هڪ ٻئي سان گڏ چو نہ جيون ٿا ؟
هڪ ٻئي کي سڏ چو نہ ڏيون ٿا ؟
هڪ ٻئي جو مڏ چو نہ ٿيون ٿا ؟

١٩٦٥ع واري سال ۾ هند پاڪ جنگ جي دوران شيخ اياز جريت ڏيکاري ۽ جنهن لاءِ خوشيءَ سان جيل جي سزا ڀوڳيائين، اهو تاريخ جو هڪ انوکو ۽ جزوي مثال آهي.‘ هي سنگرام ’کوتا ۾ نہ صرف نارائڻ شيام هڪ علامت طور ٿي ڪم آندو ويو آهي پر ان کوتا ۾ اسان جي گڏيل وراثت ۽ سنڌي تاريخي تحت الشعور ۾ جيڪي عڪس سمايل آهن. اهي پڻ پوري جماليات سان ظاهر ٿين ٿا.



”هي سنگرام!
سامهون آ
نارائڻ شيام!
هن جا منهنجا
قول بہ ساڳيا
ٻول بہ ساڳيا
هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏٺي، پر
منهنجا رنگ رتول بہ ساڳيا
ڍٽ بہ ساڳيو
ڍول بہ ساڳيو
هانءُ بہ ساڳيو
هول بہ ساڳيو
هن تي ڪيئن بندوق ڪٽان مان!
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!!
ڪيئن هڻان مان !!!“
(اهم ڳالهہ اها پڻ آهي تہ ’ڪيئن هڻان مان‘ ۾ سوال جي نشاني بلڪل نہ آهي.)

نارائڻ شيام جي موت تي اياز جيڪو ’سر نارائڻ شيام‘ رچيو اهو پنهنجي ليکي هڪ تاريخي ڪاوش ۽ ڪارنامو آهي، ان ۾ بہ رايا نٿا ٿي سگهن - سنڌي شاعريءَ جي اونهن تهن جو پڙاڏو آهي، چون ٿا تہ موهن جي دڙي کي هڪ ٻئي مٿان ست دفعا ناهيو هئائون ۽ هي پڙاڏو زمين دوز ٿيل پهرئين موهن جي دڙي جي مٽيءَ مان، وقت جي ويڇن جي تهن کي چيري لاوا جيان ٻاهر نڪتو آهي. چون ٿا تہ هماليہ نهڻ

ڪان اڳ پڻ سنڌو نديءَ جو وجود هو، هيءُ آواز ان ازلي سنڌوءَ جو آواز آهي.

اهو سوچڻ غلط ٿيندو ته شيخ اياز جي گفتگو صرف ناراڻ شيام سان رهي آهي. هن ساميءَ سان به خوب رهاڻ ڪئي آهي ’ساميءَ ڪان سوال ڪيا اٿائين. هڪ هنڌ چوي ٿو :

”پٽائيءَ کان پوءِ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ’سامي‘ منهنجو ڳوٺائي هو. هو منهنجي شخصيت جو هڪ پر اثرار حصو ٿي رهيو آهي. جڏهن به ماحول مون ڪان ڏاڍو ٿي ويندو آهي، مان ساميءَ ڪان سام گهرندو آهيان. هونءَ ساميءَ سان سدائين منهنجو جهيڙو هوندو آهي ۽ مان هن جي ويدانت ڪان لهرائيندو آهيان. اڄ جڏهن مان موت جي منهن ۾ پهچي چڪو آهيان ’سامي‘ مون کي وري پناهه جو پاند آڇي رهيو آهي. ڇا مان هن ويدانتيءَ مان جان ڇڏائي سگهندس ؟ ڇا مان اڪيلو موت کي اکين ۾ گهوري نٿو سگهان ؟ هوا ڪيڏا نه ترڪڻ وارا تڙ ڏسي رهيو آهي ! ڇا مان سڌو ڇلانگ ڏيئي ڇولين جي پاڪر ۾ نٿو وڃي سگهان ؟ اڄ ساميءَ سان منهنجو پويون جهيڙو آهي، يا ته هميشه لاءِ هن جي آڻ ايڏو متيپد آهي ؟ ڇا ويدانتي ناستڪ جو نهنو نانءُ نه آهي ؟“

اياز جو ساميءَ سان جهيڙو اجهو هيئن ٿو شريع ٿئي :

هيءُ جو ساگر سونهن جو، انهيءَ ڪان انڪار !
سامي پنهنجي سوچ تي، تون ٿي پنهنجو چار
سچو آ سنسار، جوٽ سنڌءِ ٿي جيءَ ۾.

۽

ڪيڏو توکي ڪؤ، آهي مايا موهه ڪان،
آڏيءَ ارهه مندجا، جوٺا آهن ڇؤ؟
پورا! تنهنجو پؤ، جاڙا اجائي جيءَ سان ؟

آخر شيخ اياز پڇاڙيءَ ۾ مداحون لکڻ شروع ڪيون، ائين



لڳي ٿو ته اياز ساميءَ سان سمجهوتو ڪري ٿي ڇڏيو! هن موضوع تي ڪيترا ئي بحث ٿي سگهن ٿا ۽ ٿيا آهن پر هڪ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري آهي ته اياز جي موت بعد ’مهراڻ‘ جي شيخ اياز نمبر ۾ شروع ۾ ڏنل چؤسٽن ۾ ڪن مايوسيءَ جي عالم ۾ لکيل چؤسٽن ۾ پڻ زندگيءَ سان لڳاو جا اهڃاڻ ملن ٿا.

’باهوڙين بسيرو دنيا سڀ ڪنهن کي وڻٺو هو،
هي جڳ سارو جوٺو آهي ان کي مور نه مٺو هو،
نيٺ ڳلين مان ڳائٽين جي پيرو تو کي پٺو هو،
جيسين آهه جواني تنهنجي تير انهن کي سٺو هو.

۽

سونهن سڄي سنسار جي تنهنجي ٻولي آهي لٽي هو

۽

باهو هيءَ بازار پري آ هر شيءِ من کي موهي هو،
تون به انهيءَ ڪان ائين ڇڇين ٿو ڇڻ ته ڇڪيئه ڪنهن ڇوهي هو.

اياز کي هندو ڌرم، فيلسوفيءَ ڪان سواءِ ٻڌ ۽ جين ڌرم جي ڪتابن جي پڻ بخوبي ڄاڻ هئي. هو پنهنجي آتم ڪٿا جي پهرئين ڀاڱي ۾ سٺر سفر جو احوال ڏيندي لکي ٿو :

”مان وقت جي درياهه ۾ ٽپو ڏيئي ويرا واهه مان مٿي ٿو ايران؟ مون کي گهوڙيءَ جا کنڊهر ٿا نظر اچن. پاري نگرا اجوڪي نگرپارڪر جي شهر ڪان چوڏهن ميل ۽ ويراواهه ڪان اوير طرف به ميل آهي. عيسوي ٻين صديءَ ۾ اتي جين ڌرم وارن جو مندر هو ۽ جينين جا ڪيترا ئي مندر اڄ تائين به پارڪر ۾ آهن .... جين ڌرم جا ڪل چوويهه پيشوا يا ڌرم نيتا ٿي گذريا آهن. چوويهن ڌرم نيتائن مان

يارهون نمبر شري انشانات، سنڌ ۾ ڄائو هو.... مون ۾ شاهه لطيف وانگر نه فقط جين ڌرم پر تڪششلا ۽ پيشاور ۾ ٻڌ ڌرم جا بت ڏٺا، انهن ڌرمن جا ڪتاب پڙهيا جن جي مطالعي جو اثر 'ڪپر ٿو ڪن ڪري' ۽ 'هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن' ۾ آيل سلوڪن تي آهي.''

چو ته آتما پنهنجي ويسرائپ ۽ بي پرواهيءَ
جي ڪري پيڙا ٿي سهي
۽ ترلوڪ ۾ ڦيريون پائيندي وڃي ٿي
گوتم، تت چوڪس رهه!

ان ڪري سارو موهه تياڳي ڇڏ
۽ هڪ پوتر ڪمل وانگر ٿيءُ
يا سر جي جل وانگر ٿيءُ
هر موهه کان آجو ٿيءُ
گوتم چوڪس رهه!

گوتم چوڪس رهه جي ورجاءَ هڪ جيڏي نظم جي خوشبوءِ آهي.

اياز چيني گرنٿ 'پوجيه پد' (دگمبر پنٿ جو پوئلڳ) جي ڪن ٽڪرن جو پڻ ترجمو ڪيو آهي. ان جا ڪي ۾ مثال هن ريت آهن:

''پنڇي هر ڏس کان اچن ٿا
۽ وڻن تي ويهي وسرام ڪن ٿا
پر پرهه ڦٽيءَ جو هر ڪوئي پنهنجي واٽ وٺي ٿو،
۽ اهي سيئي ٻئي پار وڃن ٿا.''

آتما هڪ ڳالهه آهي، پدارٿ ٻي ڳالهه
اهو ئي سچ جو نچوڙ آهي
ٻيو جو ڪجهه به چيو وڃي



رڳو اپٽار آهي.

اياز لکي ٿو، '' ڇا ٽئگور جي شاعريءَ ۾ مٽئين نظم جو پڙاڏو نه آهي ؟ .... در اصل ۾ ڀارت جي سوچ هڪ اٽوٽ زنجير وانگر آهي، جنهن جو ڪڙو ڪڙيءَ سان جڙيو پيو آهي.

آخر ۾،
ڪوئي عيسيٰ، ڪوئي گوتم،
ڪوئي گانڌيءَ جي وفات
زندگيءَ جي سينڌ جو جهومر ٿيو
جنهن سان جهر ڪيوسين ذات!

هن مضمون جي پڇاڙي شيخ اياز جي ڊائريءَ جي ورقن مان هڪ ٽڪري سان ڪندس.

''الست جي عهد کان پوءِ جڏهن انسان عالم بالا مان ڌرتيءَ طرف ٿي آيا، تڏهن مان تنها پنڌ پيو هوس. جڏهن پنڌ ڪري ڪري ٿڪجي پيس، تڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهاريم ته پريان ڪجهه درخت نظر آيا. مون ويجهو وڃي ڏٺو ته انگور جي ول هيٺان هڪ رند لاابالي پنهنجي صراحيءَ مان جام ڀري پي رهيو هو. مون اڃا هن سان ڏيٺ ويٺ ئي نه ڪئي هئي ته هن جام ڀري مون ڏانهن وڌايو. مون حيرت ۾ هن کان پڇيو، ''تون ڪير آهين ؟'' هن جواب ڏنو، ''منهنجو نالو عمر آهي، 'عمر خيام'. مون ڪوئي عهد نه ڪيو آهي ۽ سيني کان لنوائي پڇي آيو آهيان.''

''ايتري ۾ مون کي پريان گيڙوءَ رتي لباس ۾ هڪ جوڳياڻي نظر آئي، جنهن کي هڪ ڪلهي تي يڪتارو هو ۽ ٻئي تي چوٽري هئي ۽ هوءَ ڳائيندي ٿي آئي :

'موري جنم مرڻ کي ساٿي،

توهي نا بسرون دن راتي.‘

جڏهن هوءَ ويجهو پهتي تہ هن مون کي چيو، ”هيءَ ڇوڪري نہ وڻائي هيٺ رک، مان ٿڪجي پيئي آهيان. الاجي شيام ڪٿي ملندو ؟“

مون هن کان پڇيو، ”مائي تون ڪير آهين ؟“

”مان ؟ مان ميران ٻائي آهيان.“

”ڪيڏانهن ٿي وڃين ؟“

”ڪيڏانهن، خبر نہ آهي شيام الائي ڪيڏانهن ويو ؟“

”انهيءَ ڇوڪريءَ ۾ ڇا کنيو اٿئي ؟“

”ڇا کنيو اٿم، انهيءَ ۾ اهي ٽي ڳوڙها کنيا اٿم جي شيام جي وڇوڙي ۾ ڳاڙيندي آئي آهيان.“

”هون، خيام کي ڳالهہ نہ وڻي - هن مون کي اشارو ڪيو تہ سندس جام ڳيٽ ڏيئي پي وڃان. مون ڇڪي ڇڪي - اها ٽارونءَ کي ايتري تکي لڳي، جو مون جام رکي ڇڏيو.“

”هيءُ انگور جو رس آهي، ڇو نٿو پيئن ؟“ خيام پڇيو.

مون جواب ڏنو، ”خيام تنهنجو رس ڏاڍو تکو آهي.“

ميران ٻائيءَ ٿڌو ساهہ کڻي چيو، ”انهيءَ رس ۾ هن ڇوڪريءَ جو ڪجهہ پاڻي ملائي پيءُ، شايد ان جي تک گهٽجي وڃي.“

مون ’خيام‘ جي رس ۾ ’ميران‘ جا ڳوڙها ملايا ۽ پوءِ ڪيئي جام پي ويس.

هن ’ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون‘ ۾ هڪ نوجوان شاعر جو ذڪر ڪيو آهي. جو هٿڙهار موسيقار هو ۽ ڀڳت ڪنور جي موت تي، دودو چنيسر تي سمفني (هم آهنگ سازن جي سنگيت دواران ڪنهن اهم واقعي جو بيان) پئي ٺاهڻ چاهي ۽ هڪ نئون موضوع پڻ مليو هوس، جنهن جو ذڪر شيخ اياز هن ريت ڪيو آهي، ’ارغونن جي دؤر ۾ سنڌي زالون گهر کان ڪجهہ پنڌ تي ٿالهي اونڌا ڪري ڳاهہ سان ڍڪي



رکنديون هيون تہ جيئن ارغونن جا گهوڙا اچن تہ انهن جا سنب انهن پيل ٿالهن تي وڄن ۽ ڳوٺ کي اڳواٽ ئي اطلاع ملي و ڇي تہ ارغونن اچن ٿا.‘

اڄ شيخ اياز خيام جي شراب ۾ ميران جي ڳوڙهن جو پاڻي وجهي جام پي رهيو آهي ۽ گهوڙن جي سنبن جا آواز ٿالهن تي ويجهو پوندا ٿا وڃن... ڇا سنڌ ٻڏندي ؟ - سڄاڳ ٿيندي ؟ يا اڳتي شاهہ لطيف سان گڏ اياز کي پڻ جاڳڻ لاءِ منٿون ۽ ايلاز ڪندي، ڏاڍن کي ڏارڻ لاءِ ؟ ... جيسين هو جاڳن تيسين ڇا سنڌ جا نوجوان ڏاڍ سهندا رهندا ؟ ڇا اهوئي سنڌ جو آئيندو آهي ؟

جواب سنڌ جي نوجوان پيڙهيءَ کي ڏيڻو آهي.

(ٽڙيل پکڙيل پنا (٢٠١٣) تان)

## اي. جي. اتم ۽ سنڌي ادب

اتم سچو ڪميونسٽ - سنڌي ليکڪ هو.

هتي مان سچو ڪميونسٽ ۽ سنڌي ليکڪ اندر لائين ٺو ڪريان ۽ مان هتي اها اجازت چاهيندس ته هنن ٻن لفظن جي تمام مختصر ۾ اوک ڊوک ڪريان ۽ ان پس منظر ۾ اتم جي يوگدان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريان ۽ ان ئي زمين تي سندس ڪاميابين جي ڪٿ ڪريان.

شروعات سچو ڪميونسٽ سان ڪندس ۽ ائين ڪندي مارڪسواد ۽ بعد ۾ ڪميونسٽ ويچارڌارا جي ڪن لفظن جي خاص تشريح ڪرڻ ضروري ٿيو پوي.

- ڪميونسٽ مارڪسوادي فيلسوفيءَ ۾ هڪ ڪلاس جو شمار ٿو ٿئي. 'بورز واءِ' ۽ ٻئي جو اظهار 'پورليتاري' لفظ ۾ سمايل آهي. اهي مخصوص لفظ ڪنهن خاص طبقاتي مساوات (ايڪيوئيشن) جو حصو آهن. 'بورز واءِ' اهو طبقو آهي. جو زميداري ۽ جاگيرداري سماج جي پچاڙي آهي. اهو حصو سدائين پاڻ کي مٿي رهيل گروهه کي پنهنجو آدرش سمجهي ان جي طرز تي هلت هلندو آهي - ان جا ماڻ ماپا، طرز زندگي، عادتون، شونق، زبان ۽ اظهار ان گروهه جهڙو ئي ٿيندو آهي، پر مٿيون ذميدار هلنديءَ وارو گروهه کين ڪڏهن ٻچڪاريندو آهي ته ڪڏهن ٺڏي ڇڏيندو آهي. مارڪس جي اڳڪٿيءَ موجب هي ذميدار طبقي جو حصو، پنهنجي دماغي قوت ڪري، هنري انقلاب جي اثر هيٺ، هنرن ۽ ڪارخانن جي سنڀال ڪندو ۽ آهستي آهستي پنهنجو ڪلاس ڇڏي (ڊي ڪلاس) ٿي پروليتاري طبقو بڻبو. هاري ناري



ذميداري نظام پروليتاري طبقو بڻيو. هاري ناري ذميداري نظام کي ڇڏي اچي ڪارخانن ۾ نوڪري ڪرڻ لڳا. جن جو پنهنجي زمين سان رشتو ٽٽي چڪو هو، جنهن جي موڙي ۽ لوازمو سندس محنت هئي. اهو طبقو هڪ نئون شعور اپنائيندو ۽ ڪيس سوجهي ايندي ته 'پونجي' (ڪئپيٽل) سندس ئي محنت جو واڌو ملهه (سرپلس وئليو) آهي. ان وقت اهو 'بورز واءِ' طبقو جيڪو پروليتاري سان گڏ ٿي چڪو هوندو، اهو 'انقلاب' جي منهاري (وئن گارڊ) ۾ رهندو. ائين بورز واءِ ڪلاس جو، پنهنجو ڪلاس ڇڏڻ، هر ڪنهن ڪميونسٽ لاءِ هڪ لازمي عمل آهي، هن ريت اتم پڻ پنهنجي سنڌ ورڪي خاندان جون سڀ خصلتون تياڳي هڪ نئون انقلابي شخص بڻجڻ جو رستو اختيار ڪيو.

اُتم جي ڪٽنب جو هندستان جي آزاديءَ جي هلچل سان ڏورانهون رستو پڻ نه هو. هن لاءِ رستو ته نڌي هوندي ئي طيءِ ٿيل هو. ڏيساور ۾ وڃي پئسي ڪمائڻ جو. راهي لڪي ٿو، 'جسلوڪ وارن جي اُتمچنداڻي خاندان جي سپوت شري اي.جي. اتم ١٩٤١ع کان پبلڪ ۽ ساهت جيوت شروع ڪئي. (سنڌيت جو اُپاسڪ اُتم -ص. ١٦٧). ائين نه صرف اُتم پنهنجي آکهه ۽ ان جي پرمپرا کي پٺي ڏني پر ان سماج جي آچار-ويچار ۽ وهنوار کي پڻ الوداع ڪئي. اهو غور طلب آهي ته 'سڌريل' سماج ۾ 'نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي'. 'جهڙو لڳي واءُ تهڙي ڏجي پٺ'، 'جتي پڄڻ محال، اتي ڀڄڻ ڪم وريام جو'، 'انڌي کي انڌو نه چئبو آهي' جهڙا 'سياڻپ' ڀريا اصطلاح موجود هيس ۽ دؤر جو دستور پڻ اهڙو هجي جو پنهنجي ڳالهه پوشيدهه نموني ڪري چوٽ ڪجي جو اڳلو چوٽ تي پڻ واهه واهه ڪري. هن جو هڪ مثال ڏيان. اُتم، عزيز تي ساهت اڪاڊميءَ پاران لکيل مونوگراف ۾ عزيز پاران وقت جو ذڪر هن طرح ٿو ڪري. 'سندن سنگت سبق آموز هئي. هو سخن چوندي ۽ ٻڌندي وقتي هڪ ٻئي تي چوٽون به ڪندا

هئا، مگر اهڙي سليقي سان جو اڳلو خوش ٿئي ۽ نہ رنجيندو'' هن ادب آداب جي ٻوليءَ ۾ اظهار جي برعڪس اڻ پڙهيل دهقاني، ڳالهہ ڪن سڌي، جو سندن من ۾ هجي اهو زبان تي هلي اچي - سندن اظهار ۾ ڪي ور وڪڙ هجن ۽ ڪي وري ڪن مولاين وانگر سچل جو ڏسيل رستو اپنائين 'سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وڻي نہ وڻي. ڪوڙي دوستيءَ جو دم ڀڻي نہ ڀڻي. 'اتم پاڻ کي پنهنجي ڪلاس کان الڳ ڪندي نہ صرف پنهنجو گهرجون تمام گهٽ رکيون پر پنهنجي ڪلاس جي چترائي 'سياڻپ' پڻ ڇڏي ۽ وهنوار ۽ اظهار ۾ دهقاني ۽ ڪي مولائي قدر اپنايا. اهو سچو سندس 'ڊي ڪلاس' پنهنجي ڪلاس کي ڇڏڻ جو هڪ لازم عمل هو. هڪ ڪميونسٽ لاءِ لازمي آهي تہ پنهنجي مقصد ڏانهن هڪ چٽو ٿي ڪيس هلڻو آهي. ڪيس مقصد بابت ٻچتو ٿيڻ جي اجازت نہ آهي.

١٩٤٠ع آزاديءَ جي جنگ هڪ شديد دؤر مان گذري رهي هئي ۽ سڀ ويچار ڌارائون ڪانگريس جي جهنڊي هيٺ ڪم ڪري رهيون هيون. ١٩٤٢ع جو 'هندستان ڇڏيو' تحرڪ هڪ برقي ڪيميا (ڪٽلسٽ) جو ڪم ڪيو ۽ ڪيترا نوجوان جيلن اندر داخل ٿيا، انهن ۾ هڪ آسن چينانند اُتمچندائي پڻ هو. حيدرآباد ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جو اڳوان حيدربخش جتوئي هو. اٿين سنڌي ادب جي ٽہ مورتيءَ جي ٽين مورت جي ڪميونسٽ طور ترتيب ٻين ٻن جي ڀيٽ ۾ الڳ نموني ٿي. سنڌ ۾ اتم هجي ها تہ هن جو ڪاريہ ڪيتر هاري هلچل يا مزور هلچل يا ٽريڊ يونين هجي ها. پر شاگردي دؤر ۾ ڪيس پارٽيءَ پاران شاگردن ۾ جاڳرتا ۽ ادب جي جماعت بندي ڪرڻ جو دائرو مليو. جنهن موجب هن ڪاميابيءَ سان ڪاليجي مسئلن ڦليليءَ جي ايڊيٽر جا فرض نباهيا ۽ ڪيترن اهم ليکڪن جا مضمون ان ۾ ڇپايا ۽ ٻين ٻولين ۾ ترقي پسند ڌارا جي اثر هيٺ ليکڪن جي جماعت بندي ڪري انهن کي



دوست ٻڻائڻ جو ڪم ڪيو. اهو ضروري نہ سمجهيو ويو تہ ان جماعت بنديءَ جي دائري ۾ سڀ ليک مارڪسوادي يا ترقي پسند هجن، پر اڪثريت قوم پرستن جي ۽ انسان پرست ليکڪن جي هجڻ ڪري مارڪسوادي ويچارن کي ڦهلائڻ جو هڪ مرڪز ضرور ثابت ٿيو. اٿين ورهاڱي کان اڳ ١٩٤١ع کان هن ڪي مضمون، ڪهاڻيون لکيون ٤٧-١٩٤٦ ۾ ڦليلي مخزن جو ايڊيٽر ٿيو ۽ ان ئي سال حيدرآباد ۾ هن ساهتيہ منڊل جي شروعات ڪئي، جتي مشهور ليک ۽ شاعر جيئن تہ ليکراج 'عزيز'، پروفيسر اين.آر ملڪاڻي، تيرٿ بسنت، حيدر بخش جتوئي ۽ وقتي صوبو گيانچندائي ۽ حشو ڪيولراماڻي پڻ ڀهرو وٺندا هئا.

اٿين آسن چينانند اُتمچندائي، جنهن جي ترتيب هڪ 'سچي ڪميونسٽ' طور هاري ليڊر يا ٽريڊ يونين ليڊر طور ٿي هئي 'اُتم' طور ساهت ڪيتر ڪم ڪرڻ لڳو. اهو شايد ان ڪري ٿيو تہ آزاديءَ کان ڪجهہ سال اڳواٽ ملڪ تي مذهبي سياست حاوي رهي ۽ هندن ۾ هاري نہ هئا ۽ حيدرآباد ۾ تہ مزدور طبقو پڻ اڻ لکو هوندو. ورهاڱي بعد تہ اتم لاءِ صرف اهو ئي رستو کليل هو.

هتي اها ڳالهہ دهرائڻ ضروري آهي تہ اُتم جي ذهني ملهن جي ڍانچي (وئليو اسٽرڪچر) ۾ تاريخي طور هر ڳالهہ نسبتي هئي. پر اخلاق ۾ جيئن ڪوبہ شخص ٩٩ سيڪڙو پرٽيل نٿو ٿي سگهي، اهو يا ڪنوارو آهي يا پرٽيل آهي، ان موجب ڪوبہ شخص ٩٩ سيڪڙو سچو نٿو ٿي سگهي. هو يا ڪوڙو آهي يا سچو. ان لاءِ ڪوڙ ۽ سچ جي وچ ۾ صرف تلوار جي ڌار جي وٿي هئي، سچ ۽ ڪوڙ ٻہ ڪنارا نہ هئا جنهن جي وچ ۾ ڪا ندي هجي جنهن تي پڻ ڪو آمدرفت جو وسيلو هجي. سندس اخلاقي ڍانچي ۾ 'وچ واري وات'، جا ئي پڙهيل ڳڙهيل 'سياڻي' شخص لاءِ آدرش آهي، ان لاءِ ڪوبہ وجود نہ ۽ زندگي ڀر ان جي قيمت خوشيءَ سان چڪائيندو رهيو.

هيءُ موقعو وٺي مان سنڌيت جي هلچل ۽ ترقي پسند ساهت جي هلچل تي تمام مختصر حوالو ڏيان ته هڪ صحيح پس منظر پيش ٿي سگهي. آزاديءَ جي هلچل هلندي آزاد هندستان جي اڏاوت بابت جدا جدا شخصن ۽ عناصرن کي الڳ الڳ خيال هئا. ڪن مغلن جي وقت انگريزن جنهن حالت ۾ هندستان ورتو هو ان طرز تي هڪ مرڪزي حڪومت جو تصور ڪري ان جي پنڀرائي پئي ڪئي ۽ اٿين 'هندو' راشٽروادي ويچار رکندڙ اکنڊ هندستان ۽ ڀارت ماتا جهڙا جذباتي استعارا ڪٽي پئي هليا. پر ڪن هندستان کي الڳ الڳ پرڳڻن جي آڌار تي هڪ طاقتور مرڪز سان هلائڻ لاءِ جوڙجڪ جي ڪلپنا پئي ڪئي. پر هن هلچل هلندي شروع ۾ ئي ٻوليءَ جي سوال منهن ڪڍيو. انگريزن جيئن جيئن جدا جدا حصا فتح پئي ڪيا،سندن هٿ هيٺ موجود پريزيڊنسي سان ويا لاڳو ڪندا، انهن الڳ الڳ ٻولين، ڪلچر ۽ تاريخي انيو جي هڪجهڙائيءَ جو ڪوبه خيال ڪونه رکيو. ۱۸۹۴ع جي ڪانگريس اجلاس ۾ آندرا جي ڊيليگيٽن هن ڳالهه تي اعتراز ورتو ته کين مدراسي ڪري نه ليکيو وڃي. ڇاڪاڻ جو سندن ٻولي ڪلچر، آچار، وهنوار ۾ تامل ٻولي ڳالهائيندڙن کان الڳ هئا ۽ کين هڪ ئي ايڪائيءَ جو يڪو حصو سمجهڻ غلطي ٿيندي. هلچل هلندي عام تائين پهچڻ لاءِ ملڪ جي جدا جدا ٻولين جو اصول قبول ڪري ڪانگريس جو پرچار عوامي ٻولين ۾ ڪرڻ جو فيصلو ڪيوويو، اٿين پهريون ڀيرو راجنيتي طور ٻولين کي تسليم ڪيو ويو، اڳتي هلي، يورپ جي (نئشنل اسٽيٽس) قومي رياستن جي طرز تي، جي ٻولي، ايراضي ۽ گڏيل تاريخ انيو جي بنياد تي وجود ۾ آيون هيون، هندستان ۾ ٻوليوار رياستن جو نعراءُ پڻ بحال ڪيو ويو. ڪميونسٽ ويچار ڌارا هندستان کي هندو راشٽر وادين جي نظريي جي برعڪس هندستان جي جدا جدا ٻوليوار رياستن جو بر صغير (سب ڪانٽينينٽ) تصور ڪندا هئا ۽ اٿين هرڪا ٻولي هڪ جدا قوم جو اُهڃاڻ



هئي. البت آزاديءَ جي هلچل جي آخرين دؤر ۾ جڏهن سياست جو محور قوميت مان بدلجي مذهب بڻيو ته بدنصيبا اردو ۽ هندي ٻوليون پڻ هن لپيٽ ۾ لپٽجي ويون ۽ ٻولين جو سوال منجهي پيو.

فرقيپرستيءَ ڪري ۽ اردو هندي ٻوليءَ جي ان الجهاءَ ڪري - نهرو ٻوليوار رياستن جي سوال تي به چتو ٿي پيو، پر ٻوليوار رياستن جي تصور کي تلانجلي ڏيئي نه سگهيو، تنهن ڪري ڀارت جي جوڙجڪ نهڻ وقت انهن سڀني ٻولين جو ذڪر اٺين شيڊيول ۾ ڪيو ويو، جن جي آڌار تي رياستون نهٽيون هيون، پر سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪنهن به رياست ۾ هجڻ ممڪن نه هو، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ کي جوڙجڪ ۾ داخلا نه ملي. جنهن ڳالهه سنڌي عوام کي جوش ڏياريو، ڇاڪاڻ جو هو زمين وڃائڻ بعد ٻولي وڃائڻ لاءِ تيار نه هئا. جڏهن هندستان جي سياست جو محور مذهب مان ڦري ٻولي ٿي ۽ ۱۹۵۵ع ۾ ٻوليوار رياستون برپا ڪيون ويون، تنهن بعد ئي سنڌي ڪانگريس ليڊرن ٻوليءَ طرف توج ڏنو ۽ سنڌين جي گهر جي پنڀرائي ڪئي. پر نهروءَ جي جيئري سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي نه ٿي، ڇاڪاڻ جو نئشنل اسٽيٽ جي حوالي ۾ ٻولي ۽ زمين جا سوال، سندس من ۾ ڳنڍيل هئا-

ورهاڱي کان ٿورو وقت اڳ جڏهن جي.ايم.سيد جناح جي اصلي مرادن کي ڀانپي ويو ۽ ساٿس چڪري ڪاڍي ان وقت ۾ مسٽر محمد ابراهيم جويو هڪ ڪتابڙي لکي 'سيو سنڌ، سيو ڪانٽينينٽ' ''سنڌ کي بچايو ۽ صغير کي بچايو'' ان ۾ سنڌين جي جداگانه قوم هئڻ جو تصور پيش ڪيل هو.

سنڌي جاتيءَ جي حوالي ۾ ورهاڱي بعد ڪانگريس جي نيتائن اهو سمجهيو ته ڇاڪاڻ آزادي مذهب جي سياست هلندي ملي آهي، اڳتي پڻ هندستان جي سياست جو مرڪز ۽ محرور مذهب رهندو ۽ هو آزاد ڀارت ۾ گهٽائيءَ واري جاتيءَ جا ليڊر ٿي ويندا ۽ ان ويچار تحت

انهن سنڌي هندن کي جذب ٿي وڃڻ جي صلاح ڏني. ان وقت ڪميونسٽ ويچار ڌارا وارا ٻوليءَ جي باري ۾ چتا هئا ته سنڌي هڪ الڳ ٻولي ۽ ڪلچر جا وارث آهن ۽ ٻولي سندن سڃاڻپ جو واهڻ آهي. جن اکنڊ ڀارت ۾ وشواس پئي رکيو، انهن سياسي اڳوانن سنڌ تان هٿ کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ سندن خيال موجب ورهاڱو غير فطرتي هو تنهن ڪري اهو گهڻو وقت نه هلندو ۽ آخر ڀارت جو سپنو ساڪار ٿيندو ۽ انهن پڻ جذب ٿي وڃڻ جي صلاح نه قبولي، زندگي ڪڏهن به رڪجندي نه آهي. زندگيءَ جو وهڪرو ڇيهون ڇيهون ٿي ويو ته جدا جدا ڌارائن ۾ روا دوان هليو، ان وقت سنڌي شاگرد هئا، سنڌي ماستر هئا، سنڌي ليکڪ هئا، اخبار نويس هئا، هرڪو پنهنجي ادرپورنا جي جدوجهد سان گڏ پنهنجي ڪيتر ۾ ڪم ڪرڻ ۾ جنبي ويو.

هن پس منظر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ لڳا، تعليم هلڻ لڳي ۽ زندگيءَ جو ڪاروان اڳتي پئي هليو. سنڌي جاتيءَ لاءِ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش جو دؤر، پاڻ کي غرق ٿيڻ کان بچائڻ جي ڪشمڪش، مايوسي ۽ اونده انڌڪار! ان حالت ۾ جن مارڪسوادين ۽ ڪميونسٽن وٽ ٻوليءَ ڏانهن سڄاڳي ۽ هڪ فرض جو احساس هو، اهي اهڙين حالتن جي ترت بدلجڻ جو پيغام کڻي آيا ۽ هڪ وشواس کڻي آيا ته انقلاب جاڻ آيو ڪ آيو، متان دل لاٿي اٿو. هڪ اهڙي سماج جو نرماڻ ٿيندو جنهن ۾ نه ڪو ڏکيو بکيو رهندو، نه ڪو ڏنوان رهندو ۽ نه ڪو غريب - سڀ هڪ جهڙا ٿي ويندا. اُميد رکو، اميد جو ڏيئو ٻريل رکو، اميد جي ڏيئي جي لاٽ کي ختم ٿيڻ نه ڏيو، اوهان جا ڏک ۽ ڏولاوا وقتي آهن. نيٺ، جلد ئي انقلاب جو سج ايرندو ۽ اوهان هڪ نئين نياءَ ڪاري سماج، هڪ نئين يگ ۾ شامل ٿيندا. ائين هڪ ٻئي ڪميٽمينٽ زير سنڌي ٻوليءَ جاتيءَ جي نرالي سڃاڻپ سماجي انقلاب لاءِ جدوجهد ڪندا جي ڳڀرو نوجوان کڻي هڪ مجموعي سڃاڻپ پيدا ڪري، مالهي،



ڪيرت ۽ اتم هڪ ڌارا جي اڳياري (وئن گارڊ) ۾ آيا. سماجوادي انقلاب ڪين گوهي ڏيئي الائي ڪهڙي موڙ تي ڪهڙي گهٽيءَ ۾ غائب ٿي ويو. پر سندن سنڌي ٻولي، سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي جاتيءَ جي مسئلن ڏانهن سڄاڳي ۽ سندن سنڌي ٻولي، سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي جاتيءَ جي مسئلن ڏانهن سڄاڳي ۽ سندن قربانيءَ بابت ٻه رايا نه ٿا ٿي سگهن.

اتم جڏهن محسوس ڪيو ته سندن ڪيتر ساهت ئي آهي ته هن ١٩٥١ع ۾ هڪ ليک لکيو. 'ادب ۽ زندگي' جو سندس ادبي ڪيتر ساهت تي آهي ته هن ١٩٥١ع ۾ انهن جي پس منظرن سندس ڪاميابي، ناڪاميابيءَ جي ڪٿ ڪرڻ ممڪن ٿيندي، ڪنهن ٻئي جي ويچار کي ڪسوٽي ٻڻائي سندس ويچارن جي ڪٿ ڪرڻ ساڻس بي انصافي ٿيندي. اها هڪ الڳ ڳالهه آهي ته اوهان اصولي طور ڪنهن ٻي زمين تي بيهي ساڻس متڀيد رکو - اهو اختيار اوهان کي سدائين رهندو.

(١) سماج ۽ ساهت جو گهاٽو سنٻنڌ آهي ... مشهور يوناني فيلسوف ارسطوءَ جي چوڻ موجب 'صرف جانور ۽ ديوتائي سماج کان الڳ رهي سگهن ٿا.'

(٢) دراصل اسان جو دماغ ئي آهي، جو هر ڪنهن فن کي جنم ڏئي ٿو ۽ دماغ جي پرورش غير مادي، مطلق ۽ مجرد خيالات تي نه بلڪ اسان جي آزمودن، علم ۽ خاص وايو منڊل تي ٿئي ٿي، جيئن ساهتڪار جو آزمودو ۽ علم وڌي ٿو، تيئن ان جو اثر هن جي خيالن تي پوي ٿو ۽ پوءِ هن جي لکڻيءَ تي، پوءِ اها لکڻي بي مقصد ڪيئن ٿي سگهندي ؟ ان ڪري اديب زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾، باخبر يا بيخبر، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح ترقي پسند يا رجعت پسند طاقتن جو ساٿ ڏئي ٿو، هن جي غير جانبداريءَ جي دعوي بي معني آهي.

(٣) زندگيءَ ۾ هر وقت ترقي پسند ۽ رجعت پسند طاقتن جي ڪشمڪش هلي رهي آهي، ان ڪري سچو ساهت جنتا ۾ هر ڪنهن

ترقي پسند چيز لاءِ پيار پيدا ڪري ٿو ۽ رجعت پسند چيز لاءِ ڌڪار.

(۴) سماج پيداوار جي ذريعن جي بنياد تي، مختلف طبقن ۾ ورڇيل آهي. هڪ نه ٻئي طبقي، انهن ذريعن کي ترقي ڏيئي، ان مان پيدا ٿيل سماجي لاڙن کي ترقي يافته صورت ڏيئي، انساني زندگيءَ کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ۽ اهو طبقو پنهنجي زماني جو ترقي پسند طبقو ٿي رهيو آهي.

(۵) عوامي زندگي سندس تخليق لاءِ زر زمين ڪچو مال ميسر ڪري ٿي ڏئي، جنهن کي پنهنجي رچنا شڪتي ۽ ڪلا سان نپي ناهي هو ادب پيدا ڪري ٿو. اديب کي پنهنجي ملڪ ۽ زماني جون گهرجون پوريون ڪندي، اهو ضرور ڪپي ته ڪٿي هن جو ادب سڪڙو اڻ گهريو پرچار ته نه ٿو ٿي پوي ؟ ... سوال ٿو اٿي ته، ’ڪهڙو به سنو خيال ڪنهن ڪجسي روپ ۾ پيش ڪرڻ سان ساهتڪار ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو ؟ اصل نه.‘‘

(ڪتاب ’’ادب ۽ تنقيد‘ مان ڪنيل - هڪ مضمون سال ۱۹۵۱ع نئين دنيا ۾ ڇپيو هو. هتي ڏنل سلسلو ۽ نمبر مون پاران آهي.)

اتم جي قلمي زندگيءَ جا جدا جدا ڪيتر رهيا.

- اتم هڪ ايڊيٽر اخبار نويس
- اتم هڪ مضمون نويس
- اتم هڪ نقاد - الڳ الڳ اديبن جون جيونيون
- اتم تخليقي ليکڪ
- اتم ادبي هلچل جو سرگرم ڪارڪن.

هڪ سچي ڪميٽيڊ ڪميونسٽ جيان هن اهي سڀ مورچا سنڀاليا جن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.



## اُتم سنڌيت جي هلچل جو هڪ سرگرم ڪارڪن

اُتم شروع ۾ ٻڙودي ۾ آيو ۽ ايڪانامڪس ۾ ايم. اي.ڪرڻ لاءِ ممبئيءَ آيو ۽ اتين ممبئيءَ ۾ وسي ويو. سرڪاري نوڪريءَ سان گڏ هن ڪن دوستن سان گڏجي ’نئون ساهت منڊل‘ جي شروعات ڪئي جو پوءِ هلي ’سنڌي ساهت منڊل‘ بڻيو. هتي نون ليکڪن اسرندڙ ليکڪن ۽ ساهت پريمين کي هڪ پليٽفارم مليو ۽ هڪ بزرگ سونهون مليو پروفيسر ايم. يو ملڪاڻيءَ جي صورت ۾. اُتم سنڌي ساهت منڊل جو سالن جا سال سيڪريٽري رهيو ۽ سرگرم رهيو. ساهت منڊل پاران سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ لوڪل سطح تي سميلن ٿيڻ لڳا. ۱۹۵٦ع ۾ ايشين ليکڪ سميلن ۾ پروفيسر ايم يو ملڪاڻيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ سنڌي ليکڪن جي وڏي وفد شامل ٿي. ان وقت دهليءَ ۾ پڻ سنڌي سماج چست ٿي ۽ ۱۹۵۷ع ۾ دهليءَ ۾ ڪنوينشن ٿي جنهن مان اڳتي هلي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا وجود ۾ آئي. هنن سڀني ۾ اُتم سرگرم رهيو۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت جو بنيادي سيڪريٽري رهيو. ان وقت سڀا جي ڪم جو مرڪز ۽ هٿيو جنرل سيڪريٽري هوندو هو ۽ سڀا جو صدر صرف صدارت جا فرض بجا آڻيندو هو. ظاهر آهي ته سڀا کي بنيادي روپ ۽ سندس اوسر ۾ اُتم کي ڪيتري ڪشمڪش ڪرڻي پيئي هوندي. جڏهن گوبند مالهيءَ جي سيڪريٽري هوندي ۽ پروفيسر بي.ايڇ. ناگراڻيءَ جي صدر هوندي ڪي سال سميلن نه گهرايو ويو ۽ ليکڪ ۽ ڪم ڪندڙ دل شڪسته ٿي ويا، ان وقت اتم چئلينج قبول ڪري الور ۾ سميلن ڪري سڀا کي نئين سر جاڳايو. اتم جو اهو ڪارنامو اڻ وسرندڙ آهي. هلچل ۾ سندس مضبوط ارادي ۽ پختگيءَ جا ڪئين مثال آهن. اٿين سڄي عمر سنڌين جي تحرڪ سان پيار جي پيچ ۾ ٻڌل رهيو. اتم هندستان جي ترقي پسند ليکڪن جي سنستا سان شامل رهيو ۽ ڪيس

لکنوءِ ۾ مان ڏنو ويو.

## اُتم هڪ ايڊيٽر ۽ اخبار نويس

جڏهن ڪنهن ادبي رسالي جي سمپادڪ جي ڳالهہ ڪبي آهي تہ ان کي اخبار نويسيءَ جي حوالي ۾ نہ آڪبو آهي پر هڪ اديب جي صورت ۾ ان جي ڪٿ ڪئي ويندي آهي. اتم صرف ’نئين دنيا‘ جو ايڊيٽر هجي ها تہ مان ضرور ائين ئي ڪريان ها، پر اتم وقت جو سڏ اونائي ’نئين دنيا‘ کان سواءِ سنڌو ڌارا ۽ سنڌو سماچار ۽ پڇاڙيءَ جا ڪي سال هن احمد آباد مان نڪرندڙ جهولي لعل کي پڻ ڏنا. پر اهي سڀ مخزنون، اخبارون سنڌي ادبي سماجي، ڪلچر هلچل جي ڦهلاو لاءِ هڪ واهڻ ٿي پئي آيون.

نئين دنيا ١٩۴٨ع هندستان ۾ وري شروع ٿي ۽ مارڪسوادي متي موجب اها ١٩٥٧ع تائين مجموعي طور ايڊيٽوريل بورڊ هلائيندي هئي ۽ اتم ان بورڊ جو ميمبر هو. ١٩٥٧ع ۾ حالت اها ٿي جو ساٿي نراس ٿي ويا ۽ نئين دنيا بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيائون، تنهن تي اتم اڳتي وڌيو ۽ ١٩٥٧ع کان وٺي هن ڪاميابيءَ سان نئين دنيا کي شخصي طور هلايو ۽ ساٿين کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هلچل ۾ فولادي ارادو ۽ ڪاميابيءَ ۾ يقين ۽ اڻ ٿڪ محنت هڪ واحد رستو آهي. ساڳي حالت ’سنڌو ڌارا‘ سان ٿي. جڏهن دوست سنڌو ڌارا کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا تہ اتم جي اتساهہ ڏيارڻ و جوابداري پاڻ کڻڻ ۽ ڪن دوستن جي ساٿ جي آڌار تي ’سنڌو ڌارا‘ ڪيترا سال هلندي رهي ۽ اها بند صرف تڏهن ڪئي ويئي جڏهن ’سنڌو سماچار‘ روزاني شروع ڪئي ويئي. روزاني اخبار جي اهميت بابت ۽ اتم جي محنت جي اپٽار ڪرڻ غير ضروري آهي.



جهولي لعل اخبار جي هرتا ڪرتا ۽ سمپادڪ ديال موٽواڻيءَ جي افسوسناڪ حادثي بعد پڻ اتم اخبار بند ٿيڻ نہ ڏني ۽ ان کي ممبئيءَ مان ويهي هلائيندو رهيو.

هلچل ۾ نئين دنيا جو هڪ يگانو رول رهيو آهي. نئين دنيا مخزن سنڌيءَ کي سوين ليکڪ ڏنا ۽ ڪو وقت هو جو ليکڪ جي تسليمي سندس رچنا جو ’نئين دنيا‘ ۾ ڇپجڻ ليکيو ويندو هو. نئين دنيا ۾ ٥٠٠ اصلوڪيون آکاڻيون، ٢٠٠ مضمون ۽ ١٠٠٠ کان مٿي شعر ڇپيا ويا آهن. ليکڪن کي نالي ماتر اجورو ڏيڻ جي روايت پڻ اتم نئين دنيا ۾ ڇپجندڙ مواد جي ليکڪن سان ڪئي.

نئين دنيا جي زير سايع خاص ڪڍيل شمارا اڄ پڻ ادبي کيتر ۾ ڪوجنا ڪندڙن لاءِ ڪارائتا ثابت ٿين ٿا. نئين دنيا جا ڪل ڏهہ - خاص انڪ نڪتا، جي هن ريت آهن :

(١) شاهہ، سچل، سامي - سال ١٩٦٢ع
(٢) انترراشٽريہ ادبي انڪ - ١٩٦۴ع
(٣) جواهرلال نهرو انڪ - ١٩٦۴ع
(۴) ڪرشن کٽواڻيءَ جون ڪهاڻيون - ١٩٦۴ع
(٥) سندري اتمچنداڻيءَ جون ڪهاڻيون ١٩٦۴ع
(٦)انترراشٽريہ ڪهاڻي انڪ - ١٩٦٥ع
(٧) اياز انڪ - (٢) - ٧٠ - ١٩٦٦ع
(٨) ليکراج عزيز - ١٩٧١ع
(٩) سنڌ جون عورتون ليکڪائون - ١٩٨١ع
(١٠) سنڌي ڊراما سنڌ ۽ هند جو - ١٩٨٢ع

’جهوليلال‘ اخبار جا خاص انڪ جي اتم ايڊٽ ڪيا، اهي آهن:

(١) اياز ۽ شيام ڪوتا پرچو - ١٩٩۴ع
(٢) جي.ايم. سيد پرچو - ١٩٩٦ع

(۳) سنڌيت جون ڪهاڻيون - ۱۹۹٦ ع

(۴) ايم. يو. ملڪاڻي (هڪ سؤ سال يادگار) - ۱۹۹۷ع

هن ’ڏرميگ‘ جو جيئي سنڌ پرچو سال ۱۹۷۲ ع ۾ ايڊٽ ڪيو ۽ ’ساريڪا‘ جي سنڌي ادبي انڪ لاءِ پڻ ڪمليشور کي ڪافي ساٿ ڏنو.

سنڌي تحريڪ سان وابسته مٿيان سمپادن جا ڪم ڪندي اتم اخبارنويسي، جي نوع جا ڪتاب پڻ لکيا. (۱) سوويٽ سرڳ (۲) نئون چين (۳) يارت روس دوستي (ڪوجنا) (۴) مهاتما ۽ لينن (۵) يارت جو دوست لينن. ’يارت روس دوستي‘ ڪتاب لکڻ تي هن کي سوويٽ لئنڊ انعام مليو ۽ ’يارت جو دوست لينن‘ تي روس جي گشت جو موقعو پڻ ميسر ٿيو.

## اُتم هڪ نقاد

اتم هڪ برجستو نقاد پڻ رهيو آهي ۽ سندس تنقيد جي ڪتابن کان سواءِ ساهت اڪادميءَ پاران هن قداور شخصيتن جون مختصر ۾ جيونيون پڻ لکيون آهن، جنهن ۾ سندس ڪٿ پڻ شامل آهي. ساهت اڪادميءَ پاران سندس لکيل ڪتاب آهن : (۱) منگهارام ملڪاڻي (جيوني ۽ جائزو) (۲) ليکراج عزيز (جيوني ۽ جائزو) (۳) ڪلياڻ آڏواڻي (جيوني ۽ جائزو)

سنڌي تنقيدي ڪتاب آهن : (۱) ٽئگور هڪ جهلڪ (۲) سنڌي ساهت (تنقيد ۽ تحقيق) (۳) ساهت ۽ ساهتڪار (تنقيد ۽ تحقيق) (۴) سڄاڳ سنڌ (تنقيد ۽ تحقيق) (۵) سنڌي ناٽڪ، ڪهاڻي ۽ تنقيد.

ادب بابت اڳوات ڏنل اتم جي حوالي کي دهرائيندي ”زندگيءَ ۾ هر وقت ترقي پسند ۽ رجعت پسند طاقتن جي ڪشمڪش هلي آهي. ”هن ويچار کي کڻي پنهنجي وقت ۾ مهان ليکڪ وقت جي ترقي پسند پذير خيالن سان واڳيل هئا. اتم ڪافي مضمون لکيا آهن گرو نانڪ ديو، شاهه لطيف، سامي، سچل، ٽئگور، منشي پريمچند، شرت



چندر ۽ سنت گيانيشور، اها نئين نموني ڪٿ نقاد اتم جي سنڌي ساهت کي اهم دين آهي.

اتم کي تاريخي شعور هو. ڪنهن به تاريخ جي چاڙهه کي خبر آهي ته تاريخ ۾ سالن ۽ تفصيلن جي صحيح سلسلي کي ’پوترتا‘ جهڙي اهميت ڏيندي آهي، ڪنهن به غلط بيانيءَ تي اتم الجهي پوندو هو، جيئن اڳتي هلي تاريخ ۾ ڪنهن غلطيءَ جي گنجائش نه رهي.

## اُتم تخليقي ليکڪ

اتم جا ٻه ڪهاڻين جا مجموعا آهن. ’ڪشمڪش‘ ۱۹۷۲ع ۾ هو جهان هيءُ من‘ - ۱۹۹۱ع. اتم پنهنجي مضمون ’اڻ وسرندڙ وشو ڪهاڻي‘ ۾ اوهينري، چيخوف، ترگنيف، ٽالسٽاءِ، گالورٿي، ٽئگور، منشي پريمچند ۽ شرتچندر جي رچنائن جو ذڪر ڪيو آهي. ان مان لڳي ٿو ته ڪيس جديد ننڍي ڪهاڻيءَ جو روپ جي بخوبي ڄاڻ هئي ۽ ان جي فني ضرورتن کان واقف هو. (هن وقت مون وٽ ڪشمڪش مجموعو مؤجود نه آهي، تنهن ڪري مان پاڻ کي ’هو جهان هي من‘ تائين محدود رکندس.)

آڪاڻي فوڪسڊ هجي ۽ آڪاڻيءَ ۾ جملن جو صرفو هجي (ايڪانامي گ اف ايڪسپريشن) اها ننڍي ڪهاڻيءَ جي بنيادي ضرورت آهي، هن ويچار کي اپنائي اتم ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس آڪاڻيون دماغي طور ويچارا ڏيندڙ (ٽيزرس) ڳجهارتون نه آهن سڌيون سنوائيون بياني طرز ۾ پيش ڪيل آهن منجهن ڪي به لفظي ڪلابازيون ۽ ڪرتب نه آهن.

هن جون ڪهاڻيون گهڻو تڻو عورت آزاد‘ جي موضوع تي ٻڌل آهن. آزاد عؤرت ترقي پسند ويچار ڌارا جو هڪ اهم انگ آهي. مرد ۽ عورت جي هڪجهڙائي، عورت کي دنيا ۾ مرد سان ڪلهو ڪلهي ۾

ملائي اڳتي وڌڻو آهي اهڙن جذبن سان سرشار آهن ڪهاڻيون. سندس ڪهاڻي ’نڊڪي‘ سنڌي جاتيءَ لاءِ استعارو ٿي ٿو ڪم اچي، جيتوڻيڪ استري سڀاءَ جي ’حسد‘ جي عناصر جي پڻ اوگهڙ ڪيل آهي. ڪي ڪهاڻيون ڀارت چين حملي بعدديش ڀڳتيءَ جي جذبي هيٺ پڻ لکيل آهن ۽ سندس ڪهاڻي ’روشني موٽي آئي‘ جواڪيلو شخص هوندي پاڻ کي غير سلامتيءَ ۾ جڪڙيل ٿو پائي، جڏهن مجموعي ۾ شامل ٿو ٿئي ته ڪيس سلامتيءَ جو احساس ٿو ٿئي. اها ڪهاڻي شخص تي مجموعي برتريءَ جو احساس ٿي پيدا ڪري. اتم جي مشهور ڪهاڻي ’راجا‘ جا بنگالي، گجراتي، مرهٽي، مليالم، اردو، اڙيا، انگريزي، رشين ۽ جرمن ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي، ان جو پڻ مرڪزي خيال اهو آهي ته جنهن ڪلاس سان رواجي طور مڊل ڪلاس جا ماڻهو نفرت ڪندا آهن ۽ حقارت سان ڏسندا آهن. حقيقت ۾ انهن جا ملهه ۽ قدر وڌيڪ صحيح ۽ صحتمند آهن. اتم ڪيترا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيا، جن ۾ شامل آهن : ڪيدارناٿ، ٻئلا (ناول) - ليکڪ امرتراءِ پريمچند)، پيار ۽ واسنا (ٽالسٽاءِ)، انسان جو نصيب (شولو خوف)، چويهه ماڻهو ۽ هڪ ڇوڪري (گورڪي) روپ بهروپ (خواجا احمد عباس)

مان وري چوان ٿو ته اتم سچو ڪميونسٽ سنڌي ليکڪ هو ۽ هاڻي به ڪڏهن ڪافلي جي سست رفتار ڏسي نعرو بلند ڪري. ”آفرين ساٿيو، اچا به اڳتي .... “ اهڙي ڪنهن آواز جي انتظار ۾ مان خاموشي ٿو اختيار ڪريان.

(اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جبلپور سيمينار ۾ پڙهيل)



## ڪرشن کٽواڻي ۽ سنڌ

ڏوريان، ڏوريان م لهان، شال م ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مَچِڻُ ملڻ سان ماٺي ٿئي. (شاهه)

”اهو ئي زندگيءَ جو سچ آهي“ (ترنڊڙ بادل - صفحه ٨٥)

ڪرشن کٽواڻيءَ جي جاءِ سنڌي نثر ۾ اها آهي جا نارايڻ شيام جي شاعريءَ جي ڪيتر ۾ آهي. سندن رچنائن ۾ جمالياتي حس لاجواب آهي - شري ڪرشن کٽواڻيءَ جو ڪيتر گهڻو ٽڙو نثر رهيو ۽ هن نمايان فرق جي باوجود ٻئي ليکڪ ڀارت ۾ ورهاڱي بعد سنڌي ادب ۾ روشن منار آهن. نارايڻ شيام ۾ چانڊوڪيءَ جهڙي ٺار ڏيندڙ، سيتلتا آهي ته ڪرشن کٽواڻيءَ وٽ هڪ لوچ پوچ ۽ بادلن جيان آڪاس ۾ بنا روڪ ٽوڪ ڍهني ڳولها ۽ ڪنهن ماڳ جي ڳولها جي سرگردانيت آهي.

شري ڪرشن کٽواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ’پنهنجا پراوا‘ (ڪهاڻين جو مجموعو) جي مهاڳ ۾ (جو حقيقت ۾ ڪلڪتي جي ڀارتيه ڀاشا ۾ مليل اوارڊ وقت هنديءَ ۾ ڪيل سنڌي ترجمو آهي.) ۾ لکي ٿو، ” اڌ رات جو ٽرين ۾ باردر ڪراس ڪرڻ ويل مون کي خيال نه آيو ته مان وري هن پنهنجي جنم ڀوميءَ ۾ واپس موٽي نه سگهندس، هيءُ جو ديس منهنجو هو، هن بعد ڌاريو ٿي ويندو. (صفحه - ٦)

بس اهو ئي احساس - جو اڻ ڄاڻائيءَ ۾ سسئيءَ ۽ مومل پڻ ڀوڳيو هو - بي خبريءَ جي عالم ۾ پنهنجي وجود جي حصي وڃائڻ جو اهو ئي احساس ڪرشن جي من ۾ هڪ مسلسل جستجو - هڪ ڳولها جي ڳنڍ ٻڌي ڇڏي، جا ڳنڍ کولڻ ۽ ڦولهڻ جي ڪوشش ئي سندس ساهت جي

چر آهي ۽ سندس لکڻين تي حاوي آهي. ڪرشن کٽواڻيءَ جي خلقيل ادب ۾ ڪيترا ئي عناصر آهن، جن تي ڪو ڊاڪٽريٽ ڪري اپٽار ڪري سگهي ٿو، پر مان هن پنهنجي مختصر مضمون ۾ هڪ ڳالهه پهلوءَ جو ذڪر ڪندس، ڪرشن ۽ سنڌ.

ڪرشن جو هڪ سپنو هو. ”ڪاديءَ جو ڪڙتو پاجامو پائن. ڪلهي تي ٿيلهو لٽڪائي، ان ۾ اسڪيچ بوڪ ۽ ڪجهه ڪاپيون وجهي، مان هن سنسار ۾ رلندو رهندس.“ پر آخر ٿيو ڇا ؟ جڏهن هڪ ڀار جو پنهنجي گهر جو ماڳ پلجي ويو هو، هڪ پهاڙ تي ويهي چؤطرف نهاريندي عجب کائي رهيو هو ته هيءَ دنيا ڪيڏي وڏي ۽ سندر آهي، پوءِ به هو پنهنجي گهر جو رستو ڇو ڀُولجي رهيو آهي ؟

هن سنڌ جي يادگيرين کان مڪتي پائڻ لاءِ ۱۹٦۲ع ۾ ناول ڇپايو. ’منڙي سنڌ‘ پر يادگيرين کان مڪتي ڪٿي ٿي ملي! سنڌ - سنڌ جون يادگيريون - سنڌي ٻولي - سنڌي سماج هن جي سوچ جو محور ٿي رهيون ۽ انهن جي ارد گرد ئي سندس گهڻو تڻو رچنا سنسار ان جو درد ۽ جستجو جي درد مان تخليق پائيندو رهيو.

ساڳئي مضمون ۾ قبول ڪري ٿو، ”اٽڪل چاليهه سال مڏيه پرديش ۾ رهڻ سان به مان هن زمين سان اهڙو ناتو جوڙي نه سگهيو آهيان جو ۱۷ سال سنڌ ۾ رهڻ سان اتيجي زمين - آسمان سان جڙيو هو. نديءَ کي ياد ڪندي سنڌو ندي ياد ايندي هئي. ميدانن جو تصور ڪرڻ ويل سنڌ جي ميٽائي، بنا گهٽي وٽڪار واري زمين اکين اڳيان ايندي هئي. ڪن ان ٻوليءَ کي ان طريقي سان ڳالهائيندي ٻڌڻ چاهيندا هئا، جيئن سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائي ويندي هئي.“ (صفحو ۹)

ساڳئي ڪتاب ۾ سندس ڪهاڻي ”اڌ لکيل خط“ جي نائڪا چارو، سندس ئي سوچ جو اظهار ٿي ڪري، ”اهو ڀوٽ ڪڏهن به منهنجي اکين کان دور نه ويو آهي. مان سدا ان کي ساريندي رهي



آهيان. مون سدا پاڻ کي ان ڌرتيءَ جي ڌيءَ سمجهيو آهي.“

نائڪ اعتراض ٿو ڪري ۽ پنهنجي دل جو ارادو ٿو پلٽي ڇڏي... ”جڏهن ياد ڪريان ٿو ته لڳيم ٿو مان سڀ ڪجهه اتي ڇڏي آيس. پاڻ کي... پنهنجي ماضيءَ کي. پنهنجي سک- سپنن کي.... مان توکي به سنڌ ۾ ڇڏي آيو هوس.... مان پاڻ، پنهنجي ماضيءَ کي اتي ڇڏي آيس.“ (صفحو ۵۹-۵۸)

هن ئي مجموعي ۾ سندس ڪهاڻي ’امانت‘ سنڌ جي ساروڻيءَ جي ڀرپور ڪهاڻي آهي.

سندس ڪتاب ’منهنجا ماروئڙا‘ جنهن ۾ ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون آهن - جو سنڌ جي سفر بعد ۱۹۹۲ع ۾ ڇپيو آهي. سنڌ سان سندس رغبت نه، محبت جو هڪ سنگ نشان آهي. وٽس سنڌيت جو شعور تمام چٽو ۽ صاف آهي، سندس ڪهاڻي ’سرحد جي هن پار‘ ۾ ليکڪ نندي هوندي جي دوست سليم معرفت سنڌيت بابت هن ريت بيان ٿو ڪري، ”انسان پنهنجي اندر ۾ جيترو اونهو ويندو آهي، اوترو پنهنجي ڌرتيءَ جي ويجهو پهچندو آهي. انسان جي سچي زندگي هڪ ڳولها آهي. پاڻ کي ڳولهيندي هو دنيا کي به پائيندو آهي ۽ اسان جي زندگي هڪ جدوجهد آهي. جدوجهد پاڻ کي بهتر بڻائڻ جي. پاڻ کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ۾ هو دنيا کي به بهتر بڻائيندو آهي. مڪمل سڦلتا ڪنهن انسان لاءِ نه آهي. پر هو جيترو ڌرتيءَ جي ويجهو هوندو اوترو وڌيڪ پاڻ کي پائيندو.... انسان صرف پنهنجي ڌرتيءَ جي پيدائش نه آهي. انسان پنهنجي ڪلچر ۽ تاريخ جي پڻ پيدائش آهي. اسين سڀ تاريخ جي وهڪري ۾ لڙهندڙ... هڪڙا لهرن سان وڙهندا آهن. تاريخ کي موڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ٻيا وهڪري ۾ لڙهندا ويندا آهن. يا ائين چئجي هڪڙا جيئندا آهن ۽ ٻيا جيئندا ئي ڪونه آهن.... نه هڪڙا موت کان اڳي مري ويندا آهن ٻيا موت بعد به دنيا جي (اوولوشن)

۾ زندهہ رهندا آهن. (صفحو ٣٣-٣٢)

جڏهن سنڌ ۾ هڪ ليڪڪا سان گڏيو تہ سندس ذهن ۾ هڪ خوشنما خيال ايريو، ”مون پاڻ کي چيو، سنڌ ۾ اڃا شهزاديون رهنديون آهن.“

سنڌ ۾ سنڌين جي مهمان نوازيءَ جي ڳڻ بابت چوي ٿو، ”منهنجي دل ۾ خيال آيو، جڏهن ڪنهن سنڌيءَ وٽ يم دوت ايندو تہ سنڌي ڪيس چوندو : ترس! پنهنجو فرض پوءِ ادا ڪج. پهرين ڪجهہ کاءُ پيءُ - اسان سنڌ ۾ اهڙي ئي مهمان نوازي ڏني.“ (صفحو ٥١-٥٠)

ٻوليءَ جي جادوئي رشتي جو هن ريت ٿو بيان ڪري، ”اسين بہ سنڌي هڪ پارت جو، هڪ پاڪستان جو پاڻ ۾ ائين ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين ڄڻ ڪڏهن جدا ئي نہ ٿيا هئاسين، ڄڻ جنمن جنمن کان گڏ هئاسين ۽ جنمن تائين گڏ رهنداسين.“ (صفحو ٥٩)

وري اڳتي چوي ٿو، ”جا پنهنجائي مون کي سنڌ جي زمين کي ڏسندي ۽ آسمان جي روشنيءَ کي چيريندي ملي اهڙي اڳ ڪٿي ڪانہ ملي هئي. هيءَ ڌرتي مون ٻالڪپڻ ۾ ڏني هئي. مان پنجيتاليهہ سال هن کان جدا رهيو هوس. پر لڳو پئي مان هن کان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿيو آهيان. لڳو پئي اندر ۾ هن جي سچائيپ لڪل جا اڄ وري روشناس ٿي آهي.“ (صفحو ٦٤)

پنهنجن يادگيرين کي ڦولهيندي، شاهہ لطيف کي ياد ڪري ٿو، سنڌ سان شاهہ جو نالو اچڻ تہ هڪ لازمي ڳالهہ آهي. چوي ٿو، ”مان ٻارهن سالن جو هوس جو شاهہ پهريون دفعو منهنجي پر ۾ آيو هو. ان بعد هو ڪڏهن واپس ڪونہ ويو. جڏهن جڏهن مون سنڌ کي ياد ڪيو، جڏهن جڏهن اندر ۾ هڪ خاليپڻو اتپن ٿيو، جو صرف پنهنجائيءَ سان دورٿيندو آهي، تہ مان شاهہ وٽ ويندو هوس. جڏهن جڏهن سنڌ مٿان سج ايرندو آهي تہ شاهہ بہ اکيون پٽيندو آهي... مان وڏي وجي



شاهہ جي پيرن وٽ بينس ۽ هٿ اڳيان وڌايم. ڄڻ شاهہ کان بخشائي رهيو هوس.“

”هاڻ جڏهن بہ ڪنهن سنڌيءَ سان غير سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو آهيان تہ احساس ٿيندو اٿم پر ۾ ڪير بيٺو آهي. سنڌوءَ جي لهرن جو پرلاءَ جيان مان آواز ٻڌندو آهيان. ’ادا هو سنڌي آهي.‘

سنڌ ۾ هڪ سيلاني مهمان جيان وڃي واپس ورڻ جي ڪيفيت جو هيءُ اڻ وسرندڙ اظهار، ”ڏسجو اوهان جي ڳوٺ جون اهي نٺڍيون گهٽيون، توهان جي گهرن جو ليپو پاتل پٽيون مٿان توهان کي موڪل نہ ڏين...“

سنڌ ۾ سالن بعد واپس ورڻ سان سندس من ۾ ڪهڙا جذبا لرزيا هئا، اهو سندس ڪوتائن مان ظاهر آهي، سندس پهرين ڪوتا ’سنڌو ديش‘ هڪ حيرت جي جذبي کي بيان ڪري ٿي :

هيءَ ڪهڙي پومي آهي،
جنهن چاول،
پاڻ بابت نہ،
پنهنجي پونءِ بابت ڳالهائي رهيا آهن،
هيءُ ڪهڙو ديس آهي،
جتي ماڻهو دکن سکن بابت نہ،
ماروئڙن جي دکن جون ڪهاڻيون ڪٽي رهيا آهن.

.....

هڪ ديچاريندڙ سانت آهي
جا سرجڻ کان اڳ
اندر ۾ چانئجي آهي

.....

هن ڪوتا ۾ گوتم ٻڌ ۽ موهن جي دڙي جي علامت ڪٽي سنڌ

جي مٽيءَ جي تلڪ کي نرتڪيءَ جي سيني سينگار جي زيورن مان مٿيرو ڄاڻي جڏهن نرتڪي سنڌوءَ جي مٽيءَ جو تلڪ گوتم کي لڳائي ٿي ان جو بيان خوبصورت نموني هيٺئن ڪيو ويو آهي :

”سوني مٽيءَ ۾ ٻاڄ ٻوڙي
هڪ تلڪ ٻڌ جي نرڙ تي ڏنائين.

........

گوتم جي اکين ۾
شڪر گذاري جاڳي
هن آشيرواد پريل هٿ مٿي کنيو.... “

ارغونن جي ظلم جو شڪار شهيد بلاول جنهن کي قوم پرستيءَ ڪري گهاڻي ۾ پيسائي شهيد ڪيو ويو. ان عظيم شخص ۾ صوفي درويش کي هن ريت عقيدت پيش ٿو ڪري :

’تاريخ شهيدن جي وهايل خون کي
امبرت ۾ بدليندي آهي،
هيءُ سنڌوءَ جو امبرت،
سنسار کي، نئين جيوت ڏيندو
ظلم ۽ نفرت رهت.‘
سنڌوءَ لاءِ کهڙو نہ سهڻو سپنو هو وٽس!

مون اڳوات ظاهر ڪيو آهي تہ ڪرشن جي سسئيءَ سان ۽ سندس پيڪاءَ سان خاص رغبت آهي ۽ شاهہ پڻ سيني ۾ سانديندو رهيو يا عمر، تڏهن تہ شاهہ بابت لکندي چوي ٿو :

’سسئيءَ جي اڻانگين راهن تي،
مون شاهہ کي ويندي ڏٺو
پيرين پنڌ اگم جي ڳولها ۾.‘



سسئيءَ بابت چوي ٿو،
”انسان جو نصيب اهو ئي آهي
پنڌ ڪرڻ، سدا پنڌ ڪرڻ!
جو پنڌ نہ پوندو آهي
سڪل ندين جيان
اڻ ڄاڻ اجڙ ميدانن ۾
گم ٿي ويندو آهي.“
۽ اڳتي وشواس ٿو ظاهر ڪري،
”هن پومي‌ءَ کي ڦولهيندي
اسين پنهنجو پاڻ ۾
ڳولهي وٺنداسين.“
سهڻيءَ کي چوي ٿو،
”هر انسان،
جنهن جي دل سنڌوءَ جي
جل جيان پوتر آهي -
منهنجو ياٽڙو آهي.“
اڳتي ڪوتا ’پاڙن بنا ٻوٽو‘ ۾ شاهہ کي ياد ڪندي چوي ٿو :
’شاهہ جي مرڪ
پهرين چنڊ جيان هئي (خوبصورت تشبيهہ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي.)
انسان نہ زمين ڳائيندي آهي
رسالو من نہ، سنڌ ڙيءَ لکيو هو.
ڪو گل هوا ۾ نہ اپرندو آهي
ڌرتي ئي انساني ڪلائن جي ماءُ آهي.“
سنڌ ۾ پهچي ڪيس اهو احساس ٿيو،

”منهنجي جلاوطني
ختم نہ ٿي آهي اڃا
آيو آهيان
ڦِڪي مرڪ کڻي
پنهنجي آتما جي لڪل
زخمن مٿان
ڪو پهہ رکائڻ
شاهہ
پنهنجي واٽي مان،
هتي ڪٿي
وساري ويو هوس
مون کي ڳولهڻ ۾ مدد ڪندين، شاهہ!“

لڳي ٿو اها مدد کيس ملي ۽ هن جي آخرين ۽ بهترين ناول ’ترندڙ بادل‘ ۾ نيٺ هن جي من جي ڳنڍ کلي ۽ هن پاڻ کي پاتو. پر عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ ڇا اهو پاڻ پاتڻ آهي! سڄي ڪتاب ۾ سنڌ سندس سوچ جو حصو آهي. سندس آدرش رهيا، انهن جي ڪالپنڪ ڪردارن جي ۽ معرفت آخر هن پنهنجو رستو ڳولهي ورتو، پر اهو ساڳيو ٿي سسئيءَ وارو رستو.

ناول ۾ سنڌ جي يادن جا بيان خوبصورتيءَ سان ٽڙيا پکڙيا پيا آهن ۽ وڏي ڳالهہ تہ بادل هڪ علامت آهي. ڀارت ۾ سنڌي سماج جي حالت جي. بادل خوبصورت هوندا آهن، پر کين زمين جي ضرورت نہ هوندي آهي - کين پاڙون نہ هونديون آهن - وٽن اڃا شڪتي نہ هوندي آهي - سندن رخ هوائن جي رخ تي مدار رکندو آهي - انهن ۾ گهرائي نہ ٿيندي آهي، - ها بادلن ۾ تهہ ٿيندا آهن - هڪ ٻئي مٿان هيٺان ٿيندا آهن - وٽن آسمان هوندو آهي - ڪٿي بہ اچڻ وڃڻ لاءِ سرحدون نہ



ٿينديون آهن. اهڙي حالت جو بيان ڪرشن ناول ۾ هن ريت ڪيو آهي:

”منهنجي گود ۾ پليل ٻارڙا، تون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟“...

”مون پاڻ سان ڌوهہ ڪيو... بدن کي بچائڻ لاءِ مان پنهنجي مٽيءَ کان جدا ٿيس پر پنهنجي روح کي خون ڪري. مون پنهنجي روح کي پنهنجن هٿن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪيو. اهي ٽڪرا ٽڪرا اڏامي هوا ۾ ڦهلجي ويندا ۽ مان بنا روح ڪنهن اڻ ڄاڻ ديس ۾ هوندس. ڇا مان ڪڏهن کلي سگهندس ؟ خوشيءَ ۾ نچي سگهندس ؟ .... مون کي سنڌ جي ياد ڪافي ستائيندي آهي. مان هن جو آهيان ۽ هوءَ منهنجي آهي. اهو ناتو الائي ڪيئن جڙي ويو. هتان سنڌ وڃڻ بعد مان سنڌ جو رٽن ڪندس، سنڌ جو چپو چپو گهمندس ۽ اتان جي هر انسان، جانور، پکيءَ سان روح رهاڻ ڪندس. قدرت جو هر نظارو آتما جيان سڄيو ۽ روشن هوندو آهي، هر انسان هڪ ڪهاڻي... (پر) ڇا اها ذرا ذرا ٿي ڦهلجي ويندي؟“ (صفحہ ٣٤-٣٣)

ڪرشن جو تاريخي شعور پڻ لاجواب نموني سندس ناول مان لياڪا پائيندو نظر ٿو اچي. چوي ٿو : ”تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا موقعا ايندا آهن، جو انسان جي شخصي زندگيءَ کي ڪا معنيٰ نہ رهندي آهي سڄي قوم جي مرڻ ۽ جيئڻ جو سوال هوندو آهي. (سڄاڻا) سنڌ پنهنجي تاريخ ۾ گهڻا ڏک ڏٺا آهن. مٿس سوين حملا ٿيا آهن، ڦورو لٽي ڦري سڀ مال کنيو اسان جي زمين کي سڃو ڪري ويندا هئا، ڪڏهن پاڻي پيئڻ لاءِ نہ اٽيا هئاسين. سڀ پٽ تي وينل هئا. سنڌ سڀ ظلم ڏٺا پر سنائيءَ مان اعتقاد نہ وڃايائين....“ (ت....بہ.... صفحہ ٦١)

شاهہ جي پٽ کي اڄهو هيئن ٿو ياد ڪري، ”ڏيئن جي روشنيءَ ۾ فقيرن سڄي رات راڳ ڳايو هو. اسين سڄي رات پلٽي ماري وينا هئاسين. ڪڏهن گهيرت نہ آيو هو. پلڪ نہ جهڪيا هئا، ڪڏهن پاڻي

پيئڻ لاءِ نہ اٿيا هئاسين. سڀ پٽ تي وينل هئا. پٽ تي فراس بہ نہ هو... سنڌ ۾ سڀ ائين سادو سودو هو. اهائي ان جي خوبي هئي، اهائي ان جي سونهن هئي.``

ترنڌ بادل جي هڪ ڪردار (نيلم) کي چوي ٿو، ”تون هڪ سنڌي سونهن جو نمونو آهين.``

سوال، ”سنڌي سونهن ڇا ٿيندي آهي؟``

”هر متيءَ کي پنهنجي سونهن ٿيندي آهي. مان سنڌي ڀهراڙين ۾ ڪافي رليو هوس. اتي جي عورتن ۾ جا مون سونهن ڏٺي اها تو ۾ بہ ڏٺم.`` (ت-ب صفحہ ٧٢)

ها هر ڪنهن متيءَ کي پنهنجي مخصوص خوشبوءِ سان گڏ سونهن بہ هوندي آهي - ڪرشن جو ڪيترو نہ سهڻو ۽ يڪانو احساس! سنڌ نہ صرف سنڌين جي دل ۾ واسو ڪيو پر ڪيترن ڌارين کي پڻ منڊي پنهنجو مريدي بڻايو.

(اهڙيءَ) سنڌ سان رچرڊ برٽن جو پيار ٿي ويو. اهڙو جو ڪنهن مرد جو ڪنهن عورت سان ٿي ويندو آهي. سنڌ جي اداس واديءَ ۾ ڪا ڪشش آهي، ڪو طلسم لڪل آهي، سادن سودن نظارن ۾ ڪا خوبصورتي آهي. اولهہ ۾ سانت پهاڙين جون قطارون آهن، اوڀر جي رڻ پٽ ۾ واري سمنڊ جيان وسيع ۽ سنگيت ميہ آهي ۽ سنڌو درياهہ آهي - اها صرف ندي نہ آهي، سنڌ جي آتما آهي - سدا جاڳيل، سدا سنڌ جي رکيا ڪندڙ.``

ڪوڪڻ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ ٽڪريءَ تان آسمان جي سونهن ڏسندي، مکيہ نائڪ هيم جي من ۾ ايرندڙ جذبن جي عڪاسي هن نموني ڪئي ويئي آهي :

”هيم ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ويهي سونهن پيئڻ لڳو. آڪاس ۾ بادل تري رهيا هئا. ڪي ننڍا ڪي وڏا، هڪ ٻئي پٺيان ڊڪندڙ، هڪ



وڏو ڪافلو هو، جيئن سنڌ ۾ اٺن جو ڪافلو هوندو هو. سنڌ جي آڪاس ۾ بادل ڇڊا ۽ ٿورا هوندا هئا. اڪثر ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل هڪ هنڌ بيٺا هوندا هئا. ڪپهہ جيان سفيد، ٿهن ۾...`` (صفحہ ١۴۴)

ڪاليداس جي ميگهدوت جي حوالي ۾ گفتگو آهي.

’ان ۾ يڪش پنهنجي پريتما کي نياپا ڪکرن دوارا موڪلي ٿو.‘

هيم چيو، ”سنڌ جي شاعر شاهہ لطيف پنهنجي پرينءَ کي نياپا چنڊ دوارا موڪليا آهن....

چٽا چنڊ! چئيج، سنيها کي سڄڻين

متان اڱڻ ايري، پرينءَ جي پئيج،

جهيڻو ڳالهائيج، پيرين وجهي هٿڙا.``

”مان اسڪول بعد ڪاليج بنارس پڙهڻ ويو هوس. مون سموري سنڌ نہ ڏٺي هئي. مون سموري سنڌ چنڊ دوارا ڏٺي... جيل ۾ چانڊوڪين راتين ۾ ڪجهہ دير چنڊ ڳڙکيءَ مان ڏسبو هو.``

آخر هن محسوس ڪيو تہ چنڊ نياپا تہ موڪلي سگهي ٿو. پر هن ڌرتيءَ جون سڀ حدون بيسود تہ بادل ٽي ڪري سگهندو. سنڌ کي من ۾ کڻي سڄي زندگي جلاوطنيءَ جو عذاب ڀوڳيندو رهيو. شدت سان اهو محسوس ڪندو رهيو تہ سنڌ ئي منهنجو ديس آهي. هزارن سالن کان، منهنجا وڏا سڀ اتي ڄاوا ۽ اتي جي زمين تي ساريا ويا - اسان ان ديس کي ٿاهيو جوڙيو ۽ پيار ڪيو. `` (صفحہ ١۴٧)

گوتم ٻڌ جيان هڪ وڻ جي هيٺان هن کي گيان مليو.

’مون کي احساس ٿيو تہ منهنجو اندريون انسان سنڌ جي زمين ۽ آسمان ۾ ٺي جي سگهندو، هن لاءِ اتي جي هوا ۽ پاڻي تمام ضروري آهن... مون کي لڳو مون کي منهنجي سنڌ سڏي رهي آهي. نہ، مان سنڌ کي ساري رهيو آهيان. مان ڪيترو ڀالو ڀولو هوس. جيل ۾ رهندي

مون کي لڳندو هو تہ سنڌ کي منهنجي ضرورت آهي، پر اڄ رات شدت سان محسوس ڪيم تہ سنڌ کي منهنجي نہ، مون کي سنڌ جي ضرورت آهي. ان بنا مان سدا اڌورو هوندس - اڌورو رهندس ۽ پاڙن بنا ٻوٽي جيان ڏيري ڏيري مرجهائيندو ويندس. جيتري سنڌ کي منهنجي ضرورت آهي ان کان وڌ مون کي سنڌ جي ضرورت آهي.''

۽ بادلن تي سوار ٿي هو هليو ويو. سنڌ جي ريگستانن، وادين، واهوندين، کيتن، ڍنڍن، ٿرن ۽ پٽن تي وسڪارو ڪرڻ. لطيف سائينءَ جي دعا ٻڌجي.

'سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست منهنجا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.' (آمين)

(نوٽ : هن ليک ۾ مون اها ڪوشش ضرور ڪئي آهي تہ مان جيترو پاڻ گهٽ ڳالهايان، بهتر. گهڻو تڻو ڪرشن کٽواڻيءَ جي ئي لفظن کي سلسلو ڏيئي اهو ليک لکيو ويو آهي - اڄ پڻ ڪرشن پاڻ اسان سان ڳالهائي رهيو آهي، پنهنجين رچنائن معرفت)

(اندور ۾ ڪرشن کٽواڻيءَ جي پهرين ورسيءَ تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل بشڪريہ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي - آديپور ڪڇ)



# موتي پرڪاش - زندگي ۽ اديب

مان شروعات ڪن حوالن سان ڪندس :

''١٩٤٢ ڌاري مون کي ماءُ پيءُ ناناڻي ڳوٺ جاتيءَ ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ موڪليو. هيڏڙي ۽ ننڍڙيءَ عمر ۾ مائٽن کان الڳ ٿي مان اُداس ٿي پيس. پنڊت (ڪُندن آسورام شرما) جي اسڪول ۾ مون تي نظر پئجي ويئي ۽ مون تي ارواح ٿي پيس. بس مون کي وڏي مشغولي ملي ويئي، سنگيت، ناٽڪ ۽ ڪوتا جي چِڻگ منهنجي من ۾ هُن دُکائي!''

''شام جو چئين بجي ڌاري سندس طب جي دڪان تي ويندو هوس. ڪم ڪار اڌ ۾ ڇڏي هو مون کي سنگيت ۽ هارمونيم سيکارڻ شروع ڪندو هو ..... ناٽڪن جو قابل هدايتڪار هو. خبر نہ آهي ڪٿان ڪٿان اُردو ۽ هندي ناٽڪن جا ڪتاب گُهرائيندو هو جي نظر مان ڪڍي سنڌي ناٽڪ رچيندو هو. اُهي سڀ ناٽڪ ڌرمي وشين تي هئا .... تن ڏيهين زنانا پارٽ اجا ڇوڪرين تائين ڪونہ پهتا هئا، اُن ڪري اُهي اُنهن ڇوڪرن جي نصيب ۾ پوندا هئا، جيڪي شڪل جا سهڻا ۽ وڻندڙ روشن وارا هجن. منهنجي شڪل ملوڪ هئي، اُن ڪري مون کي ڪڏهن مرداڻو پارٽ ڪونہ مليو.' نرت تہ سکي نہ سگيس، باقي سنگيت سکڻ سبب ڳائڻ ۾ اڳرو ٿي ويس. اُن ڪري گنڀير نائڪائن جي رول لاءِ هن جي نظر مون تي پوندي هئي.'' (دل جون ڳالهيون ١٩٨٢ پيج ٦٠-٦٢)

'ننڍي اوستا ۾ ئي ڪن دوستن هڪ هٿ اکري ٻارن جو رسالو ڪڍيو، جنهن ۾ دوستن جا ليک سهڻن اکرن ۾ لکي رنگين چٽ وغيره ڪڍي تيار ڪندا هئا. اُتان ئي کيس لکڻ ۽ ڇپائڻ جو شونق جاڳيو. سندس مخزن جا ساٿي هئا گُل رامچنداڻي، ٿانور پنجابي ۽ هرنام

ناروائي جن گڏجي ڪراچيءَ مان هڪ ماهوار مخزن ’ٻال سنديش‘، هندستاني ساهتيہ آستان جتان ڪتاب ڇپائيندو هو اُن پريس مان ڇپائڻ شروع ڪئي.

(ڪونج جو موتي پرڪاش جي خاص پرچي چوڏس چانڊاڻ تان - منوهر نهالاڻي پيج- ١٠٥)

”موتي پنهنجي اسڪولي جيون ۾ منهنجي ڪتابن جي دوڪان تي ماهيہ ۾ مون کي ڏسڻ آيو هو. ’ڇو‘؟ مون پُڇيو هو، هن جيڪو جواب ڏنو هو اِچ دهرائي نہ دهرائي، مون هن جي سونهن ۾ معصوميت سان گڏ مٺيا ڏني هئي“. (گوبند مالهي- مٿيون رسالو‘ پيج - ٧٩) تنهن بعد گوبند مالهي هن کي سنڌي ساهت منڊل ۾ وٺي ويو هو. اهو هڪ الڳ اتهاس آهي.

’١٩٤٩ ۾ مان، ڪلا ۽ ڪرشن هم ڪلاسي هئاسين. يارهين درجي ۾، جيڪو تن ڏينهن ۾ مئٽرڪ جو ڪلاس هو. ڪلاس ۾ گڏياسين تہ هم سفر ٿي پياسين، سنڌي ادب جي پيچري تي. مان پيچرو ان ڪري ٿو چوان جو ورهاڱي اسان سڀني سنڌين کي ڏولاون ۾ وجهي ڇڏيو. ۽ اسين تہ نوخيز هئاسين. زندگيءَ جي لاهين چاڙهين کان ناواقف، بي خبر. ١٥-١٦ سالن جي عمر نهايت دلفريب ۽ لڀائيندڙ ٿيندي آهي، جڏهن سپنا ڏسبا آهن، رنگين زندگي ۽ خوشنما وقت جا .... گوبند مالهيءَ جو دابو هوندو هو ميٽرو سنيما جي هڪ ڪُنڊ. مالهي ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي هڪ ڪُرسيءَ تي وينو ٻيڙي ڇڪيندو، چانهہ ڏونگيندو هو. اسان جهڙا هوندا هئا سندس چوڌاري - مالهي چوندو هو ”انقلاب جي شروعات ائين ٿيندي آهي - غريب ۽ وچولي طبقي وارا ٿي انقلاب جا خواب لهندڙ ۽ صف ۾ پهرين قطار ۾ هوندا آهن.“ کيسا سڀني جا خالي، چانهہ جا پئسا بہ ڪونہ هوندا هئا، جنهن جي کيسي ۾ چانهہ پيئڻ جا پئسا هوندا هئا، سو ڪيڏي ٽيبل تي رکندو هو. چانهہ جي ورهاست ٿيندي هئي. پئسا



پورا ٿيا تہ واهہ نہ تہ مالهي شيروانيءَ جي کيسي ۾ هٿ وجهندو هو. چانهہ پي ريسٽورنٽ مان ٻاهر ايندا هئاسين تہ بيئرو رڙ ڪري چوندو هو”ڇهہ صاحب، دو چانهہ“.

ڪرشن ۽ مان اُنهن ملڪ جي والين مان هوندا هئاسين جن جا کيسا خالي هوندا هئا. (وقت ۽ ويچار ٢٠١٠ ڪرشن راهي-پيج ٦٦-٦٧)

پهريون حوالو موتي پرڪاش جي ثقافتي رول - ٻيون ۽ ٽيون حوالو سندس ادبي زندگي ۽ سنڌي اديب طور ۽ آخرين حوالو ليڪڪن پاران سنڌيت جي هلچل ۽ اُن وقت جي عڪاسي طور پيش ڪيو ويو آهي.

موتي سڪرامداس شرما (پرڪاش) جو جنم ١٥ ميءَ ١٩٣١ تي سنڌ جي دڙي ڳوٺ ۾ ٿيو ۽ سندس موٽ ۴ آگسٽ ٢٠١٥ بمبئيءَ ۾ ٿيو. هن ڊگهي سفر ۾ هن گهڻائي لڪ ڪاٽيا. دڙو ڳوٺ، جو حصو سنڌ جي لاڙ ياڱي ۾ اَچي ٿو جتي سنڌو الڳ الڳ ڇوڙن ۾ وهڻ شروع ڪندي آهي ۽ سمنڊ سان ملڻ لاءِ بي تابي ۽ تڪ سان وهي سمنڊ جي لهرن ۽ ڇولين ۾ سمائبي آهي. اِها بي تابي، اها جذبي جي تڪ ۽ لهرن جي لوڏ موتي پرڪاش جي خون جو جڻ حصو بڻجي پيئي (DNA). اهائي سندس زندگيءَ جي علامت آهي. هن جي زندگيءَ جا پڻ گوناگون پهلو آهن پر مکيہ طور هتي صرف ٻن پهلن تي ٿي مان فوڪس ڪندس. موتي پرڪاش هڪ ساهتڪار ۽ موتي پرڪاش جي ثقافتي دين.

موتي پرڪاش هڪ ساهتڪار طور پڻ ٻن صورتن ۾ نظر ٿو اَچي. هڪ رچناڪار ۽ ٻيو ورهاڱي بعد ’سنڌيت‘ جي هلچل جي قافلي جي شروعاتي قلم جي سپاهي طور. ڪلچر جي حوالي ۾ پڻ هن جي ٻن رولن کي سمجهڻو پوندو. هڪ آوازي ڪلچر جي حوالي کان ۽ ٻيو هڪ ناٽڪ ڪار ۽ اسٽيج سان وابستہ شخصيت طور. هن بمبئيءَ راجيہ جي ناٽڪ اڪيڊميءَ مان ناٽڪ تي بادستور سکيا ورتي ۽ ڊپلوما حاصل ڪئي. سڄي زندگي تعليم سان وابستگي رهيس اُتي پڻ پاڻ سرخرو ڪيائين،

پر اهو سڀ منهنجي دائري کان ٻاهر آهي.

**ساهتڪار طور :** موتي پرڪاش جڏهن هڪ ٻار ٺور ڪراچيءَ ۾ ٻارن جي رسالي جا پروف پڙهي ڏنا ته اُتي اُن وقت جي مشهور ڪهاڻي نويس امرلعل هنگوراڻيءَ پيشن گوئي ڪئي هئي ته هو اڳتي هلي سنڌي ساهت جي تاريخ ۾ اهم رول ادا ڪندو ۽ اها سندس پيشين گوئي بلڪل صحيح ثابت ٿي. هري دلگير، موتي پرڪاش جي ڪونج واري پرچي ۾ لکي ٿو، ”موتيءَ سان منهنجي قلمي دوستي تڏهن شروع ٿي، جڏهن هو اڃا تيرهن چوڏهن سالن جو هو. اُن ڪچڙي عمر کان ئي شاعريءَ جي چٽڪ هن جي چولي ۾ پئجي ويئي ۽ هو پنهنجون ٻال ڪوتائون، اُن وقت جي بهترين ٻال مخزن ’گلستان‘ لاءِ موڪليندو هو، جنهن جي ڪوتا جو مان انچارج ايڊيٽر هوس. هن جون اُهي ٻال ڪوتائون مون کي تڏهن به پياريون لڳنديون هيون.“ (پيج - ٦١)

سندس پهريون شعرن جو مجموعو ’آءٌ ته چوريون چنگ‘ ١٩٥٩ ۾ شايع ٿيو. هتي مجموعي جي عنوان بابت ڪُجهه چوڻ ضروري ٿو ٿي پوي. ترقي پسند ادبي هلچل جو هڪ مکيه اصول اهو هو ته ليکڪ پڻ انقلاب جي راهه ۾ هڪ سپاهي آهي. ساهت کي سياست کان الڳ نٿو ڪري سگهجي ۽ سيني ترقي پسند ليکڪن اهو متو قبول ڪيو هو. انيراءِ ٻيجل کي سياست (پوءِ اُها غلط سياست هئي) جو هٿيو ٺاهيو ۽ چنگ ٻيجل جي هٿيار وانگر استعمال ٿيو. ائين چنگ پڻ هڪ علامت طور استعمال پئي ٿيو. ساڳئي وقت موتي پرڪاش جي ذهن ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي تمثيلن جي سلسلي ۾ پنهنجي شاعريءَ جو مجموعو جوڙي پاڻ کي سنڌي ادب جي روايت سان جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي هجي اُهو پڻ ممڪن آهي. آخر شاعر پنهنجي شاعريءَ کي ڪنهن ساز سان جوڙي ته اهو پڻ سڀاويڪ آهي.

هن کان اڳوات هن آکاڻيون لکيون، ’ماستر ديارام‘، ’گهر گهر جي ڪهاڻي ۽ ’زيني‘ وغيره - پر اهي ڪهاڻيون (زينيءَ کان سواءِ) هاڻي



هٿ نه اَچي سگهيون آهن ۽ نه ئي موتي پرڪاش اُنهن کي وري ڇِتي ڪو ڇپايو. شروعاتي دؤر ۾ هن ناول تي طبع آزمائي ڪئي ۽ ناول ’انڌيرو اُجالو‘ لکي شايع ڪرايو. هن ئي دؤر ۾ هن ڪي ترجما پڻ ڪيا جن ۾ ڪالندي (تارا شنڪر بئنرجيءَ جو بنگالي ناول، ادينا تاجسڪانيءَ ٻوليءَ جو پهريون ناول) اڳتي هلي هن جيروم ڪي جيروم جي مذاقي ڪرداري ناول Three in a boat جو ترجمو ڪاڪو ڪلو جي نالي ڪيو ۽ اسٽيج لاءِ رميش مهتا جو ناٽڪ ’اندر سيڪريٽري‘ ترجمو ڪري اسٽيج تي آندو (١٩٦٥)

سندس قلم مان نڪتل ڪافي سگهاري پونجي ڇڏي ويو آهي. مٿين ڪتابن کان سواءِ سندس قلم مان نڪتل ڪتاب آهن ادبي گُل (مضمون)، رات هڪ طوفان جي (ٽه فصلو ناٽڪ)، پردي اڳيان پردي پنيان (ناٽڪ)، دل جون ڳالهيون، (يادگيريون)، ڏٺي ڏينهن ٿيام (يادگيريون)، سي سڀ سانڍيم ساهه سين (سنڌ جو سفرنامو). هن ڪتاب تي کيس ساهت اڪادميءَ جو سال ١٩٨٨ جو انعام مليو. ’سنڌي شعر ۾ استريءَ جو چٽ (پي.ايڇ. ڊي. مقالو)

’چٽڪ وڇ چولي‘ (شعرن جو مجموعو)، جيءَ اندر جهاتيون (مذاقي عالمي ڪهاڻيون)، ’تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون‘ شعرن جو مجموعو. هن ڪتاب تي ٻيا عالم با تفصيل ڳالهائيندا تنهن ڪري مان سندس ڪتابن تي ڳالهائڻ کان پرهيز ڪندس.

هُن ڪيترن ئي هنڌن تي پنهنجي ننڍپڻ جي هڪ واقعي جو ذڪر ڪيو آهي. ”ننڍپڻ ۾ هڪ ڏينهن ڳوٺ جي ميدان طرف ويندي، درياهُ ۾ پاڻيءَ جي گهرائي ڏسڻ جي شونق وچان، نٽڙي نهاريو هوم ته ڪِري پيو هوس. نار جي پاڻيءَ ۾؛ پُل جي ريگيوليٽرن هيٺان لنگهندي، ترڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي ۽ ٽاڦوڙا هڻندي به مان پنهنجي هٿ مان اٿي ذڪر ڇڏڻ لاءِ تيار نه هوس، جڏهن ٻاهر ڪڍيو ويو هوس تڏهن به اُهي منهنجي هٿن ۾ هئا.“ (دل جون ڳالهيون - پيج ٤) هتي مان

جيڪر ائين چوان تہ اِئي ذڪر تہ اُن وقت صرف هڪ علامت ٿي هئا قلم جي. قلم جيڪو زندگيءَ جي ڀرپور جدوجهد وقت پڻ سندس هٿ ۾ مضبوطيءَ سان رهيو.

**سنڌي ادبي - سنڌيت جي هلچل ۾ هڪ برجستي سپاهيءَ طور :**

گوبند مالهيءَ جي سڏ تي موتي پرڪاش ساهت منڊل ۾ پهچي ويو ۽ اُتي هو ترقي پسند ادب جي ڌارا جو هڪ اَهم حصو بڻجي پيو. اُن وقت ليکڪن جو وشواس هو تہ انقلاب اڻ ٽر آهي ۽ جلد اچڻو آهي- سياسي هلچل ۾ ليکڪ جو رول هڪ قلم جي سپاهيءَ جو ٿيندو آهي. ليکڪ کي عوام سان گڏ رهي اُن جي ڏکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻو آهي ۽ کين ايندڙ انقلاب جي سپنن کي ساڪار ڪرڻ لاءِ همٿائڻو آهي. اُن وقت جي هڪ انٽرويو ۾ هو اُن وقت جو ذڪر هن ريت ٿو ڪري :

”اُن دؤر ۾ نعري بازي ضروري هئي ڇاڪاڻ تہ ماحول اهڙو هو. مايوسي ايتري هئي، بيچئني ايڏي هئي جو نعري بازيءَ کان سواءِ اسان کي ڪا ٻي ڳالهہ لڳي نہ پئي. توهان کي عجب لڳندو تہ ميڙ ٿيندا هئا ۽ اسين ماڻهن اڳيان آڪاڻيون پڙهندا هئاسين. ڪُنن کي ڪو ڪمُ ڪونہ هوندو هو. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ آڪاڻيون ٻڌندا هئا ۽ کين مزو ايندو هو. اُن وقت جيڪو عوام هو، اسان جي نعري بازيءَ وارو ساهت شعر - آڪاڻيون کين وڻندا هئا.“

”من جي حالت جو ساهت تي وڏو اثر پوي ٿو. شخصي طور جڏهن منهنجو من مايوس آهي ۽ منهنجي من ۾ جيڪي اُن دوران خيال پيدا ٿين ٿا تہ مان چاهيندس اُهي خيال ٻين سان ونڊيان، جيئن منهنجو بوجو نيم شعوري طور گهٽجي. اُن وقت جيڪو ماحول هو، درد هو، جيڪي تڪليفون هيون .... اُهو سڀ اسان ساهت ۾ اوتيو. ائين ڪرڻ سان اسان کي آرام پئي مليو ۽ اسين سڀ محنت ڪش هئاسين. سچو هفتو



ڪم ڪري سچو هفتو ادبي ڪلاس جو انتظار ڪرڻ اُهو، اسان کي جيئاريندو هو.“

هڪ سوال جي جواب ۾، ”ترقي پسنديءَ جا بنيادي اصول آهن، انسانيت پرستي، طبقاتي نابرابريءَ کي دور ڪرڻ ۾، سڀني مذهبن لاءِ عزت، مان اڄا بہ اُهي اُصول قبول ڪريان ٿو ۽ مون کي ان دؤر جون رچنائون اڄ بہ پسند آهن. ترقي پسند دؤر ۾ جيڪو منهنجو رول رهيو آهي تنهن تي مون کي فخر آهي. مون کي خوشي آهي تہ مان اُن دور جو حصو ٿي رهيو آهيان.“

هن دوران انقلاب سان گڏ بہ ٻيون حقيقتون پڻ جُڙي ويون جيڪي سنڌي جاتيءَ لاءِ تمام اهم ثابت ٿيون. جڏهن سنڌي پنهنجو مُلڪ ڇڏي هندستان جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڊاڙو ڊاڙو ٿي ويا تہ سنڌين جي ليڊرن کين صلاح ڏني تہ پنهنجي جداگانہ هستي مٽائي لوڪل ماڻهن سان جذب ٿي وڃو ۽ منطقي طور اعلان ڪيائون تہ سنڌي ٻوليءَ جي لپي مٽائي، جنهن جو ويس مسلمانڪو آهي، ديوناگرِي ڪريو تہ هتان جي مڪاني ماڻهن ۾ جذب ٿيڻ ۾ سهوليت ٿيندي. سنڌي تعليمدان، مفڪر، سماج شيوڪ ۽ ڪيترن ئي سياسي نيتائن کي اها ڪوتاهہ نظر لڳي ۽ اُنهن سنڌي ٻولي، ادب ۽ ڪلچر ۾ پنهنجي شاندار تاريخ تان هٿ کڻڻ کان انڪار ڪيو. ڀارت جو جڏهن جوڙجڪ ٿيو تہ اُن ۾ هندستان جي ٻولين ۾ سنڌيءَ کي شامل نہ ڪيو ويو باوجود اُن حقيقت جي تہ جوڙجڪ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ليڊر پاڻ حاضر هئا.

هن صورت حال ۾ جڏهن انقلاب جو سپنو ڪنهن نامعلوم گهٽيءَ ۾ گوهي ڏيئي غائب ٿي ويو تہ سنڌي ليکڪ برادري، سنڌي جاتيءَ سامهون جي للڪاريندڙ مسئلا هئا تن کي مُنهن ڏيڻ جو سندرو ٻڌو. سنڌي ٻوليءَ جي لپي مٽائڻ جي هر جاءِ، هرهنڌ سخت مخالفت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي جوڙجڪ ۾ جوڳي جاءِ ڏيارڻ لاءِ سچي

هندستان ۾ هلچل هلي، جنهن کي اڳتي 'سنڌيت جي هلچل' نالو مليو. اِن وچ ۾ سنڌي اديبن ڪيترو ساهت پيدا ڪيو جنهن ۾ سنڌ جي ساروڻي هئي ۽ اُها ادبي ڌارا سدا بهار بڻجي اڄ ڏينهن تائين هلي رهي آهي.

موتي پرڪاش سنڌي ساهت منڊل ۾ جائنٽ سيڪريٽري ٿيو ۽ ڪنهن crisis جي دور ۾ سيڪريٽريءَ جون واڳون پڻ سنڀاليائين. سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي گهر ڪرڻ لاءِ مڪاني سطح تي ڪانفرنس کان وٺي اکل ڀارت سميلن ۾ حصو وٺي جوابداريون سر انجام ڏنائين. ١٩٥٦ ۾ پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ ايشين رائيٽر ڪانفرنس جو حصو بڻيو، جتي راشٽرپتيءَ کان روبرو گُهر ڪئي ويئي ته سنڌي ٻوليءَ کي جوڙجڪ ۾ جاءِ ڏني وڃي. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي جنرل سيڪريٽريءَ طور پڻ جوابداري سنڀاليائين. دبئيءَ مان ٢٥ سالن کان پوءِ موٽڻ بعد سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر طور جوابداري هموار ڪيائين. ساهت اَڪادميءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪنوينر طور پڻ جوابداري سر انجام ڏنائين.

**ناٽڪ ۽ آوازي ڪلچر ۾ حصو :**

١٩٥٦ ۾ بمبئيءَ مان آل انڊيا ريڊيو طرفان هر هفتي اڌ ڪلاڪ سنڌي پروگرام ڏيڻ شروع ڪيو ۽ موتي پرڪاش هن پروگرام جي انچارج طور Casual Artist مقرر ٿيو. هن کي هر هفتي ويهه روپيا اُن جو اُجورو ملندو هو. هو ريڊيو جي سنڌي پروگرام جو ٢٢ سال سربراهه رهيو. سنڌي جنتا لاءِ هفتي ۾ اڌ ڪلاڪ ئي سهين، سنڌي آواز ٻڌڻ هڪ وڏي نعمت هوندي هئي ۽ گهڻو ڪري سڀئي سنڌي گهر سڄو هفتو اهو پروگرام ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا هئا. اُن وقت سنڌي سماج ۾ ڳائڻا - ماسٽر چندر، رام پنجواڻي، گرڌر ميراڻي، ايشو جاگيردار ۽ ٻيا ڪيترائي ناميارا ڪلاڪار مؤجود هئا ۽ سڀ آل اِنڊيا ريڊيو تان پيشڪش ڪرڻ ۾ فخر جو



باعث سمجهندا هئا. موتي پرڪاش اڌ ڪلاڪ جي پروگرام کي نه صرف سنگيت جو واهڻ بڻايو، پر اُن اڌ ڪلاڪ اندر، ريڊيو ناٽڪ، مشاعرا ننڍيون ڪهاڻيون، بحث جهلڪون ۽ گيت ناٽڪائون سڀ پيش ڪندو هو. پرسرام ضيا، گووردن ڀارتيءَ جهڙا گيتڪار، بلو.سي راڻيءَ جهڙا ميوزڪ ڊائريڪٽر - ۽ ريڊيو ناٽڪ لکڻ لاءِ ليکڪن جو ٽولو - سڀ حاضر ۽ هنن ٻاويهن سالن ۾ بمبئيءَ جي آل اِنڊيا ريڊيو اسٽيشن تان سنڌي ڪلچر کي ڪيتري هٿي ملي جيڪڏهن ڪو کوجنا ڪري ته هڪ اهم دستاويز ٿي پوندو. اُميد آهي ته ڪنهن نوجوان کي اهو پراجيڪٽ ڪٽي آرڪائيوس جاچي ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ جي پريرڻا ملندي. آل اِنڊيا ريڊيو جا ڪيترا پروگرام ۽ مشاعرا درشڪن جي سامهون پيش ڪري ساڳئي وقت نشر ڪيا ويندا هئا. هن سنڌي قوم کي فخرمند ترانو ڏنو 'آنڊيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي ۽ خاڪ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي'.

ريڊيو ناٽڪ مان اسٽيج لاءِ ننڍا ناٽڪ لکڻ هڪ ٻيو قدم ئي ته هو. ائين سنڌي اسٽيج تي زور شور سان باقاعدي ننڍا ناٽڪ پيش ٿيڻ شروع ٿيا. هونئن سنڌي ساهت منڊل يا ڪن اسڪولن طرفان پڻ ساليانن جلسن تي ننڍا ناٽڪ پيش ٿيندا رهندا هئا. سنڌي ساهت منڊل جي ناٽڪن ۾ ليکڪ حصو وٺندا هئا، شاعريءَ سان گڏ سنگيت پڻ پيش ٿيندو هو جنهن ۾ لوڪو هيمراجاڻي ۽ شوو رامناڻي گيت پيش ڪندا هئا. پر خاص گيتن ۽ ناٽڪن جي ڀرين منڊلي گوبند مالهيءَ جي سرپرستيءَ ۾ ٿي جنهن بعد وڏن ناٽڪن جي شروعات ٿي. سنڌو ڪلا مندر جو پايو پيو جنهن جو روح روان موتي پرڪاش بڻيو. رميش مهتا جي ناٽڪ 'انڊر سيڪريٽري' جو موتي پرڪاش ترجمو ڪيو هو اُهو پيش ڪيو ويو. موتي پرڪاش جو اصلوڪو ناٽڪ 'رات هڪ طوفان جي' پڻ سنڌو ڪلا مندر پاران پيش ڪيو ويو. بعد ۾ ڪن مت ڀيدن ڪري موتي پرڪاش 'سنڌو ڪلا نڪيتن' جي نالي سنستا برپا ڪئي، جنهن پاران پڻ

ڪافي ناٽڪ پيش ڪيا ويا ۽ شري ايس. پي. مينگهاڻيءَ جي اڳوانيءَ ۾ سنڌو ڪلا مندر پنهنجو ڪم جاري رکيو. اڳتي هلي هن ناٽڪ جي بنياد تي فلم پڻ تيار ٿي جنهن جا ڪي گيت، ڊائلاگ اسڪرين پلي موتي پرڪاش لکيا. هُن 'نقلي شان' جيڪا اندر سيڪريٽري ناٽڪ تي ٻڌل هئي اُن جا ڊائلاگ ۽ ڪجهه گيت لکيا موتي پرڪاش. هُن جي وابستگي گيتڪار ۽ ڊائلاگ ليکڪ طور 'اَچا تہ مان ننڍڙي آهيان' فلم سان پڻ رهي. موتي پرڪاش ناٽڪن جي هدايتڪار ۽ اداڪاريءَ ۾ پڻ اهم رول نباهيو.

### موتي پرڪاش دبئيءَ ۾ :

موتي پرڪاش ١٩٧٦ ۾ دبئي وڃي وسائي ۽ پنجويهہ سال زندگيءَ جا اُتي گذاريا. دبئيءَ ۾ سنڌ وارن سان سڌو رابطو ممڪن هو ۽ اتان سنڌي ادب پڻ بنا روڪ جي اچي پئي سگهيو. موتي پرڪاش هنن نعمتن جو خوب فيض حاصل ڪيو. هو هڪ ادارو بڻجي پيو ۽ سندس گهر اُن اداري جو مرڪز، جتي هند ۽ سنڌ جا ڪيترائي اديب اَچي ملندا هئا. سندس جاءِ هڪ سنگم جي علامت بڻجي پئي. ڪيترن کي خاص دعوت ڏيئي گهرايو ويندو هو. نارائڻ شيام ۽ تنوير عباسيءَ کي گڏ گهرايو ويو ۽ ڏينهن جا ڏينهن رهاڻيون ٿينديون رهيون، روح رچنديون ٿينديون رهيون. لنڊن مان واپس موٽندي شيخ اياز جي مهمان نوازي ڪئي ويئي، وات ويندي حميد سنڌي ۽ جمال ابڙي پڻ دابو ڪيو. زرينا بلوچ، اُستاد بخاري ۽ سرمد سنڌي، محمد يوسف، وحيد حميد علي ۽ ٻين ڪيترن کي سدائين گڏ سنڌيءَ جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ گُهرايو ويندو هو. اُن موقعي تي ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي ۽ هوندراج دکايل کي گهرايو ويندو هو ۽ سندن سنمان ڪيو ويندو هو. اُتم ۽ سندري، ايم. ڪمل پڻ دبئيءَ ۾ آيا ۽ خوب محفلون ٿيون. اسين سنڌي سنستا پاران ناٽڪن جا پروگ



رام ٿيندا هئا، سنگيت جا پروگرام ٿيندا هئا، اُنهن سڀني مشغولين جو مرڪز موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش هوندا هئا. دبئيءَ جي مهيني وار ادبي گڏجاڻين جو روح روان واسديو موهي هو تہ اخلاقي ڪرنگهو موتي پرڪاش رهيو. عابده پروين تہ چئ موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش جي گهر جو ڀاتي بڻجي پيئي، ائين دبئيءَ جي رڻ پٽ ۾ ادبي ۽ ڪلچرل گُلستان ۾ ڪيترائي گل ٻهڪندا ۽ مهڪندا رهيا، جو سڀ موتي پرڪاش جي غيرحاضريءَ ۾ ممڪن نہ ٿئي ها شايد!

هندستان جي سنڌي ليکڪ برادريءَ کي پنهنجي پنج هزارن سالن کان جهوني تاريخ ۽ ڪلچر ٻولي ۽ ادبي ورثي تي فخر آهي، سنڌي ٻولي سنڌ ديش جي ٻولي آهي. اَسان جو وشواس آهي تہ تاريخ جي جدا جدا دورن ۾ سياسي حدون بدلجنديون رهنديون آهن، سياسي سنبنڌ ڪري عوام جو، ٻولي ۽ ڪلچر جو ورهاڱو نہ ٿيندو آهي ڇاڪاڻ تہ اهي ڪُهنا سنسڪار آهن جي ڪنهن بہ قوم جي فرد ۾ نيم ۽ غير شعور سطح تي سدائين قائم رهندا آهن. جيئن زمين جي تهن هيٺان ڪيتريون نديون وهنديون رهنديون آهن، ائين شخص جي وجود ۾ پڻ اهي سنسڪار سدائين رهندا آهن تنهنڪري شعوري سطح تي سنڌي ليکڪن جي من ۾ سنڌ جي مٽيءَ تي سيس نوائڻ جي خواهش سدائين رهندي آهي.

اَسان جي من ۾ پڻ اها آس هئي ۽ سنڌ جي سنڌين سان گڏجڻ بعد هيءَ چڪ ويتر تکي ٿي ويئي. ڪلا ۽ موتي ١٩٨۴ ۾ سنڌ ويا ۽ ضد ڪري مان پڻ ساڻن ڳنڍجي ويس.

موتي پرڪاش پنهنجي سنڌ جي سفرنامي 'سي سپ سانڍيم ساهہ سين' هڪ خواب سان ڪئي آهي. اهو خواب منهنجو پڻ آهي. اهو اسان جو گڏيل خواب آهي. جو هُن ١٩٨۴ ۾ سنڌ پيهر ڇڏڻ وقت ڏٺو هو.

مون سوچيو : ’ڪاش، منهنجا اهي ڳوڙها سنڌ جي گمنام شهيدن جي رت سان ريٽي ٿيل ڌرتيءَ تي ڪرن ۽ اُن جي اُپجائو مٽيءَ ۾ هلي وڃن! اُنهن ڳوڙهن ۽ رت سان ريجيل زمين تي سنڌوءَ جي ڪا چول پهچي ........ بهار جي موسم ۾ اُن تي سائي چِبر ڄائيجي، ٻوٽا ۽ وڻ ٽڻ اُڀرن ....... گلاب، موتئي، چميلي ۽ سورج مکيءَ جا گل ٽڙن .... وقت گذرندو وڃي ....... اسان جا پوٽا، پوٽيون، ڏوهٽا، ڏوهٽيون اُن جي آڙ ۾ لڪ چپ راند رمن ۽ ڪا مُند اَچي جو اسان مان ڪنهن هڪ جو پوٽو يا ڏوهٽو، ڪنهن پوٽي، ڏوهٽيءَ جي ڊگهن، ڪارن گهنڊيدارن وارن ۾ گلاب جو گل وجهي چوي : آءٌ توکي پيار ڪريان ٿو ........ تڏهن سنڌوءَ ۾ نئون چوهه ايندو، آسمان ۾ منڊل منڊبا، گوڙ گاج ٿيندا ۽ ڪنهن پٽ تي وري شاهه پيدا ٿيندو ۽ جهونگاريندو .....‘

آمين !

(ساهت اَڪادميءَ پاران ممبئيءَ ۾ ڪونايل موتي پرڪاش يادگار سيمينار ۾ پيش ڪيل)



## سنڌي ادب ۾ ترقي پسند دور

### گوبند مالهي، اي.جي.اُتم ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ان ڌارا ۾ رول

ڪنهن بہ ويچار ڌارا بابت ڳالهائيندي ان جي بنياد، اوسر ۽ ان جي اثر بابت مختصر ۾ ئي سهين بيان ڪرڻ ضرور ٿيو پوي ۽ اهو پڻ هڪ مختصر پس منظر ۾.

انسان جي ترقيءَ ۾ باهه جو هٿ ڪرڻ ۽ اڻين اونده مان روشني هٿ ڪرڻ، ڦيٿي جي ايجاد ۽ ان کي جانورن جي شڪتيءَ سان جوڙي، رفتار حاصل ڪرڻ، کيتيءَ جي هنر کي حاصل ڪري شڪاري ۽ ڦلن ۽ ميون تي گذران ڪرڻ جي رولو دور مان نڪري کيتيءَ جو هنر پرائڻ ۽ پوءِ سڀيتا جو نرواڻ ڪرڻ، کي اهم قدمن جا پيرا آهن. هن سڄي سلسلي بعد اچي ٿو هنري انقلاب، جو سڀيہ انساني سماج ۾ وڏي اهميت ٿو رکي (بدلاءَ انقلاب جا ديرپا نتيجا اجا ظاهر ۽ قائم نہ ٿي سگهيا آهن. جيتوڻيڪ وڏا بدلاءَ محسوس ڪري سگهون ٿا.)

هنري انقلاب يورپ ۾ شروع ٿيو ۽ ان جا گهڻ پاسا ۽ گهڻ تها نتيجا نڪتا. جيئن هر ڪنهن عمل کي ردعمل ٿيندو آهي، اهڙي طرح هن يگ جي انوکن بدلاون پڻ هر کيتر ۾ شديد تقاضن کي اڀاريو. فيلسوفيءَ جي سطح تي آدرشواد (Idealism) جن فلاسافرن ۽ مذڪرن ويچار کي اوليت ٿي ڏني ۽ مادايات پرست فلاسافرن جن هن دنيا جي جڙ وادي بنياد کي بنيادي اصول پئي مڃيو، انهن جي وچ ۾ چٽيون دماغي چڪريون لڳيون . قوميت جي جذبي هيٺ فوجي رياستون ٺهيون ۽ ان

جي برعڪس طاقت جي نشي ۾ انهن ئي قومي رياستن ايشيا ۽ آفريڪا ۽ آمريڪا ۾ بينڪ شاهيءَ جو نظام پيدا ڪيو. هنري انقلاب ڪري آسودگي وڌي ساڳئي ئي وقت زمين مان پاڙون پٽجي ڪارخانن ۾ مزدور قياس جوڳي حالت ۾ رهڻ لڳا. هن هنري انقلاب هڪ نئون طبقو، وچولو طبقو پيدا ڪيو.

علم جيڪو هٿ لکيل ڪتابن جي اڻاٺ ڪري صرف امير اُمرائن جي وراثت هو، هاڻي ڇاپخاني ڪري اهو عام ٿيو. مڊل ڪلاس طبقو پڙهيل ڳڙهيل بڻيو. انهن مان ڪيترن سماج ۽ نظام ۾ اوڻايون ڏٺيون ۽ پنهنجي پرايل علم جي ڦهلاءُ ذريعي هر ڪيتر ۾ بدلاءُ آڻڻ جي جدوجهد جاري رکي. ڪنهن مفڪر آواز اٿاريو ”انسان آزاد ڄائو آهي ۽ هاڻي هر هنڌ زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. ڪنهن وري برابري، آزادي ۽ ڀائي چاري (Equality, Liberty and froumatiy) جو نعرو بلند ڪيو. هڪ اقتصاديات جي ماهر ڪارل مارڪس بي انصافي ۽ غير برابريءَ جا سبب ڳولهڻ شروع ڪيا. هو ان نتيجي تي پهتو ته ڪچي مال جي قيمت ۽ ڪاريگر جي اُپت بعد وڪري وقت نفعي طور جيڪا اُپت ٿئي ٿي اُن ۾ تمام گهڻو تفاوت آهي، اهڙي طرح جيتري خريداري گهٽ ۽ پورهيت جي جيتري لوٽ کسوٽ، اوترو نفعو وڌي ٿو ۽ اُن واڌو نفعي مان پونجي ٺهي ٿي ۽ اُن طبقي کي ائين سدائين وڌيڪ پونجي ملندي ٿي رهي، جيئن هو هزارن جي وڌيڪ لوٽ ڪري سگهي. هن جي ويچار موجب هن طبقاتي نظام کي ختم ڪري هڪ اهڙو نظام برپا ڪرڻ ضروري آهي جتي ملڪيت جي مالڪي ڪنهن هڪ طبقي جي هٿ ۾ نه هجي، پر هر باشندي جي گڏيل ملڪيت طور هجي. تنهنڪري اهو ڍانچو ٽوڙي انقلاب آڻي نئون سرشتو برپا ڪرڻ گهرجي. هن پس منظر ۾ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ هندستان جي آزاديءَ جي هلچل



پيرن تي بيهڻ شروع ڪيو ته ١٩١٧ ۾ روس ۾ سماجوادي انقلاب ٿيو، جنهن جو بنياد مارڪسوادي فيلسوفي ئي هو. اهڙي انقلاب جنهن هڪ نئين سماج جو سپنو ڏنو هجي، جتي سياسي آزاديءَ سان گڏ، مالي برابري هجي. امير غريب ننڍي وڏي جا تفاوت ختم ٿي وڃن، ان جو هندستان جي آزاديءَ جي هلچل تي اثر پوڻ اڻ ٽر هو. هندستان جي آزاديءَ جي هلچل ڪانگريس پارٽيءَ پاران مکيه طور پئي هلائي وئي ۽ ڪانگريس ۾ ملڪ جون ڀانت ڀانت ويچار ڌارائون شامل هيون ۽ ڪي ته هڪ ٻئي سان متضاد پڻ. ڪانگريس ۾ قدامت پرست عناصر پڻ هئا ۽ انقلابي ۽ عقل پرست پڻ شامل هئا، شاهوڪار شاهي ۽ پونجي واد جي پنيرائي ڪندڙ گانڌيءَ جيان شاهوڪارن کي غريبن جو ٽرسٽي ڪري تصور ڪرڻ ۽ سماجي ڍانچي ۾ بدلاءُ ڪرڻ جا حمايتي پڻ شامل هئا. هن آزاديءَ جي لهر ۾ ڪيترا ليکڪ پڻ شامل هئا، جن آزاديءَ جي جنگ ۾ قلم کان پئي ڪم ورتو.

جيئن مٿي چيو ويو آهي ته روس جي انقلاب بعد عقل پرست، انسان پرست ليکڪن تي سڄي دنيا ۾ گهرو اثر ٿيو، جن مارڪس جي سائنس تي ٻڌل سماجي بدلاءَ جي سماجوادي ويچار ڌارا کي اپنايو. گڏجي ڪم ڪرڻ، مارڪسوادي ڪم ڪرڻ جو هڪ قبوليل طريقو آهي، تنهنڪري اهو ضروري سمجهيو ويو ته هندستان ۾ جيڪي ليکڪ پاڻ کي سماج سان واڳيل ٿا سمجهن، جن لاءِ انساني قدرن، آزادي، اِنقلاب ۽ نا برابري خلاف آواز اُٿارڻ ضروري آهي، انهن کي گڏ ڪري جماعت بنديءَ جي طاقت ميسر ڪجي ته انهن جو گڏيل اثر وڌيڪ زوردار ٿيندو. پئرس ۾ ڪي مارڪسوادي مفڪر گڏ ٿيا ۽ اهڙي نموني جي سنستا برپا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هندستان مان ملڪراج آنند ۽ سجاد ظهير حاضر هئا، پوءِ انهن جي محنت سان ١٩٣٦ ۾ ترقي پسند ليکڪ سنستا

جي ڪانفرنس ٿي جنهن جو صدر اُن وقت هنديءَ جو لوڪ پريه ليکڪ منشي پريمچند هو. ليکڪ سنستا پاران پڌرنامو جاري ڪيو ويو جنهن جا ڪي ٽڪر هن طرح آهن:

”هندستان جي ليکڪن جو اهو فرض آهي ته هو ملڪ ۾ ٿيندڙ بدلاءَ جي ترجماني ڪن ۽ ملڪ جي عوام ۾ ترقي ۽ عقل پرستيءَ جي ٻوجهه پيدا ڪن ۽ ان کي اڳتي وڌائين. اسان جي زندگيءَ ۾ مرڪزي طور آيل وشواسن کي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکين ۽ جيڪي شڪتيون اسان کي اڳتي ترقي ڪرڻ ۾ مددگار آهن ۽ سماج ۾ سڌاريل بدلاءَ آڻين ٿيون انهن کي ترجيح ڏين.... اسان جو اهو پڻ وشواس آهي ته هندستان جو ساهت بک، سماجي طور پٺتي پيل ۽ ڏتريل طبقي جا مسئلا اڳيان آڻي ۽ سياسي آزاريءَ جي هلچل سان پاڻ کي جوڙي.“

هن پڌرنامي ۾ اهو سڀ هو جيڪو هندستان جي آزاديءَ جي جنگ جو حصو هو. انسان پرستيءَ جا سڀ عنصر موجود هئا ۽ پڙهيل سماج کي بدلائڻ جو سڏ پڻ هو، اهي سڀ آدرش هندستان جي باشعور ليکڪن کلي دل سان قبوليا ۽ اهڙي طرح ادب ۾ باشعور طرز تي ترقي پسند ڌارا هر ٻوليءَ ۾ اُڀري آئي. جنهن جو اثر سنڌي ادب تي پڻ ٿيو.

هتي ورهاڱي کان اڳ مختصر ۾ سنڌ ۾ ترقي پسند هلچل جو احوال ڏيڻ ضروري آهي ته هڪ قسم جي لاڳاپي ۽ سلسلي جو احساس قائم رهي. هتي مان گل حسين ڪلمتيءَ جي ڪتاب ’ڪراچي سنڌ جي مارئي‘ (٢٠٠٧) جي ڪتاب مان هڪ حوالو پيش ڪندس.

”گوبند مالهي سنڌ ۾ پهرين ادبي تحريڪ ’سنڌي ساهت سنگت‘ ۽ پهرين ترقي پسند رسالي ’نئين دنيا‘ جو باني هو جنهن جو گهڻو وقت ڪراچيءَ جي گهٽين ۾ گذريو. هن حشوءَ جي سنگيت ۾ رهي



ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پليٽفارم تان سياست ڪئي.... حشو ڪيولراماڻي، گوبند پنجابي، سوڀي گيانچنداڻي، نارائڻ شيام، شيخ اياز“ ۽ محمد ابراهيم جويو جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جي ترقي پسند ادب ۽ ترقي سياست (جو بيان) اڻ پورو آهي.... گوبند ڪراچيءَ جي اسٽوڊنٽس يونين جي پليٽفارمن تان سياست ۾ گهڙي سياست جي شروعات ڪئي... ڪاري در لڳ گوبند پنجابيءَ جو پريس ۽ ڪتاب گهر ڪميونسٽ پارٽي ۽ ادبي اشاعت جا مرڪز هئا. گوبند مالهي ڪاليج لائيف دوران انهيءَ پريس ۾ ڪم ڪندو هو. اڳتي هلي گوبند پنجابي پريس وڪڻي شڪارپور هليو ويو. باقي پارٽي دوستن نئين دنيا ڪتاب گهر کي سنڀاليو. ان دور ۾ ارجن شاد پڻ سرگرم ٿيو ۽ انهيءَ عرصي ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي هڪ ٻيو باغي شاگرد اڳوان، حڪومت طرفان ڏهه مهينا جيل ڪاٽڻ بعد اچي هنن سان ڪراچيءَ ۾ مليو.... ادبي ميدان ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر پاڻ ملهايو ۽ ورهاڱي کان اڳ ڪتابن شايع ڪرڻ جو رڪارڊ قائم ڪيو. گهڻو زور ترجمي تي هوندو هو.“

”اڳتي هلي گوبند مالهي پنهنجي ياٽيوار ايسرپوپلي سان گڏ ’نئين دنيا‘ رسالو شروع ڪيو، جيڪو شروعات ۾ فلمي رسالو هو ۽ پوءِ جلد ئي ادبي رسالو بڻيو. اهڙي طرح سنڌي ادبي سنگت جو پهريون صدر آسانند مامتورا، جنرل سيڪريٽري گوبند مالهي، جائنٽ سيڪريٽري ٻهاري ڇاٻريا ۽ پريس سيڪريٽري شيخ اياز مقرر ڪيا ويا.

ورهاڱي بعد حالتون بدلجي ويون

## ورهاڱي بعد هتي سنڌي ترقي پسند ادبي ڌارا ۽ سنڌيت جي هلچل ۾ گوبند مالهي، اُتم ۽ ڪيرت جو رول

هندستان جو ورهاڱو اوچتو ٿيو. اهڙيءَ صورت حال کي منهن

ڏيڻ لاءِ ڪنهن وٽ بہ ڪا اڳواٽ سوچيل رٿا نہ هئي. عوام ۾ ان وقت نفرت ۽ خون ريزيءَ جو ماحول پيدا ڪيو ويو ۽ اهو نفرت جو جن هڪ وار بوتل مان نڪتو تہ وري ان کي واپس بوتل اندر بند ڪري حالتون عام رواجي طور ڪرڻ جي ڪنهن کي بہ طاقت نہ هئي. هر طرف مونجهارو هو ۽ شخصي طور تي غير سلامتيءَ ۽ حراس جو عالم ڇانيل هو. اڳواڻن وٽ پڻ ڪا رهنمائي ڪرڻ جي طاقت ۽ مستقبل بابت سوچڻ جي طاقت نہ رهي هئي. جيتري خون ريزي ۽ تباهي بنگال ۽ پنجاب ۾ ٿي اوتري سنڌ ۾ ڪونہ ٿي. پر ڊپ ۽ ڏهڪاءُ جي ڪري هندو اقليت اتان لڏ پلاڻ ڪئي. ۽ جنهن کي جتي اجهو مليو. اتي رهي پوڻ لاءِ مجبور هئا. سنڌي هندو ڇاڪاڻ جو گهڻو ڪري واپاري ۽ وچولي درجي جا هئا. سماج جي چڻ هڪ ڦيٽ اتان جي سماج مان غائب ٿي ويئي ۽ هتي اچي وسي، هتي آيلن ۾ مزور ۽ ڪمي ڪاسبي ڪونہ هئا ۽ نہ ئي هاري ناري. هن طبقي جون ڪجهہ مخصوص گهرجون هيون ۽ زندگيءَ جا طرف، رجحان ۽ ملڪ نرالا هئا،جن ۾ ايشور ۾ وشواس ۽ قيمت ۾ وشواس اهم ڳالهہ هجي. اهو وشواس ئي اهڙين ڏکين حالتن ۾ سندن ڌڙ هو.

سياسي سطح تي سنڌ جي ڪانگريس جي اڳواڻن هندستان جي آئيندي بابت اهو پئي سوچيو تہ جنهن حالت ۾ هندستان ۽ پاڪستان جو وجود مذهب جي بنياد تي ٿيو آهي، ان حالت ۾ پڻ هندو مذهب سياسي مرڪز ٿيندو. ان حالت ۾ ڇاڪاڻ جو هو هندو هئا هو گهڻائيءَ جا اڳوان بڻجي پوندا ۽ پنهنجي سياسي حالت پختي ڪري سگهندا. هن سوچ جي اثر هيٺ جڏهن سنڌي جدا جدا هنڌن تي ٽڙي پکڙجي ويا تہ هنن کين اتان جي مڪاني ماڻهن ۾ جذب ٿيڻ جي صلاح ڏني. هن حالت ۾ سنڌ جي ٻولي جا هڪ صديءَ کان وڌيڪ عربي، فارسي



ڏيکاءُ ڏيندڙ مسلمانن جي نشاني طور ليکي وڃي، ان ڊپ وچان هنن سنڌي ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ جو سڏ ڏنو ۽ سندن وشواس هو تہ هندستاني هندو هندي هندستان جي راهہ تي گامزن ٿيندو. جيئن اڳ چيو ويو آهي تہ آزاديءَ جي هلچل ۾ ڪيترين ئي ويچار ڌارائون هيون، عقل پرستن ۽ تاريخي ماهرن هندستان جي اپکنڊ کي جدا جدا ٻولين جي الڳ رياستن جو مجموعو پئي تصور ڪيو. هندستان کي هڪ گل دستي سان پئي ڀيٽيو، جنهن ۾ جدا جدا گلن جي خوشبو الڳ هوندي پڻ سڀ ملي هڪ گلدستو ٺاهيندا آهن. ڪميونسٽ ويچار ڌارا وارن هندستان کي ٻولي بنياد تي جدا جدا رياستن جو مجموعو ڪري پئي تصور ڪيو. هن پس منظر ۾ جڏهن ورهاڱي کان اڳ جناح ۽ جي.ايم. سيد جي وچ ۾ شديد مت ڀيد ٿيا تہ هڪ ترقي پسند مفڪر محمد ابراهيم جويي هڪ چوپڙي ڇپائي Save Sind and save the Continent. جنهن ۾ نرالي ٻوليءَ کي هڪ اهم بنياد ليکيو ويو ۽ ان وقت سنڌ ۾ مارڪسواد جا پيروڪار هن ڪتابڙيءَ مان گهڻو متاثر هئا.

مٿئين پس منظر ۾ جڏهن سنڌي جاتيءَ جي جداگا هستيءَ ۽ هن جي سڃاڻپ جي بنيادي عنصر سنڌي ٻوليءَ تي حملو ٿيو تہ باخبر ليکڪن ۽ نوجوانن ۾ جيڪي سنڌ ۾ ڪميونسٽ ويچارڌارا سان جڙيل هئا انهن اها للڪار قبول ڪئي ۽ سنڌي جاتيءَ جي الڳ سڃاڻپ ۽ سنڌي ادب جي املهہ ورثي جي بچاءَ لاءِ ادبي ميدان ۾ ٽپي پيا ۽ جدوجهد جاري ٿي. جڏهن هندستان جو جوڙجڪ تيار ٿي لاڳو ڪيو ويو تہ ان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي تسليميءَ کان وانجهيو ويو ۽ اٿين سنڌي جاتيءَ جي الڳ سڃاڻپ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي بچاءُ لاءِ، پنج هزار سالن جي جهوني سنڌي تهذيب ۽ سنسڪرتيءَ جي بچاءُ لاءِ 'سنڌيت جي لهر' اُڀري جنهن جي اڳواني گوبند مالهي، اي.جي.اتم ۽ ڪيرت

باباڻيءَ ڪئي، جي سنڌ ۾ ترقي پسند هلچل سان وابسته هئا. جڏهن جنهن مورچي تي سندن ضرورت هئي اهي مورچا هنن بخوبي اڳواڻي ڪري سنڀاليا ۽ پاڻ کي هلچل جي سپاهيءَ طور پنهنجن عقيدن سان نباهيندي پاڻ سان ۽ پنهنجي جاتيءَ سان سچا رهيا. ساڳئي وقت پنهنجو قلم هلائيندا رهيا ۽ سندن خلقيل ادب سندن نظرئي 'ادب براءِ زندگيءَ' جي ترجماني آهي ۽ نه ڪه 'ادب براءِ ادب يا ڪلا'، جا صرف ڪلا لاءِ جي اصول جي پوئواري هئي. حقيقت ۾ سنڌي ساهت جو (خاص ڪري نثر جو) اهوئي نظريو شروعات کان رهيو آهي. شروعاتي دور ۾ سماج سڌار لاءِ ادب کي ذريعو بڻايو ويو ۽ اڳتي اها ڌارا حقيقت نگاريءَ جي ڌارا سان ملي آزاديءَ جي هلچل سان گڏو گڏ هلڻ لڳي ۽ اهڙي طرح ترقي پسند ادب جي ڌارا جو سنڌي ساهت ۾ اچڻ هڪ سڀاويڪ سلسلو هو. سنڌي ادب ۾ آدرشوادي نظريو ۽ حقيقت نگاري ٻئي گڏوگڏ پئي هليا آهن. پر هر حالت ۾ ادب زندگيءَ سان ئي لاڳو رهيو آهي. هنن ۾ فراريت جو عنصر نه جهڙو ملندو.(البت ڪن ڌرمي گرنٿن ۾ زندگيءَ بدران تياڳ کي اوليت ڏني وئي هئي. پر اهڙا جزوي مثال ئي ملندا) ادب کي صرف وندر جو واهڻ ڪري نه قبوليو ويو آهي. هن جدوجهد دوران ترقي پسند هلچل سان گڏ سنڌي ادب ۾ سنڌ جي ساروٽيءَ جي ڌارا پڻ شروع ٿي جا اڄ پڻ جاري آهي.

**اي.جي اُتم** (جنم ١٦ ڊسمبر ١٩٢٣ حيدراباد سنڌ، چالاڻو ٣ جنوري ٢٠٠٥ بمبئي)

مون اُتم بابت اڳي ڪنهن مضمون ۾ لکيو آهي ته اتم سچو ڪميونسٽ سنڌي ليکڪ هو. مارڪسوادي ليکڪ اُصولي طور اها ڳالهه قبول ڪندا آهن ته کين عاج جي مناري تي ويهي ويهي صرف قلم



هلائڻو ڪونهي پر جنهن محاذ تي انهن جي ضرورت هجي اهو محاذ سنڀالين. هن احوال جي زير اثر اسپين جي گهرو جنگ وقت ڪيترا ترقي پسند ليکڪ بندوقون کڻي عوامي جنگ ۾ شامل ٿيا. ٻيو مارڪسواد جو اصول آهي جماعت بندي ۽ گڏجي رٿائتي نموني عوام ۾ ٻوجهه ۽ شناس پيدا ڪرڻ ۽ ادب پڻ ان مقصد لاءِ هڪ واهڻ ئي آهي. هتي هندستان ۾ اچڻ بعد اي.جي.اُتم اهو محسوس ڪيو ته سنڌي قوم جي ڏکئي وقت ۾ انهن جي ڏک سک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي انهن کي اميد جو پيغام پهچائڻو آهي ۽ ان لاءِ سرگرم سياست کان هٽي منجهن پنهنجيءَ هستيءَ جي جدوجهد لاءِ اتساهت ڪرڻ لاءِ ساهت سرجڻ ڪرڻ ضروري آهي. حيدرآباد ۾ هو ڪاليج مسلنيءَ جو ايڊيٽر رهي چڪو هو ۽ ليکڪن جي گڏجاڻيءَ لاءِ جماعت بنديءَ جو ڪم ڪيو هئائين سو هتي گوبند مالهي، گوبند پنجابي ۽ ٻين ساٿين جي مدد سان ڪن بزرگ ليکڪن کي گڏي ڪري ادبي ڪلاس جو سلسلو جاري ڪيائين جو شروعات ۾ نئون ساهت منڊل طور وجود ۾ آيو، جنهن جو نالو ترت بدلائي سنڌي ساهت منڊل رکيو ويو. هن ۾ بزرگ اديب پروفيسر ايم.يو.ملڪاڻيءَ صدر طور مثالي رول ادا ڪيو ۽ هن سنستا سنڌي ساهت جي اهم ليکڪن جي ٽولي کي جنم ڏنو، جن اڳتي هلي نه صرف پاڻ کي سرخرو ڪيو پر سنڌي ساهت ۾ پڻ فخر لائق دين ڏني. ان دور ۾ ليکڪ ڪئمپن ۾ وڃي عوام سان سنٻنڌ قائم رکڻ جي مقصد سان اُتي مشاعرا ڪندا هئا ۽ آکاڻيون پڙهندا هئا ۽ ملول عام شخص سون جي تعداد ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اهي ٻڌندا رهندا هئا. منڊل جي ليکڪن کان اپٽا جا اتساهه ڀريل گيت سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايا ويندا هئا، جن کي شوو رامناڻي بلند آواز ۾ پيش ڪندو هئو- اهڙي نموني وارو سنڌيءَ ۾ شاعريءَ، ڪهاڻين ۽ راڳ جي پروگرامن جو سنگم اڳي

ڪونہ ڏنو ويو. هنن سيني سرگرمين ۾ اُتم اڳرو رهيو.

جڏهن ايترو ادب پيدا ٿي رهيو هو تہ ان جي ڇاپي جي پڻ ضرورت محسوس ڪئي ويئي ۽ اهڙي طرح نئين دنيا ادبي رسالي هتي نئون جنم ورتو. شروعاتي ڪجهہ وقت لاءِ هن جو ايڊيٽر بهاري ڇابريا رهيو، پوءِ لڇمڻ راجپال ۽ ١٩٥٧ تائين گڏيل ڪم ڪرڻ جي مٿي تي ٽن ڄڻن جو ايڊيٽوريل بورڊ هو، جنهن ۾ اُتم پڻ شامل هو. جڏهن دوستن وڌيڪ نقصان نہ ڀري سگهڻ ڪري نراس ٿي نئين دنيا بند ڪرڻ جو سوچيو تہ اُتم خود وشواس سان ڀرپور جذبي سان هن کي شخصي سطح تي هلائڻ جي آڇ ڪئي ۽ پوءِ اها اَڪيل ويهن سالن تائين شان مان سان هلندي رهي. 'نئين دنيا' رسالي کي ڪيترا ئي ليک سنڌي ادب کي ڏيڻ جو شرف آهي. 'نئين دنيا ۾ ٥٠٠ اصلوڪيون آکاڻيون، ٢٠٠ مضمون ۽ ١٠٠٠ کان مٿي شعر ڇپيا ويا. (اميد آهي تہ ڪو ڪوجنيڪ نئين دنيا ۽ سنڌي ساهت منڊل جي رول تي کوجنا ڪري ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪندو). 'نئين دنيا جا ١٠ خاص انک آهن جي سانڍڻ لائق آهن.

اهڙي طرح جڏهن سنڌو ڌارا 'هفتيوار اخبار جيڪا سنڌيت جي هلچل جو واهڻ هئي، دوستن نراس ٿي بند ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو، تہ اُتم پنهنجي اصولن ۽ آتم وشواس ڪري اڳتي وڌي آيو ۽ ان بعد سنڌوڌارا ٻوڏن لمن مان اُڀري ڪيترا سال هلندي رهي، جيستائين هلچل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ روزاني 'سنڌو سماچار' نہ ڪڍي ويئي، جنهن ۾ پڻ مکيہ طور اُتم ناگراڻيءَ سان گڏ سمپادڪي سنڀالي ۽ ان اخبار جو ڪرنگهو ٿي رهيو. بعد ۾ ڪجهہ وقت جڏهن احمدآباد مان نڪرندڙ جهوليلعل اخبار ديال موتواڻيءَ جي عليل صحت ڪري ڏوڏون ۾ آئي تہ هن ان کي پڻ بمبئيءَ ۾ رهندي جاري رکيو جنهن لاءِ کيس باقاعدي بمبئي ۽ احمداباد جا چڪر ڪاٽڻا پوندا هئا.



نئين دنيا ڪتاب گهر پاران پڻ ڪيترائي اصلوڪا ۽ ترجمو ٿيل ڪتاب ظاهر ٿيندا رهيا. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت جو پايو وجهندڙ جنرل سيڪريٽري پڻ اُتم رهيو ۽ شروعاتي سالن ۾ هڪ سجاڳ سڪانيءَ جيان اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا کي پوري ميزان ۾ اڳتي هلائيندو رهيو. (ان وقت سڀا ۾ ديوناگري لپيءَ جا حمايتي پڻ شامل هئا. ان سلسلي ۾ ميزان جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي) سڀا جي تواريخ ۾ پڻ بنگلور سميلن بعد ڪي سال سميلن نہ گهرايو ويو، تہ هيءُ اڳتي وڌي آيو ۽ هن اٽڪ جاکوڙ ڪري الور ۾ ڪامياب سميلن جي جوابداري بخوبي نباهي.

اهو سڀ ڪندي پڻ هو هڪ تخليقي ۽ ادبي تنقيد جي کيتر ۾ سرگرم رهيو. سندس بہ آکاڻين جا مجموعا آهن، 'ڪشمڪش' (١٩٧٢) ۽ 'هو جهان هيءُ من' (١٩٩١). نقاد طور هن، ايم. يو. ملڪاڻي جيوني ۽ جائزو، ليکراج عزيز ۽ ڪلياڻ آڏواڻي جيوني ۽ جائزو لکيا آهن.

ادبي تنقيد تي سندس پنج ڪتاب آهن. (١) ٽئگور هڪ جهلڪ (٢) سنڌي ساهت (تنقيد ۽ تحقيق) (٣) ساهت ۽ ساهتڪار (تنقيد ۽ تحقيق) (٤) سجاڳ سنڌ (٥) سنڌي ناٽڪ، ڪهاڻي، تنقيد. پنهنجي عقيدي سان نباهيندي هن اخبار نويسيءَ جي طرز تي پڻ ڪتاب لکيا آهن. (١) سوويت سرڳ (٢) نئون چين (٣) ڀارت روس دوستي (٤) مهاتما ۽ لينن (٥) ڀارت جو دوست لينن.

١٩٥١ ۾ جڏهن اُتم سياست کي ڇڏي ادبي ميدان ۾ پير رکيو تہ هن پنهنجي سامهون ڪي اصول رکيا. جن کي مان سندس پڙنامن ڪري ٿو مڃان. جو گهڻو ڪري سيني ترقي پسند ڌارا جي ليکڪن جي نظرئي جي ترجماني ٿو ڪري.

(١) سماج ۽ ساهت جو گهاٽو سنبنڌ آهي. مشهور يوناني فيلسوف

ارسطوجي چوڻ موجب صرف جانور ۽ ديوتائون ئي سماج کان
الڳ رهي سگهن ٿا.

(٢) در اصل انسان جو دماغ ئي آهي، جو هر ڪنهن فن کي جنم ڏئي ٿو ۽ دماغ جي پرورش غيروادي مطلق ۽ معبرد خيالات تي نہ بلڪ انسان جي آزمودن ۽ خاص وايو منڊل تي ٿئي ٿي. جيئن ساهتڪار جو علم ۽ آزمودو وڌي ٿو، تئين ان جو اثر هن جي خيالن تي پوي ٿو ۽ پوءِ هنجي لکڻيءَ تي. پوءِ اها لکڻي بي مقصد ڪيئن ٿي سگهندي ۽ ان ڪري اديب زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ باخبر يا بي خبر، سڌي يا اڻ سڌي طرح ترقي پسند يا رجعت پسند طاقتن جو ساٿ ڏئي ٿو. هن جي غير جانبداريءَ جي دعوي غير معني آهي.

(٣) زندگيءَ ۾ ترقي پسند هر ڪنهن چيز لاءِ پيار پيدا ڪري ٿو ۽ رجعت پسند چيز لاءِ ڌڪار.

(٤) سماج پيداوار ذريعن جي بنياد تي، مختلف طبقن ۾ ورهيل آهي. هڪ نہ ٻئي طبقي انهن ذريعن کي ترقي ڏيئي، ان مان پيدا ٿيل سماجي لاڙن کي ترقي يافتہ صورت ڏيئي، انساني زندگيءَ کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهو طبقو پنهنجي زماني جو ترقي پسند طبقو ٿي رهيو آهي.

(٥) عوامي زندگي سندس تخليق لاءِ ڪچو مال ميسر ڪري ٿي ڏئي، جنهن کي پنهنجي رچنا شڪتي ۽ ڪلا سان نپي ٺاهي هو ادب پيدا ڪري ٿو. اديب کي پنهنجي ملڪ ۽ زماني جون گهرجون پوريون ڪندي اهو ضرور خيال رکڻ کپي تہ ڪٿي هن جو ادب سکڻو اڻ گهريو پرچار تہ نٿو ٿي پوي ؟ سوال ٿو اُٿي تہ ڪهڙو بہ سهڻو خيال ڪنهن ڪجسي روپ ۾ پيش ڪرڻ سان ساهتڪار ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو؟ اصل نہ.



(ڪتاب ادب ۽ تنقيد، مان کنيل - هيءُ مضمون سال ١٩٥١ نئين دنيا ۾ ڇپيو ويو هو. هتي ڏنل سلسلو ۽ نمبر مون پاران آهن.)

اُتم ١٩٦٠ ۾ سرڪاري نوڪريءَ تان استعفا ڏيئي سڄي زندگي سنڌيت جي هلچل کي ارپڻ ڪئي.

**ڪيرت ٻاٻاڻي** (جنم ٣ جنوري ١٩٢٢ نوابشاه (سنڌ) ۽ لاڏاڻو ٧ مي ٢٠١٥ ممبئي)

ڪيرت ٻاٻاڻي ورهاڱي بعد بہ ڪجهہ وقت ڪراچيءَ ۾ رهي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪم ڪندو رهيو ۽ هڪ پورهيت اڳوان جي صورت ۾ ڪيس پاڪستاني جيل ۾ ١١ مهنا سزا ڀوڳڻي پئي. آزاد ٿيڻ بعد ڪيس ڪراچيءَ مان نيڪاليءَ جو حڪم پڻ ڏنو ويو. هو ڪراچي ڇڏي حيدرآباد ۾ اچي حيدربخش جتوئيءَ جي هاري هلچل ۽ پريس ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. پر سرڪاري جاسوسي ڪاتي پاران لڳاتار چوڪسيءَ ڪري هو ڪو بہ زميني ڪم ڪرڻ کان محروم رهيو. هن احساس ڪري اٽڪل ٥١-١٩٥٠ ۾ هو هندستان ۾ آيو. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ پنهنجي آتم ڪٿا ’ڪجهہ ٻڌايم - ڪجهہ لڪايم.‘ عنوان سان لکي آهي. ان حالت ۾ هن جي من جي حالت ۽ سندس وشواسن بابت سندس آتم ڪٿا مان کي حوالا پيش آهن.

هن پاڻيءَ جي جهاز تي سنڌ ڇڏڻ مهل سوچيو ”مان هن بدبخت ورهاڱي تي سوچي رهيو آهيان. هيءَ تاريخ جي ڪهڙي ٺٺولي آهي... سياست جو ڪهڙو ستم آهي! هزارن سالن کان پنهنجي ڌرتيءَ تي وسيل سادن، سباجهن، بي ڏوه انسانن کي پاڙن کان پٽيو ويو آهي. ڪين اها بہ جاڻ نہ آهي تہ مٿن هيءُ قهر ڇو ناز ٿيو آهي. ڪين تہ پنهنجي منزل جي بہ جاڻ ڪانهي، آئينده جي بہ جاڻ ڪانهي. ڪير ڏيندو هنن سوالن جا جواب ؟ جن وٽ جواب آهن سي ڪونہ ڏيندا!

چاڪاڻ جو هو خود ڏوهاري آهن. مذهب جي حيوانيت ۽ سياستدانن جي شيطانين تي مذهبي من، بدن ۽ ذهن ۾ ولوڙو اڇي ويو آهي.``

شروع ۾ ايل.ايل.بي. جي امتحان جي تياري ڪندي هن مختصر عرصي لاءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي شاگردن جي تنظيم ۾ بهرو ورتو. پر جلد محسوس ڪيائين تہ عوام ۾ هتي جاءِ ناهڻ ۽ ضميري ساهت زميني سطح تي هتي سندس مقصد لاءِ بيسود ثابت ٿيندو ۽ هو هتي شروع ٿيل سنڌي ادب ۽ سنڌيت جي هلچل سان واڳجي ويو. ان جو بيان هن نموني ٿو ڪري :

”سچاڳ ايماندار ۽ سنڌي ٻوليءَ سان پريم رکندڙ سنڌي اديبن ۽ عالمن اڳيان تاريخ هڪ وڏو چئلينج اڇليو هو. هڪ طرف هو پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ کان پٽجي نڪتا هئا، ٻئي طرف سندن ٻوليءَ تي حملو ٿيو هو ۽ ٽئين طرف تمام خطرناڪ سازش بہ شروع ٿي ويئي تہ سنڌي پنهنجي شاندار ۽ شاهوڪار ماضيءَ کي وساري ڇڏين، تنهنڪري نوجوان اديبن کي ٻن محاذن تي لڙڻ لاءِ سندرو ٻڌڻو پيو.... هڪ دفعو جيئن مان سنڌي ٻاشا جي سلامتيءَ ترقيءَ لاءِ ايرندڙ تحريڪ سان جڙي ويس تہ جڙيو ئي رهيس، بلڪ ان ۾ وڌيڪ گهرو ۽ سرگرم ٿيندو ويس.``

مارڪسواد جي فلسفي ۽ ادب ڏانهن ترقي پسند ڏارا سان ۽ سماجواد ۾ وشواس رکندڙ غير سنڌي ادارن سان با عمر وابستگي قائم رکيائين پر ڪنهن بہ اصول جي ڪٽرپڻي کان پري رهيو. هو پنهنجو نظريو هن ريت ٿو بيان ڪري.

”منهنجي جيون جي هر وهنوار ويچار ۽ چيز ڏانهن عقل پرستيءَ جو رُخ رهندو آهي. مان سيني هٺراڌو ٻنڌڻن کان مڪت آهيان. منهنجي چاهنا ڪنهن نقلي قيد کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي،



سيني غير عملي سنٻنڌن کان منڪر آهيان. مان ڪٽر پنٿي يا ويسهہ وسوڙل نہ آهيان. مان ڪنهن بہ مت جو پوڄاري نہ آهيان. ڪنهن بہ ويچار يا ويڪتيءَ اڳيان سجدو ڪندڙ نہ آهيان. مان صرف مارڪس جي فلسفي کان متاثر ٿيو آهيان...

تاريخ جي گهري اڀياس مان هن جو اهو وشواس پئدا ٿيو تہ سياسي سرحدون بدلجنديون پئي رهيون آهن. تواريخ ۾ هڪ ٻن صدين کي ڪا معنيٰ نہ ٿيندي آهي ۽ ٻولي ۽ ڪلچر جون حدون قدرت پاران جاگرافي ناهيندي آهي جي سدائين ساڳيون قائم رهنديون آهن. هيءُ ورهاڱو (هندستان ۽ پاڪستان جو) غير قدرتي آهي. هندستان جا سنڌي ۽ سنڌ جا سنڌي هڪ ئي جاتي يا قوم جا فرد آهيون. اسان کي هڪ ٻئي جي تڪليفن ۾ گڏجي ڀاڱي ڀائيوار ٿي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ساٿ ڏيڻ ضروري آهي. هو هندستان جي سنڌين لاءِ سندن سياسي حقن لاءِ آواز اٿاريندو رهيو. راجيو گانڌيءَ سان گڏجي سنڌين جي سياسي حقن لاءِ عريضا ۽ گهرون پئي ڪيائين. ساڳئي وقت سنڌ ۾ ٿيندڙ سنڌين مٿا ٿيندڙ ظلم خلاف جي.ايم. سيد جي اڳوانيءَ هيٺ جيئي سنڌ هلچل شروع ٿي تہ ان هلچل سان پڻ پوري سرگرميءَ سان وابست ٿيو. پنهنجي جيونيءَ ۾ ان جو ذڪر هن ريت ٿو ڪري :

”ڀارت ۾ سنڌين جي هلچل کي ڇڏي باقي جنهن وڏي ۾ وڏي ڪارج کي گهٽي ۾ گهٽو وقت ۽ شڪتي ڏني اٿم، سا سنڌ ۾ هلندڙ هلچل آهي. ان سان منهنجي ڪمٽمينٽ ايتري ئي مضبوط آهي جيتري سنڌيت جي هلچل سان آهي. منهنجي سمجهہ ۾ هڪ ئي سڪن جا ٻا پاسا آهن ۽ ٻنهي جي مراد بہ هڪ ئي آهي. سنڌي جاتيءَ جو سومان قائم رکڻ. سنڌي ڀاشا، تهذيب ۽ ورثي جي حفاظت ڪرڻ ۽ سنڌين جي واجبي حقن لاءِ هر قسم جا يتن وٺڻ. ٻنهي ملڪن ۾ ساڳي

مراد سان هلندڙ هلچلون هڪ ٻئي کي اُتساهه بخشين ٿيون. راڄنيتي سطح تي هنن جو پاڻ ۾ ڪو به تال ميل ڪونهي. آزاد ملڪن جون آزاد تحريڪون آهن. ان پنيان ڪا به ڏور اٽڪيل ڪانه آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻي سنڌي ترقي پسند هلچل ۾ شروع کان ئي سرگرم رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي ۱۹۴۶-۴۷ تائين 'صداقت' رسالي جو ايڊيٽر رهيو. ۱۹۵۰ کان ۱۹۵۵ تائين 'نئين دنيا' جي گڏيل ايڊيٽر طور رهيو ۽ سنڌو ڌارا هفتيوار جو ۱۹۵۹ کان ۱۹۷۳ (چوڏهن سال) سنپاليندڙ ۽ ايڊيٽر رهيو. جيئن مٿي چيو ويو آهي ته هن جو 'جيئي سنڌ هلچل سان پڻ گهرو لاڳاپو هو. ان بابت ڄاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ هن انگريزيءَ ۾ ماهوار اخبار جاري ڪئي 'سنڌ رائيزز' ۽ سنڌيءَ ۾ 'سنڌ سڄاڳ'. انهن جو پڻ هو ۱۹۹۱-۲۰۰۴ تائين ايڊيٽر رهيو. سڀا جي سلور گولڊن جبليءَ جي موقعي تي هن سڀا جي تواريخ پڻ لکي، جنهن ۾ هيءُ ليکڪ ۽ هري پنڪج شامل هئا.

هن ڪل پنڌرهن ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ چار ڪهاڻين جا مجموعا آهن، ٻه ناٽڪن جا، چار ادبي تنقيد جا، هڪ لوڪ ڪهاڻين جو، هڪ سفرنامو ۽ هڪ لينن جي جيوني اچي وڃن ٿا. هن ٽي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا ۽ ساهت اڪاڊميءَ پاران هڪ ڪتاب لوڪ ڪهاڻين تي ايڊٽ پڻ ڪيو.

سنڌي ساهت منڊل ۾ سرگرم رهي هو اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو صدر ۱۹۷۲-۸۰ ۽ ۱۹۸۷-۹۷ اٽڪل ويهه سال رهيو جنهن دوران سڀا جي پاران ليکڪ سيمينار ڪرائڻ، تعليمي ڪانفرنس ڪرڻ، ناٽڪن جي چٽا ڀيٽي ڪرڻ جهڙا ڪي ڪم جاري ڪيا ويا ۽ سڀا پاران هندستان ۾ سنڌين لاءِ راڄنيتي حقن جو سوال پڻ اٿاريو ويو . ان محاذ تي پڻ چستيءَ کان ڪم هلندو رهيو.



ڪيرت ٻاٻاڻي نه صرف سنڌي ادبي محاذ تي سرگرم رهيو، پر سماجوادي ملڪن سان دوستيءَ وارين سنستائن ۽ هلچل سان پڻ جڙيل رهيو. بين القوامي امن هلچل ۾ جنرل سيڪريٽريءَ طور سرگرم ڀهرو ورتو هو. انڊو سوويٽ فرينڊشپ ائسوسئيشن جو نائب صدر رهيو ۽ پولنڊ جي ڀارت سان دوستيءَ جي سنستا جو صدر رهيو. هن کي سوويٽ يونين ۽ زيڪوسلاويڪا ۾ پڻ گهرائي مان ڏنو ويو. جيئي سنڌ هلچل جي سلسلي ۾ هو لنڊن ۽ آمريڪا پڻ ويو.

هن اهڙي طرح هر کيتر ۾ پاڻ کي موکيو ۽ آخر ۾ جنهن سنڌ مان کيس زوريءَ نيڪالي ڏني وئي هئي. ۽ کيس سنڌ وڃڻ لاءِ ويزا ڏيئي، پندرهن منٽن ۾ کيس پاڪستان جو دشمن ڄاڻي رد ڪئي وئي. سندس موت بعد سنڌ اسيمبليءَ اعزاپرسيءَ جو ٺهراو بحال ڪيو. اها ٿيندي آهي اتهاس جي ٺٺولي.

**گوبند مالهي** (جنم ۵-۸-۱۹۲۱ ناروشاهه-سنڌ - چالاڻو ۱۰-۶-۲-۲۰۰۱ ممبئي)

گوبند مالهيءَ بابت اڳوات ئي ورهاڱي کان اڳ سندس سياسي ۽ شروعاتي ادبي رول بابت بيان ڪيو ويو آهي. ورهاڱي بعد هن ڪنهن به سياسي ڪم ۾ ڀهرو نه ورتو. هن سنڌي ساهت منڊل جي جماعت بندي ۽ ادبي کيتر ۾ سرگرم ڀهرو ورتو. هن جو نظريو ترقي پسند رهيو ۽ شروعاتي ناولن ۾ هن ڪردار پڻ اهي چونڊيا. هن کي 'سيپه' سماج سدائين حاشيءَ تي رکندو آيو آهي.

۱۹۵۵ ڌاري هن جو لاڳاپو - اپٽا سان پيو. (Indian Peoples theater Association) جيڪا ڪميونسٽ ۽ مارڪسوادي ويچار رکندڙ ڪلاڪارن جي سنستا هئي. ناٽڪ، گيت سنگيت دوران عوام ۾ 'نئين يگ' لاءِ ۽ نون قدرن کي ترجيح ڏيڻ جو واهڻ بڻايو ويو هو. مالهيءَ سان گڏ اپٽا ۾ مدن جماڻي ۽ جي.ايشو پڻ

اداڪارن طور شامل ٿيا ۽ جي. ايشوءَ جي پيڻ پڳونتي ناواڻي، جا مالهيءَ جي سڪول ۾ شاگرد هئي، اها پڻ ڪنوگهوش جي يوٿ ڪوئر ۾ سنگيت ٽوليءَ ۾ بهرو ونڻ لڳي. مالهيءَ گورڪيءَ جو ناٽڪ Lower Depths هندي، اُردوءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ اِن دوران هندستان جي اوچ ڪوٽيءَ جي ڊائريڪٽر رتوڪ گهٽڪ (جنهن راجڪپور جي جاڳتي رهو ڊئريڪٽ ڪئي هئي) ۽ بلراج ساهنيءَ سان گهرائپ ٿي. بلراج ساهنيءَ جيڪو، ترقي پسند ڌارا جو گنڀير منڪر هو تنهن اِپٽا جي سنڌي ڪلاڪارن کي صلاح ڏني تہ سندن ضرورت سنڌي سماج کي وڌيڪ آهي ۽ کين سنڌي سماج ۾ ڪلا ۽ پنهنجي شاندار ڪلا جي ورثي کي اڳيان آڻڻ کپي. سندس دليل وزنائتا قبولي هنن گوبند مالهيءَ جي رهنمائي هيٺ سنڌي سماج جي هن کيتر ۾ گهرج پوري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ان وقت سنڌي ساهت منڊل جا ليڪ ساليانا ڪلچرل پروگرام پڻ ڪندا هئا، جن ۾ گيت سنگيت سان گڏ ايڪانڪي ناٽڪ پڻ هوندا هئا. اهڙي طرح گوبند مالهيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ منشي پريمچند جي ڪهاڻيءَ ’ڪفن‘ کي ناٽڪي روپ ڏيئي پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ مدن جماڻيءَ ۽ جي. ايشوءَ اداڪاري ڪئي. اهو ناٽڪ سنڌي رنگ منچ تي معيار جي لحاظ کان هڪ حد نشان ڪري ليکيو ويو.

ان بعد گوبند مالهيءَ سنڌي اسٽيج کي ڪافي ناٽڪ ڏنا ڪي اصلوڪا هوندا هئا ۽ ڪي وري ترجمو يا الٿو ڪيل هوندا هئا. اهڙي طرح پروفيسر ملڪاڻي جنهن کي ’منهنجو سڦيم ناٽڪ‘ ڪري چوندو هو، اها ڪوٽ پرپور نموني پرجڻ لڳي. وقت پئي آنند مٽائي ۽ رميش چاچاڻي دهليءَ جي ناٽڪ اڪاڊميءَ مان سکيا وٺي آيا. مدن جماڻي ۽ موتي پرڪاش بمبئيءَ جي ناٽڪ اڪاڊميءَ مان ڊپلوما حاصل ڪيو. سنڌي ناٽڪ منڊليون پئدا ٿيون، جن وڏا ناٽڪ ڏيڻ شروع ڪيا تہ گ



وبند مالهي هن کيتر ۾ بنيادي رول ادا ڪري پڳونتي ناواڻيءَ سان گڏ سنگيت ٽولي ڪلاڪار منڊل ٺاهي سڄي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هڪ رمتي جوڳيءَ جيان سنڌي جاتيءَ جي سنڌي راڳ لاءِ اڃ پوري ڪئي ۽ کين ترپت ڪيو.

هن کان اڳ ماسٽر چندر پنهنجي نوع جا راڳ ۽ رام پنجواڻيءَ جي گيتن جي طرز صوفياڻي چونڪيءَ جي هئي. گوبند مالهي هڪ باشعور سونهين جيان لوڪ سنگيت جو خزانو پيش ڪيو جنهن ۾ لاڏا، اوراڻا، لوليون ۽ ٻيون ڪيتريون لوڪ صنفون پيش ڪيون ۽ سنڌي سنگيت جي لوڪ ورثي کي هتان جي عوام ۾ لوڪ پريہ بڻايو. گوبند مالهي درشڪن جي رڳ سڃاڻي، پنهنجي ڪامينٽريءَ سان هڪ سلسلو جوڙيندو هو جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ پيغام سمايل هوندو هو ۽ سنڌ سان اٽوٽ رشتي ۾ وشواس رکي يهودين جيان اميد قائم رکندو هو، جيئن يهودي صدين تائين هر ميڙ جي آخر ۾ اهو نعرو بلند ڪندا هئا. ’’اول خير ايندڙ سال ازرائيل ۾ ملنداسين.‘‘ اهڙي طرح گوبند مالهي پڻ هر پروگرام جي پڇاڙي هن طرح ڪندو هو، ’’اول خير ايندڙ چيٽي چنڊ سنڌ ۾ ملهائينداسين.‘‘

هن ڳالهہ تي عجب ٿو لڳي تہ اهو شخص جنهن جي سڄي زندگي هل هلان ۾ گذري، اهو شخص سنڌي ادب کي ٢۴ اصلوڪا ناول ڏيئي سگهيو ۽ چاليهہ ننڍا ناٽڪ لکي سگهيو. هن جيترا ۽ ادبي معيار جا ناول ۽ ناٽڪ ڪو چمتڪاري شخص ئي ڏئي سگهي ٿو.

هاڻي ڪجهہ پاڻ بابت :

مون هنن غير رواجي شخصيتن جي ساٿ مان گهڻو پرايو آهي. مان خوش نصيب آهيان جو مون کي سندن ساٿ ۽ پيار مليو آهي. اسان سيني نئين سماج بابت ساڳيا سپنا ڏٺا آهن. منهنجا رخ پڻ ساڳيا رهيا

آهن. ڇا ۾ ڪيترو ڏيئي سگهيو آهيان، ٿي سگهي ٿو ان جي ڪٿ اڳتي هلي ٿئي يا نہ ٿئي. مان صرف هڪ زنجير جي ڪڙي آهيان. ڪيتري سگهاري يا ڪمزور! مان نٿو ڄاڻان.

ترقي پسند ادب جي ڌارا ۾ وشواس رکندڙ مان ان پيڙهيءَ جو آخرين ۾ اڪيلو فرد رهجي ويو آهيان. روح ۾ ڇڻ ڪنهن قسم جو سناٽو محسوس ڪري رهيو آهيان. پر هڪ وشواس اٿم.

ڄاڻان ٿو ڀائيچارو Fraternity ، برابري Equality ۽ آزادي Liberty جو نعرو هر يگ ۾ گونجندو رهندو جيستائين نئون يگ ايندو.

مان ٻڌندڙ صبح آهيان
جلد ئي
اوندهہ جي سمنڊ ۾
غرق ٿي ويندس
پر
اوندهہ جي عميق ۾
هڪ ڊگهو سفر
پورو ڪري
مان وري ڪڏهن
مرڪندو ظاهر ٿيندس
اوهان پڪ ڄاڻو

(بمبئيءَ ۾ ۴ آگسٽ ۲۰۱۹ ساهت اڪادمي سيمينار ۾ پيش ڪيل)



## موهن گيهاڻيءَ جي ساهتيہ رچنا

### سنڌي - ڪوتا


۱. پوپٽ پڪڙيندي ۱۹۹۳
۲. منهنجو نگر ڪهڙو ۲۰۰۱
۳. رڻ پٽ ۾ ۲۰۱۲
۴. لوڻ منو ٿي پيو ۲۰۱۶
۵. سپنا پوکيندي ۲۰۱۹


### تاريخ


۱. جهلڪون سنڌ جي تاريخ جون ۱۹۹۸
۲. سنڌيت جو سفر ۲۰۰۷


### ناٽڪ


۱. تہ خوابن جو ڇا ٿيندو ۲۰۰۹


### نرتيہ ناٽڪا


۱. سنڌوُ ڌارا ۲۰۱۰
۲. زال ڪڏهن زيرِ ڪڏهن زَبر ۲۰۱۰


### متفرق


۱. جا چتايم چٽ ۾ ۱۹۹۹
۲. ٽڙيل پکڙيل پنا ۲۰۱۳
۳. وهندڙ نديءَ ۾ چند پيتاڙيون ۲۰۱۷
۴. ڌاڙا ميڪڻ ۲۰۲۰
۵. وکر سو وهاءِ ۲۰۲۱
۳. يادگيريون (ڇاپي هيٺ)


### ترجمو


۱. هندستان جي تواريخ جو اڀياس (ڊي.ڊي. ڪوسمبي) ڇاپي ۾
۲. ڀارت ناٽيہ شاستر ۲۰۱۳
۳. اِهو پراچين سرمنڊل ۲۰۱۴

**English**

**Monographs**

| | | |
|---|---|---|
| 1. | Popati Hiranandani | 2013 |
| 2. | Prabhu Wafa | 2015 |
| 3. | Kirat Babani | 2016 |
| 4. | Sundari Uttamchandani | 2018 |

**Poetry**

| | | |
|---|---|---|
| 1. | Brittle Ice (Ed. Menka Shivdasani) | 2015 |
| 2. | While sowing dreams ("") | 2021 |

**General**

| | | |
|---|---|---|
| 1. | Brief introduction to History of Sindh | 2008 |
| 2. | Desert Land to Homeland (General) | 2010 |
| 3. | Gateway to Sindhi Litterature | 2016 |

**Translation**

| | | |
|---|---|---|
| 1. | Sindhi Folk Tales | 2009 |